ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO -2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) جمعو 23 جنوري 2026ع 03 شعبان المعظم 1447 ھ صفحا 6 - ملھ 30 روپيه شمارو (161)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

ڪشمير ۽ فلسطين تي ڪوبه سمجھوتو نه ٿيندو: طارق فضل

بورڊ آف پيس ۾ شرڪت هر پاڪستاني جي دل جو آواز آهي

پاڪستان جي شرڪت جو مقصد نئين سر تعمير جي حمايت آهي

اسلام آباد (اي پي پي) پارلياماني معاملن واري وفاقي وزير ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري واضح لفظن ۾ چيو آهي ته ڪشمير ۽ بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو2

پي ٽي آءِ 8 فيبروري تي ماڻھو نه ڪڍي سگھي ته 6 مهينا پوئتي هلي ويندي: شير افضل

جيڪڏهن پي ٽي آءِ وڏي انگ ۾ ماڻھو ڪڍڻ ۾ ڪامياب ٿي ته ڳالهين جو مستقبل روشن هوندو

پشاور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) تحريڪ انصاف جي باغي اڳواڻ شير افضل مروت چيو آهي ته حڪومت ۽ ماڻھن جون 8 فيبروري تي بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو2

گل پلازه جي سرچ آپريشن جو عمل جاري، گم ٿيلن جي وارثن جو عورتن سميت احتجاج، دانهون

گم ٿيل ماڻھن جي وارثن وڏي انگ ۾ گل پلازه پهچي احتجاج ڪيو، انتظاميه خلاف سخت نعريبازي

پوليس ۽ رينجرز عمارت عورتن کي عمارت جي اندر داخل ٿيڻ کان روڪي ڇڏيو، صورتحال وڌيڪ جذباتي ٿي وئي

سانحي جي سمورن سببن ۽ ذميوارن جو تعين ڪرڻ لاءِ جامع مڪمل شفاف نموني سان جاري آهي: ڊي سي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سانحو گل پلازه ايم اي جناح روڊ تي واقع گل پلازه ۾ باهه لڳڻ واري دل ڏڪوئيندڙ سانحي بعد ڇهين ڏينهن به صورتحال انتهائي ڇڪتاڻ جوڳي رهي جتي لاپتا ماڻھن جي وارثن وڏي انگ ۾ بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو2

پاڪستان، آمريڪا، ترڪي ۽ سعودي عرب سميت مختلف ملڪن غزه امن بورڊ جي چارٽر تي صحيحون ڪري ڇڏيون

عالمي اقتصادي فورم جي 56هين اجلاس جي موقعي تي آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي ميزباني ۾ غزه امن بورڊ ۾ شامل ملڪن جي اجلاس ۾ غزه امن بورڊ جي چارٽر تي صحيحون ڪيون ويون

صحيحون ڪندڙ ملڪن ۾ آرمينيا، ارجنٽائن، آذربائيجان، بلغاريه، انڊونيشيا، هنگري، قازقستان، اردن، ڪوسوو، پيراگوئي، قطر، گڏيل عرب امارات، ازبڪستان ۽ منگوليا جا ملڪ به شامل

ورڊ آف پيس ۾ برطانيا جي اڳوڻي وزيراعظم ٽوني بليئر جو انتهائي اهم ڪردار آهي، وچ اوڀر ۾ پائيدار امن جي لاءِ ڪوشش ۽ امن ڪوشش جي ڪاميابي جي لاءِ پراميد آهيون: صدر ٽرمپ

10 مهينن ۾ 8 جنگيون بند ڪرايون، پاڪستان ۽ ڀارت ۾ جنگ روڪرائي، شهباز شريف چيو ته مون 10 ملين جانيون بچايون آهن، جنگيون روڪرائڻ کانپوءِ ڪيترن ئي ملڪن جا سربراهه دوست بڻجي ويا

ٿائيلينڊ ۽ فلپائن، اسرائيل ۽ ايران، مصر ۽ ايٿوپيا، آذربائيجان ۽ آرمينيا جي وچ ۾ لسان جنگ بند ڪرائي، گذريل سال جي ڀيٽ ۾ اڄ دنيا امير، محفوظ ۽ پرامن آهي، ايران سان ڳالهه ٻولهه لاءِ تيار آهيون

صدر ٽرمپ جو دنيا ۾ امن قائم ڪرڻ جي حوالي سان اڄ اهم ڏينهن آهي، عالمي اڳواڻ امن جي لاءِ گڏ ٿيا آهن، سمورن عالمي اڳواڻن جو مقصد غزه ۾ امن قائم ڪرڻ آهي: آمريڪي پرڏيهي وزير

ڪوشش آهي ته خطي جي سمورن ملڪن ۽ عوام جي لاءِ امن، سلامتي ۽ استحڪام جي راهه هموار ٿئي، تقريب ۾ غزه امن معاهدي جي حوالي سان عالمي اڳواڻن جي پيغامن جو وڊيو پڻ نشر ڪيو ويو

ڊيووس (اي پي پي) پاڪستان، آمريڪا، ترڪيه، سعودي عرب، گڏيل عرب امارات ۽ انڊونيشيا سميت مختلف ملڪن غزه امن بورڊ جي چارٽر تي صحيحون ڪري ڇڏيون، ڪالهه خميس ڏينهن عالمي اقتصادي فورم جي 56هين اجلاس جي موقعي تي آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي ميزباني ۾ غزه امن بورڊ ۾ شامل ملڪن جي اجلاس ۾ غزه امن بورڊ جي چارٽر تي صحيحون ڪيون ويون صحيحون ڪندڙ ملڪن ۾ پاڪستان، آمريڪا، آرمينيا، ارجنٽائن، آذربائيجان، بلغاريه، انڊونيشيا، هنگري، بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو2

BOARD of PEACE

ڊيووس: وزيراعظم شهباز شريف ورلڊ اڪنامڪ فورم دوران غزه متاثرن جي مدد لاءِ بورڊ آف پيس جي چارٽر تي صحيحون ڪري رهيو آهي، آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ پڻ موجود آهي

ٽرمپ طرفان عاصم منير جو مُرڪي آڌر ڀاءُ، وزيراعظم سان ڳالهيون ڌيان جو مرڪز بڻجي ويون

اهم تقريب ۾ پاڪستان جي سياسي ۽ عسڪري قيادت عالمي اڳواڻن جي ڌيان جو مرڪز بڻيل رهي

بورڊ آف پيس ۾ شموليت تي ٻين ملڪن جا ٿورائتا آهيون، گڏيل قومن سميت ٻين ملڪن سان گڏجي ڪم جاري رکنداسين: ٽرمپ

ڊيووس (مانيٽرنگ ڊيسڪ) سوئٽزرلينڊ جي شهر ڊيووس ۾ وزيراعظم شهباز شريف جي آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ سان ڪن ۾ سُس پُس ڌيان جو مرڪز بڻجي وئي خميس ڏينهن ڪري ڪيون وزيراعظم شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير به تقريب ۾ شرڪت ڪئي پاڪستان سميت مختلف ملڪن ڊيووس ۾ غزا امن بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو2

شهباز شريف قاتل نيتن ياهو سان گڏ ويهي مشاورت ڪندو: مولانا فضل الرحمان

فرانس سميت ڪيترن ئي ملڪن بورڊ آف پيس ۾ شامل ٿيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو

ٽرمپ جي پيس بورڊ تي ڳالهائڻ ضروري آهي، برطانيا جي سرپرستي ۾ اسرائيل رياست قائم ڪئي وئي

70 هزار لاشن جي ذميوار نيتن ياهو کي بورڊ ۾ شامل ڪيو ويو آهي، ٽرمپ پاڻ بورڊ جو سربراهه بڻيو ويٺو آهي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) جي يو آءِ سربراهه مولانا فضل الرحمان چيو آهي ته فرانس سميت ڪيترن ئي ملڪن بورڊ آف پيس ۾ شامل ٿيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو پر ڇا اسان جو وزيراعظم قاتل نيتن ياهو سان گڏ ويهي امن تي مشاورت ڪندو؟ قومي اسيمبلي ۾ خطاب ڪندي مولانا فضل الرحمان چيو ته اڄ ٽرمپ جي پيس بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو2

اسلام آباد: وفاقي وزير علي پرويز ملڪ سان انڊونيشيا جو سفير چندرا وارشينانتو گڏجاڻي ڪري رهيو آهي

ڪراچي ۾ ڦر ڪوشش دوران مزاحمت تي هڪ ڄڻو قتل، فائرنگ ۾ واڻهڙو زخمي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ خواجه اجمير نگري علائقي ۾ ڦر جي ڪوشش ۾ هڪ شخص قتل ٿي ويو ۽ واڻهڙو زخمي بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو2

پورٽ قاسم انڊسٽريل ايريا ۾ ڪم دوران فوت ٿيندڙ پوروهيت جي جنازي نماز ادا ڪئي وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ملير جي پورٽ قاسم انڊسٽريل ايريا ۾ ڪم دوران پيش آيل افسوسناڪ حادثي ۾ فوت ٿيندڙ بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو2

ڪراچي سيف سٽي منصوبي جو ٻيو مرحلو ٻن مهينن اندر شروع ڪيو ويندو: وڏو وزير

اسان منصوبي جي تعميرات واري مرحلي مان مڪمل طور تي فعال اٿارٽي ڏانهن وڌي رهيا آهيون

حيدرآباد ۽ سکر لاءِ به منصوبن جي تياري شروع ڪري ٽائيم لائين سميت هڪ جامع منصوبو پيش ڪيو وڃي

صوبي جي داخلي ۽ خارجي رستن تي اسمارٽ ڪيمرائن جي انسٽاليشن جا سروي مڪمل ڪيا ويا آهن

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سنڌ سيف سٽيز اٿارٽي جي اجلاس جي صدارت ڪندي فيصلو ڪيو آهي ته ڪراچي سيف سٽي منصوبي جو ٻيو مرحلو ٻن مهينن اندر شروع ڪيو ويندو ڇاڪاڻ ته ڪيمرائن جي انسٽاليشن مڪمل ٿي چڪي آهي ۽ آزمائشي مرحلا جاري آهن. وڏي وزير سنڌ سيف سٽيز اٿارٽي کي هدايت ڪئي ته بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو2

ڪراچي: گورنر ڪامران خان ٽيسوري وفاقي وزير جام ڪمال خان کي شيلڊ پيش ڪري رهيو آهي

"ابتدا" جهڙا سيف هائوس عورتن جي تحفظ لاءِ انتهائي اهم آهن: راجوير سنگهه

انساني حقن بابت خاص مددگار جي اڳواڻي ۾ وفد سيف هائوس جي سهولتن جو جائزو ورتو

پيش ڪيل مسئلن کي لاڳاپيل اختيارين سان گڏجي حل لاءِ ڪوشش ڪئي ويندي: خاطري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وزيراعليٰ سنڌ جي انساني حقن بابت خاص مددگار راجوير سنگهه سوڍو ڪراچي ۾ عورتن جي سيف هائوس "ابتدا" جو دورو ڪيو ساڻس گڏ انساني حقن واري کاتي جو ڊائريڪٽر آغا فخر حسين ۽ انساني حقن واري کاتي جو وفد پڻ موجود هو ان موقعي تي سنڌ بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو2

گل پلازه مان رڳو 6 لاش مڪمل مليا، ٻيا ٽڪرا ۽ باقيات هئا، سڙيل هڏيون پائوڊر بڻجڻ لڳيون

واقعي واري هنڌ تان اڪثر لاش انتهائي خراب حالت ۾ باقيات جي شڪل ۾ مليا آهن: سڃاڻپ پروجيڪٽ انچارج

سڙيل هڏين کي سيمپل لاءِ هٿ لڳايون ٿا ته اهي پائوڊر بڻجي وڃن ٿيون، سڃاڻپ ڏکيو ٿي وئي آهي

پهريون ۽ بنيادي مقصد ڊي اين اي ذريعي سڃاڻپ آهي، بعد ۾ متبادل ذريعا اختيار ڪيا ويندا: عامر حسن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گل پلازه سانحي ۾ ملندڙ انساني باقيات بابت سڃاڻپ پروجيڪٽ جي انچارج عامر حسن انتهائي هانءُ ڏاريندڙ انڪشاف ڪندي چيو آهي ته واقعي واري هنڌ تان ملندڙ اڪثر لاش بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو2

شهباز قلندر جي ميلي دوران سيڪيورٽي ۽ ٻيا انتظام مڪمل ڪيا وڃن: رياض شاهه شيرازي

هي عرس ملڪ جو هڪ وڏو مذهبي ميڙاڪو آهي جتي سڄي دنيا مان زائرين اچن ٿا

سنڌ حڪومت عرس جي موقعي تي زائرين کي مڪمل سهولتون فراهم ڪندي: اجلاس کي خطاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) حضرت لال شهباز بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو2

سيوهڻ: صوبائي وزير رياض شاهه شيرازي قلندر لعل شهباز جي ميلي جي انتظامن بابت گڏجاڻي جي صدارت ڪري رهيو آهي

گل پلازه ۾ باهه واري سانحي بعد گم ٿيل 73 لاپتا ماڻھن جي لسٽ پڌري

گم ٿيلن ۾ مرد، عورتون ۽ ٻار شامل آهن، جن جون عمرون 10 کان 69 سالن تائين آهن

واقعي سان لاڳاپيل ڪنهن به معلومات يا لاپتا ماڻھن بابت اطلاع لاءِ هيلپ لائين نمبر جاري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گل پلازه ۾ پيش آيل المناڪ باهه واري سانحي بعد هن وقت تائين 73 لاپتا ماڻھن جي فهرست سامهون بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو2

ميئر مرتضيٰ وهاب گل پلازا واقعي ۾ متاثر ٿيلن جي گهر پهچي ڏک ونڊيو

انساني جان جو ڪو به نعم البدل ناهي، اسان متاثرن جي خاندانن سان گڏ بيٺل آهيون

سنڌ حڪومت به متاثرن جي مڪمل بحالي تائين سک سان نه ويهندي: وارثن سان ڳالهيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب گل پلازا واقعي ۾ متاثر ٿيل رحمان حسام ۽ سرفراز جي بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو2

18 هين ترميم ناسور بڻجي چڪي آهي، ڪراچي کي وفاق جي حوالي ڪيو وڃي: مصطفيٰ ڪمال

گل پلازه کي باهه لڳڻ وارو سانحو افسوس واقعو آهي اڃا تائين ڪيترائي ماڻھو لاپته آهن

پاڪستان جي تاريخ ۾ ايم ڪيو ايم جي نوجوانن ڪراچي ۾ اهم رول ادا ڪيو آهي

اسان شهر جي تحفظ لاءِ قدم کنيا، جنهن ۾ الذوالفقار تنظيم، بولٽن مارڪيٽ ۽ ٻيا اهم واقعا شامل آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وفاقي وزير ۽ ايم ڪيو ايم پاڪستان جي اڳواڻ سيد مصطفيٰ ڪمال ايم ڪيو ايم مرڪز بهادرآباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي گل پلازه سانحي تي گهرو افسوس ظاهر ڪيو بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو2

وزيراعظم جي آءِ ايم ايف جي ايم ڊي ڪرسٽالينا جارجيوا سان ملاقات

ايم ڊي کي معاشي استحڪام ۽ سڌارن لاءِ حڪومت جي ڪوششن کان آگاهي

ٽيڪسز ۾ اضافي ۽ پائيدار ترقي جي حوالي سان پاڪستان جي مضبوط عزم کي ورجايو

وزيراعظم، آءِ ايم ايف جي ايم ڊي کي معاشي استحڪام ۽ سڌارن کان آگاهه ڪيو

ڊيووس (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف آءِ ايم ايف جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر ڪرسٽالينا جارجيوا کي معاشي بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو2

مصطفيٰ ڪمال متحده جي چيئرمين نه مڃڻ تي حواس وڃائي ويٺو آهي: وقار مهدي

متحده 30 سالن کان هر حڪومت جو حصو رهي، پر اڄ عوام لاءِ ڪجهه به نه ڪيو

پيپلزپارٽي ڪراچي جي نمائنده جماعت آهي ۽ ڏک جي گهڙي ۾ عوام سان گڏ بيٺل آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلزپارٽي سنڌ جي جنرل سيڪريٽري سينيٽر وقار مهدي متحده قومي موومينٽ بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو2

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ تيز هوائن سان گڏ برسات کان پوءِ ٿڌ ۾ واڌ

ملير، گڏاپ، نارٿ ناظم آباد، ڪلفٽن، ڊفينس، لياقت آباد، گلشن حديد ۾ وسڪارو ٿيو

گلستان جوهر، ايم اي جناح روڊ سميت شهر جا ڪيترن ئي علائقن ۾ برسات ٿي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو2

اسلام آباد: آمريڪي سفارتخاني جي چارج ڊي افيئرس نتالي بيڪر فريڊم 250 لبرٽي بيل جو افتتاح ڪري رهي آهي

گل پلازه سانحي ۾ فوت ٿيندڙ وڌيڪ ٽن شهرين سڃاڻپ بعد لاش وارثن حوالي

فوتين ۾ سرفراز ولد نور محمد، عثمان ولد گل فيض ۽ رضوان ولد محمد حفيظ شامل

ڊي اين اي ذريعي سڃاڻپ مڪمل ٿيڻ بعد ميتون ايڌي سرد خاني مان وارثن حوالي ڪيون ويون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گل پلازه سانحي ۾ فوت ٿيندڙ ٽن وڌيڪ شهرين جي ڊي اين اي ذريعي سڃاڻپ مڪمل ٿيڻ بعد ميتون بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو2

ڪراچي ۾ ٽريڪر نه هئڻ ڪري گاڏين تي هڪ لک رپيا ڏنڊ لڳائڻ جو فيصلو

آءِ جي جاويد عالم اوڍو جي صدارت هيٺ ٽريفڪ مئنيجمينٽ ۽ اي چالان جو جائزي اجلاس ٿيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ٽريفڪ پوليس ڪراچي ٽريڪر نصب نه ڪندڙ هيوي گاڏين خلاف سخت قدم کڻندي اهڙين گاڏين تي بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو2

سنڌ ۾ رمضان مهيني دوران اٽي جي کوٽ برداشت نه ڪئي ويندي: مخدوم محبوب الزمان

حڪومت وٽ ڪڻڪ جو وڏو ذخيرو موجود آهي ۽ ڪراچي لاءِ 15 هزار ٻورين مخصوص ڪيون آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ ڪابينا جي ڪڻڪ واري پاليسيءَ بابت ذيلي ڪميٽي جو اهم اجلاس سنڌ جي خوراڪ کاتي واري وزير مخدوم محبوب الزمان جي صدارت هيٺ منعقد ٿيو اجلاس ۾ صوبائي وزيرن بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو2

اثاثن جا تفصيل جمع ڪرائڻ تي سيد قائم علي شاهه سميت 8 صوبائي اسيمبلي ميمبرن جي رڪنيت بحال

مڪيش ڪمار چاولا، زاهد چن زيب سميت چئني صوبائي اسيمبلين جي 8 ميمبرن جي رڪنيت بحال ڪئي وئي

انهن ميمبرن کي گوشوارا جمع نه ڪرائڻ تي 16 جنوري 2026ع تي جاري ڪيل هڪ نوٽيفڪيشن ذريعي ڪم کان روڪيو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان اثاثن جا گوشوارا جمع ڪرائڻ تي سنڌ جي اڳوڻي وڏي وزير سيد قائم علي شاهه، مڪيش ڪمار چاولا، زاهد چن زيب سميت چئني صوبائي اسيمبلين جي بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو2

ايم ڪيو ايم وارا ٻيهر سياست ۽ لسانيت سازش کي هٿي ڏيڻ چاهين ٿا: سسئي پليجو

سوڪالڊ اڳواڻ مصطفيٰ ڪمال هڪ ڀيرو ٻيهر سنڌ جي وحدانيت خلاف زهر اوڳاڇي رهيو آهي

اسين ٻڌائڻ ٿا چاهيون ته سنڌ جا ماڻھو اوهان جي سازش کي ڪامياب ٿيڻ نه ڏيندا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اڳوڻي صوبائي وزير سينيٽر سسئي پليجو چيو آهي ته ايم ڪيو ايم پاڪستان جي سوڪالڊ اڳواڻ بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو2

ڪي ايم سي جي ميونسپل ڪمشنر سيد افضل زيدي کي عهدي تان هٽايو ويو، نوٽيفڪيشن جاري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو2

ڪراچي ۾ پوليس آپريشن دوران 6 مبينا ڌوهاري مارجي ويا، هڪ اهلڪار زخمي

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) ڪراچي جي پاڪ ڪالوني جي علائقي حسرت موهاني ڪالوني ۾ پوليس آپريشن آمهون سامهون فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ 6 مبينا ڌوهاري مارجي ويا. جڏهن ته هڪ پوليس اهلڪار پڻ زخمي ٿي پيو ايس ايس پي ڪيماڙي امجد شيخ موجب مقابلي ۾ 6 ڌوهاري مارجي ويا آهن ۽ پوليس اهلڪار زخمي ٿي پيو آهي. پوليس جوابدارن جي قبضي مان بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو2

OU SIGNING CEREMO

اسلام آباد: اي پي پي ۽ بلغاريا جي خبر ايجنسي جي وچ ۾ ڳاٺ تي صحيحون ڪيون پيون وڃن

ڪنهن به هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ مؤثر قدم کنيا ويندا: ڊي جي ڪي ڊي اي

شهرين جي ملڪيتن سان لاڳاپيل دستاويز انتهائي قيمتي ۽ اهم اثاثو آهن: آصف جان صديقي

سوڪ سينٽر بلڊنگ ۾ فائر فائٽنگ سسٽم کي عملي ۽ معياري سطح تائين آندو وڃي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڊائريڪٽر جنرل اداري ترقيات ڪراچي (ڪي ڊي اي) آصف جان صديقي ڪي ڊي اي سوڪ سينٽر جي رڪارڊ روم جو اهم دورو ڪيو هن دوري جو مقصد اداري ۾ موجود فائر فائٽنگ سسٽم جي هاڻوڪي صورتحال جو جائزو وٺڻ ۽ ان کي مؤثر ۽ فعال رکڻ لاءِ کنيل قدمن جي جانچ ڪرڻ هو. دوري دوران ڊائريڪٽر جنرل ڪي ڊي اي آصف جان صديقي چيو ته شهرين جي ملڪيتن سان لاڳاپيل دستاويز ڪراچي جي شهرين لاءِ بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو2

ڪراچي: ڊي جي ڪي ڊي اي آصف جان صديقي رڪارڊ روم جي دوري جي موقعي تي فائر فائٽنگ اوزارن جو معائنو ڪري رهيو آهي

سنڌ، لاهور ۽ پشاور هاءِ ڪورٽ جي ايڊيشنل ججن جي توثيق ۽ ملازمت جي مدي ۾ واڌ

صدر مملڪت پاران سنڌ هاءِ ڪورٽ جي ڏهن ايڊيشنل ججن جي توثيق جي منظوري ڏني وئي

جسٽس ميران محمد شاهه، تسنيم سلطانه، رياضت ساهڙ، محمد حسن ۽ جسٽس عبدالحميد ڀرڳڙي شامل

جسٽس جان علي جوڻيجو، احمد پنهور، علي حيدر 'ادا'، عثمان علي هادي ۽ جسٽس محمد جعفر رضا به شامل

سنڌ هاءِ ڪورٽ جي ايڊيشنل ججن جسٽس خالد شاهاڻي ۽ جسٽس فيض الحسن شاهه جي مدي ۾ ڀڻ واڌ جي منظوري

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري جڊيشل ڪميشن آف پاڪستان جي سفارشن جي روشني ۾ سنڌ، لاهور ۽ پشاور هاءِ ڪورٽ جي ايڊيشنل ججن جي توثيق ۽ ملازمت جي مدي ۾ واڌ جي منظوري ڏني بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو2

ECO Ministerial Meeting on Disaster Risk Reduction

اسلام آباد: اقتصادي رابطا تنظيم جي وزيرن جي ڪانفرنس ۾ شريڪ وزيرن جو ورتل گروپ فوٽو

وزيراعظم پاران اڳوڻي وفاقي وزير راجا نادر پرويز جي لاڏاڻي تي ڏک جو اظهار

ڊيووس (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف اڳوڻي وفاقي وزير ۽ قومي بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو2

قومي اسيمبليءَ جو اجلاس اڻڄاتل مدي لاءِ ملتوي

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبليءَ جو اجلاس اڻڄاتل مدي لاءِ ملتوي ڪيو ويو قومي اسيمبليءَ جو اجلاس ڪالهه قومي بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو2

ناڻي وزير جي بل گيٽس سان ملاقات، صحت ۽ اداره جاتي سڌارن ۾ تعاون وڌائڻ تي اتفاق

صحت جي شعبي جي ترجيحن ۽ پائيدار ترقي ۽ اداره جاتي صلاحيت وڌائڻ لاءِ گيٽس فائونڊيشن سان تعاون کي وڌيڪ وڌائڻ تي ڳالهيون

ڊجيٽل نظام ذريعي ملڪي وسيلن ۾ اضافو حڪومت جي اهم ترجيح آهي جنهن جي نگراني اعليٰ سطح تي جاري آهي: سينيٽر محمد اورنگزيب

ڊيووس (اي پي پي) ناڻي واري وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب گذريل ڏينهن ڊيووس ۾ ورلڊ اڪنامڪ فورم جي سالياني اجلاس جي موقعي تي بل گيٽس سان ملاقات ڪئي، ملاقات ۾ پاڪستان ۾ بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو2

صدر پاران پارليامينٽ جو گڏيل اجلاس جمعو 23 جنوري تي صبح 11 وڳي طلب

اسلام آباد (اي پي پي) صدر پارليامينٽ جو گڏيل اجلاس جمعو 23 جنوري تي صبح 11 وڳي طلب ڪيو آهي اها ڳالهه خميس ڏينهن ايوان صدر جي ميڊيا ونگ پاران جاري ڪيل هڪ بيان ۾ چئي وئي

گل پلازا سانحي جي متاثرين ۽ زخمين جي هر ممڪن مدد ڪئي ويندي: جام اڪرام / ناصر شاهه

صوبائي وزيرن جي صدارت هيٺ سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ هڪ اهم اجلاس منعقد ٿيو

واپاري اڳواڻن پاران باهه واقعي ۾ لاپرواهي ڪندڙن خلاف قانون مطابق سخت ڪارروائي جو مطالبو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گل پلازا ۾ باهه لڳڻ کان بعد متاثرين جي مسئلن ۽ نقصانن جي حل ڪرڻ لاءِ صوبائي صنعت بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو2

ماضي ۾ جيئرا ماڻھو ساڙيندڙ اڄ ڪراچي کي وفاق حوالي ڪرڻ جون ڳالهيون پيا ڪن: شرجيل ميمڻ

12 مئي تي ماڻھن کي چونڊي چونڊي قتل ڪيو ويو، ۽ اڄ به ان سانحي تي پوائنٽ اسڪورنگ ڪئي پئي وڃي

اهي ئي جماعتون آهن جن ماڻھن کي جيئرو ساڙيو، عاشوري واري سانحي ۾ بولٽن مارڪيٽ

توهان جي قائد جي هڙتالن دوران روزانو سئو ماڻھو ماريا ويندا هئا، تڏهن ضمير ڇو نه جاڳيو؟

مصطفيٰ ڪمال جي هر ڳالهه جو منهن ٽوڙ جواب مون وٽ موجود آهي، گل پلازا جي فارنزڪ جاچ جاري آهي

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته گل پلازا سانحو افسوسناڪ ۽ ڏکوئيندڙ واقعو آهي جنهن تي هر اک اشڪبار ۽ هر پاڪستاني غمگين آهي هي غم رڳو بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو2

ڪراچي: سينيئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيو آهي

افغان شهرين جي نيڪاليءَ جو عمل جاري، 2847 افغاني واپس

طورخم بارڊر رستي 2847 افغان شهرين کي افغانستان موڪليو ويو

پشاور (اي پي پي) سڄي ملڪ مان غير قانوني افغان پناهگيرن جي نيڪاليءَ جو عمل جاري آهي جڏهن ته گذريل ڏينهن بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو2

قصور ۾ 5 ڄڻن جي قتل ڪيس جو فيصلو برقرار

سپريم ڪورٽ پاران مدعي طرفان سزا وڌائڻ جي درخواست به خارج

اسلام آباد (اي پي پي) سپريم ڪورٽ آف پاڪستان قصور ۾ 5 ڄڻن جي قتل جي ڪيس ۾ 6 ملزمن جي عمرقيد جي سزا بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو2

نائب وزيراعظم جي ڊيووس ۾ آءِ سي آر سي جي صدر مرجانا سپولرجارڪ ايگر سان ملاقات، گڏيل سهڪار تي ڳالهيون

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو2

لاهور: سياري جي پهرين برسات دوران گاڏيون رستن تي وڃي رهيون آهن

وفاقي آئيني عدالت ۾ سپر ٽيڪس بابت ڪيس جي ٻڌڻي اڄ 23 جنوري تائين ملتوي

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي آئيني عدالت سپر ٽيڪس بابت اهم آئيني ڪيس جي بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو2

قائداعظم يونيورسٽي کانسواءِ اسلام آباد اڌورو آهي، جتي يونيورسٽي ٽائون بڻائينداسين: محسن نقوي

اسلام آباد ۾ سرڪاري زمين تي قبضو ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪيو ويندو، جامع آپريشن جاري آهي

جيستائين يونيورسٽي جي 1700 ايڪڙ ايراضيءَ جو معاملو آهي ته ڊپٽي ڪمشنر اسلام آباد هتي موجود آهي

ان ويزن جي تڪميل لاءِ اسان ايندڙ مهيني اسلام آباد ويزن 2027ع جو باقائدي آغاز ڪري رهيا آهيون: وفاقي گهرو وزير

اسلام آباد (اي پي پي) گهرو معاملن واري وفاقي وزير محسن نقوي چيو آهي ته قائداعظم يونيورسٽي پاڪستان جو نالي وارو ادارو آهي جتي سڄي ملڪ جا رنگ نظر اچن ٿا، ان اداري جي ترقي حڪومت جي پهرين ترجيح آهي اهڙو اظهار هن قائداعظم يونيورسٽي اسلام آباد ۾ بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو2

اوٽاوا: پاڪستان جو هاءِ ڪمشنر محمد سليم پرڏيهي وزير جي سيڪريٽري رابرٽ اوليفينٽ سان ملاقات ڪري رهيو آهي

پي ٽي آءِ ۽ تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان اڄوڪو احتجاج ملتوي ڪري ڇڏيو

گل پلازه ۾ ريسڪيو آپريشن ۽ ملبو هٽائڻ واري عمل ۾ رڪاوٽ نٿا بڻجڻ چاهيون: حليم عادل شيخ

جيڪڏهن ذميوارن کي قانون موجب سزا نه ڏني وئي ته ٻيهر احتجاج جو اعلان ڪنداسين

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان تحريڪ انصاف سنڌ جي صدر حليم عادل شيخ چيو آهي ته گل پلازه سانحي تي جمعي واري بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو2

موجوده حالتون اسان کان سيرت امام حسينؑ تي هلڻ جو تقاضو ڪن ٿيون: علامه شهنشاهه حسين

اڄ جي سموري عالمي دنيا ۽ اسلامي معاشرو ظلم، ناانصافي ۽ جبر جي ور چڙهيل آهي

ڪربلا جي قرباني کي "انسانيت کي بچائڻ جي عظيم جدوجهد" قرار ڏئي سگهجي ٿو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) 3 شعبان حضرت امام حسينؑ جي باسعادت ولادت جي موقعي تي جعفريه الائنس پاڪستان جي بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو2

وفاقي آئيني عدالت پاران سرڪاري ملازمن جي ٻارن جي ملازمت بابت سنڌ هاءِ ڪورٽ جو فيصلو

سرڪاري ملازمن جي وفات کانپوءِ سندن ٻارن کي ملازمت ڏيڻ جي ڪوٽا بابت اهم ڪيس ۾ سنڌ ڪرشش به نٿي وئي

سپريم ڪورٽ جي فيصلي ۾ ماضي جي فيصلن ۽ پهرين کان طئي ٿيل معاملن کي قانوني تحفظ فراهم ڪيو ويو آهي

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي آئيني عدالت سرڪاري ملازمن جي وفات کانپوءِ سندن ٻارن کي ملازمت ڏيڻ جي ڪوٽا بابت اهم ڪيس ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي فيصلي تي منع نامو جاري ڪري ڇڏيو آهي جسٽس عامر فاروق جي سربراهي ۾ ٽه رڪني بينچ سنڌ حڪومت جي اپيل تي شروعاتي ٻڌڻي کانپوءِ سمورين ڌرين کي نوٽيس جاري بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو2

ڪراچي ريجنل ڪرڪيٽ ايسوسيئيشن جي صدر پاران زونل عهديدارن کي ٽي ٽي لک رپين جا چيڪ ڏنا ويا

ڪراچي (اسپورٽس رپورٽر) ريجنل بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو2

گل پلازه سانحو رڳو ڪنهن خاندان جو نه، پر سڄي سماج جو ڏک آهي: سعيد غني

سنڌ حڪومت هن سانحي جي متاثرن سان گڏ بيٺل آهي ۽ هر ممڪن مدد فراهم ڪئي ويندي

صوبائي وزير سانحي ۾ فوت ٿيندڙ شهري عثمان جي جنازي نماز ۾ شرڪت ڪئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير سعيد غني چيو آهي ته گل پلازه سانحي ۾ فوت ٿيندڙ ۽ لاپته ماڻھن جي وارثن لاءِ هي بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو2

ڪراچي: ريجنل ڪرڪيٽ ايسوسيئيشن ڪراچي جو صدر نديم عمر زونل عهديدارن کي ٽورنامينٽن لاءِ 3، 3 لک رپين جا چيڪ ڏئي رهيو آهي

چوٽيارين جي معصوم نينگري واري واقعي جو ڪيس داخل، جوابدار گرفتار ٿي نه سگهيو

متاثر نينگري جي مدعيت ۾ جوابدار وزير پٽ وارث راڄڙ خلاف ايف آر داخل ڪئي وئي

نينگري شادبانو ملاح حيدرآباد ريفر، شروعاتي ميڊيڪل رپورٽ ۾ زيادتي ۽ تشدد جي تصديق

جوابدار وزير راڄڙ کي سانگهڙ ۽ چوٽياريون پوليس ٻه ڏينهن گذرڻ باوجود گرفتار نه ڪري سگهي

سانگهڙ (رپورٽ: اميربخش ٻرڙو) گذريل ڏينهن چوٽياريون ۾ پيش آيل نينگري شادبانو ملاح واري واقعي جي ايف آءِ آر ڪرائيم نمبر 3/2026 جوابدار وزير پٽ وارث راڄڙ خلاف متاثر نينگري جي مدعيت ۾ داخل ڪئي وئي آهي، جڏهن ته جوابدار سانگهڙ ۽ چوٽياريون پوليس ٻه ڏينهن بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو2

سانگهڙ: تشدد جو نشانو بڻيل نينگري ۽ فرار ٿيل جوابدار

جوابدار ڪافي عرصي کان ڌي کي تنگ ڪندو هو: محرم ملاح

ٻه ڏينهن پهرين ڌي کي گهران ڪڍي زيادتي ۽ تشدد بعد گهر ٻاهران ڦٽو ڪيو

ايس ايڇ او جوابدار ڌر کي گهرائي ڏاهه ۽ مسئلو ائين ئي مٽي ڪرڻ لاءِ پريشرائيز ڪندو رهيو

سانگهڙ: متاثر نينگري جي والد محرم ملاح ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته جوابدار ڪافي عرصي کان ڌي کي تنگ ڪندو هو ٻه ڏينهن پهرين ڌي کي گهران ڪڍي ويا وڃڻ بعد سندس سان زيادتي ڪرڻ بعد جسم جي مختلف حصن تي تيزدار اوزار سان چيرا ڏئي بيهوشي جي حالت ۾ گهر بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو2

پ پ اڳواڻ عاجز ڌامراهه اسپتال پهچي نينگري جي عيادت بعد انصاف جو يقين ڏياريو

سانگهڙ: اڳوڻي سينيٽر ۽ پيپلزپارٽي جي بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو2

پٽ جي ڳولا جاري آهي جيئن ئي هٿ ايندو ته ڪيس پوليس حوالي ڪنداسين: وارث راڄڙ

سانگهڙ: الزام هيٺ آيل جوابدار وزير راڄڙ جي پيءُ وارث راڄڙ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ملاح سون وٽ هاري رهيا آهن واقعي بعد منهنجو ڇوڪرو پڻ گم آهي سندس ڳولا جاري آهي جيئن ئي هٿ ايندو ته ڪيس پوليس حوالي ڪنداسين.

بقايا 1 طارق فضل

فلسطين تي ڪوبه سمجهوتو نه ٿيندو، بورڊ آف پيس ۾ شرڪت هر پاڪستاني جي دل جو آواز آهي ڪالهه قومي اسيمبليءَ ۾ بئريسٽر گوهر جي اعتراض واري ٽڪتي تي ڳالهائيندي ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري چيو ته ڪجهه قومي ۽ عالمي معاملا سياست کان مٿان هوندا آهن ۽ انهن تي فيصلا مسلم اُمت ۽ پاڪستان جي قومي مفاد کي سامهون رکي ڪيا وڃن ٿا هن چيو ته بورڊ آف پيس ۾ پاڪستان جي شموليت صرف موجوده حڪومت جو نه پر هر پاڪستاني جي دل جي ريجهو آهي ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري چيو ته جڏهن به پاڪستان جي مفاد، مستقبل ۽ سلامتيءَ جي ڳالهه هوندي ته پوري قوم هڪ آواز ٿي سامهون ايندي سندس چوڻ هو ته هن وقت عالمي منظرنامي تي 2 اهم ۽ حساس مسئلا بحث هيٺ آهن جن ۾ ڪشمير مسئلو ۽ فلسطين مسئلو سرفهرست آهن پاڪستان هميشه انهن ٻنهي مسئلن تي گڏيل قومن ۽ بين عالمي فورمز تي مؤثر انداز ۾ آواز اٿاريو آهي

بقايا 2 شير افضل

احتجاج تي نظرون آهن جيڪڏهن پي ٽي آءِ وڏي انگ ۾ ماڻهو ڪڍڻ ۾ ڪامياب ٿي ته ڳالهين جو مستقبل روشن هوندو ۽ جيڪڏهن احتجاج ناڪام ٿيو ته پي ٽي آءِ 6 مهينا پوئتي هلي ويندي صحافين سان ڳالهائيندي شير افضل مروت چيو ته تحريڪ انصاف ۽ حڪومت وچ ۾ ڳالهين جي ضرورت ناهي ضرورت ان وقت هوندي، جڏهن پي ٽي آءِ سان احتجاجي سياست جو خدشو هجي

بقايا 3 دانهون

گل پلازه پهچي احتجاج ڪيو. وارثن انتظاميه خلاف سخت نعريبازي ڪئي ۽ حڪومت خلاف آهون ۽ دانهون ڏيندي پنهنجن پيارن جي ڳولا جو مطالبو ڪيو. احتجاج دوران وڏي تعداد ۾ عورتون سڙي ويل عمارت ٻاهران موجود رهيون. جڏهن ته پوليس ۽ رينجرز عمارت اندر داخل ٿيڻ کان عورتن کي روڪي ڇڏيو جنهن سبب صورتحال وڌيڪ جذباتي ٿي وئي. وارثن جو چوڻ هو ته ڇهه ڏينهن گذرڻ باوجود سندن ٻار اڃا تائين ملبي هيٺان دٻيل آهن. مائرن ۽ ڀينرن جو روئڻ ڪُٽ ڪِٽ برو حال آهي. پر سندن ڳالهه ٻڌڻ وارو ڪو به ناهي. وارثن پرزور اپيل ڪندي چيو ته "اسان جي ٻارن کي ڳوليو وڃي، اسان کي اميدن تي نه ڇڏيو وڃي." احتجاج دوران انتظاميه خلاف نعريبازي به جاري رهي.

بقايا 4 صحيحون ڪري ڇڏيون

قازقستان، اردن، ڪوسوو، پيراگوئي، قطر، سعودي عرب، ترڪي، گڏيل عرب امارات، ازبڪستان ۽ منگوليا شامل آهن وزيراعظم محمد شهباز شريف غزه امن بورڊ جي چارٽر تي صحيحن جي لاءِ آيو ته آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ سندس خاص طور تي ٿورا ادا ڪيا. ان موقعي تي آمريڪي صدر ۽ وزيراعظم محمد شهباز شريف جي وچ ۾ خوشگوار جملن جي ڏي وٺ ٿي ۽ ٻنهي اڳواڻ ڪجهه دير تائين ڳالهه ٻولهه ڪندا رهيا. ان کان اڳ غزه امن بورڊ جي چارٽر تي صحيحون ڪرڻ جي تقريب کي خطاب ڪندي آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو ته بورڊ آف پيس ۾ برطانيا جي اڳوڻي وزيراعظم ٽوني بليئر جو انتهائي اهم ڪردار آهي وچ اوڀر ۾ پائيدار امن جي لاءِ ڪوشش ۽ امن ڪوشش جي ڪاميابي جي لاءِ پراميد آهيون هن چيو ته غزه امن بورڊ ۾ ڪيترائي ملڪ شامل ٿيڻ چاهين ٿا، امن بورڊ ۾ شموليت اختيار ڪندڙ ملڪن جو ٿورائتو آهيان غزه کي بهترين سياحتي مرڪز بڻائينداسين هن امن قائم ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي ڪردار کي اجاگر ڪندي چيو ته مون 10 مهينن ۾ 8 جنگيون بند ڪرايون ٻن ائٽمي ملڪن پاڪستان ۽ ڀارت جي وچ ۾ جنگ روڪرائي پاڪستان جي وزيراعظم مون کي چيو ته مون 10 ملين جانيون بچايون آهن

بقايا 5 بچي ويون

بورڊ معاهدي تي صحيحون وزيراعظم شهباز شريف پاڪستان طرفان معاهدي تي صحيحون ڪيون ان موقعي تي وزيراعظم جي آمريڪي صدر سان خوشگوار موڊ ۾ ڳالهه ٻولهه ٿي وزيراعظم شهباز شريف جون صدر ٽرمپ سان سُسُ پُسُ ڌيان جو مرڪز بڻجي وئي. صدر ٽرمپ تقريب دوران فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جو شُڪريو ادا ڪيو پاڪستان جي سياسي ۽ عسڪري قيادت تقريب ۾ عالمي اڳواڻن جي ڌيان جو مرڪز بڻيل رهي ان موقعي تي آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته غزا بورڊ آف پيس ۾ شموليت تي سڀني ملڪن جا ٿورائتا آهيون بورڊ آف پيس بابت گڏيل قومن سميت ٻين ملڪن سان گڏجي ڪم جاري رکنداسين

بقايا 6 مولانا فضل الرحمان

بورڊ تي ڳالهائڻ ضروري آهي برطانيا جي سرپرستي ۾ اسرائيل رياست قائم ڪئي وئي ليگ آف نيشنز جي رپورٽ ۾ به يهودين کي فلسطين ۾ آباد نه ڪرڻ جي تجويز ڏني وئي ليگ آف نيشنز جي رپورٽ کي نظرانداز ڪيو ويو ۽ يهودين کي فلسطين ۾ آباد ڪيو ويو هن چيو ته 70 هزار لاشن جي ذميوار نيتن ياهو کي بورڊ ۾ شامل ڪيو ويو آهي ٽرمپ پاڻ بورڊ جو سربراهه بڻيو ويٺو آهي، اسان جون پاليسيون عالمي دٻاءُ تحت ٺهنديون آهن پاڪستان جي باني اسرائيل جي حوالي سان جيڪا پاليسي 1940 جي ٺهراءُ ۾ ڏني،

بقايا 7 زخمي

ٿي بيو خواجه اجمير نگري ٿاڻي جي هيڊ محرر معراج ٻڌايو ته نارٿ ڪراچي ۾ فياضي اسپتال ويجهو موٽرسائيڪل تي سوار ٻن نامعلوم جوابدارن فائرنگ ڪئي جنهن ۾ موٽرسائيڪل سوار نوجوان قتل ٿي ويو جڏهن ته فائرنگ ۾ واٽهڙو به زخمي ٿيو مقتول جي لاش ۽ زخمين کي طبي علاج لاءِ عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي مقتول جي سڃاڻپ 25 سالن جي ايمر عسڪري ولد امجد ۽ زخمي جي سڃاڻپ 35 سالن جي امجد ولد اجمل طور ٿي هيڊ محرر چيو ته شروعاتي طور تي اهو واقعو ڦر جي ڪوشش لڳي رهيو هو

بقايا 8 نماز ادا

پوروهيت سجاد زهراڻي جي جنازي نماز گهگهر ۾ ادا ڪئي وئي، جنازي نماز ۾ پوروهيتن مزدور اڳواڻن مل انتظاميا ۽ علائقي واسين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. سوڳ واري فضا ۾ سجاد زهراڻي جو مڙهه سوين اکين اڳيان مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو پوروهيت نوجوان سجاد زهراڻي جي بي وقتائتي موت تي علائقي ۾ ڏک جي لهر ڇانيل آهي ۽ هر اک آلي هئي، جڏهن ته فوتي جي وارثن ۽ مٽن مائٽن جو ڏک ۽ سڏڪا جيءُ جهوريندڙ هئا. ان موقعي تي فوتي جي وارثن محمد جمن، حميد گل ۽ ٻين صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته "اسان سان وڏو ظلم ٿيو آهي، اسان جو جوان گڀرو پٽ، جنهن جي شادي جا سانباها ڪيا پئي ويا، اوچتو حادثي جي ور چڙهي اسان کان وڇڙي ويو آهي هي اهڙو ڏک آهي جيڪو ڪڏهن به وسرڻ جو ناهي

بقايا 9 وڏو وزير

حيدرآباد ۽ سکر لاءِ به سيف سٽي منصوبن جي تياري شروع ڪئي وڃي هن چيو ته ڪاتيمر لاءِ سميت هڪ جامع منصوبو پيش ڪيو وڃي ته جيئن منظوري ڏني سگهجي اجلاس وزيراعليٰ هائوس ۾ ٿيو جنهن ۾ صوبائي گهرو وزير ضياءَ الحسن لنجار، وڏي وزير جو خاص مددگار علي راشد، سنڌ اسيمبلي جي ميمبر سميتا افضل، پي ايم اي سيد سرفراز شاهه حميرا، فراز، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه، گهرو سيڪريٽري اقبال ميمڻ، آءِ جي پوليس جاويد عالم اوڍو، پرنسپل سيڪريٽري وڏي وزير آغا واصف، چيئرمين پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ نجم شاهه، سيڪريٽري ايڪسائيز سليم راجپوت، سيڪريٽري لوڪل گورنمينٽ رفيع قريشي، اسپيشل سيڪريٽري فنانس اصغر ميمڻ، ڊي جي سيف سٽيز اٿارٽي سرفراز نواز ڊي جي ڊزاسٽر مينيجمينٽ اٿارٽي سلمان شاهه شرڪت ڪئي جڏهن ته رازي سيد وڊيو لنڪ ذريعي اجلاس ۾ شامل ٿيو وڏي وزير فوري طور ماهر عملي جي ڀرتي جي هدايت ڪئي ته جيئن ايندڙ ٽين جو هي منصوبو ايندڙ ٻن مهينن ۾ مڪمل طور فعال بڻجي سگهي اجلاس ۾ منصوبي جي تعميراتي مرحلي سان فعال نگراني ۽ قانون لاڳو ڪندڙ مرحلي ڏانهن منتقلي جو جائزو ورتو ويو آپريشنل تياري: ڪراچي سيف سٽي منصوبي جي پهرين مرحلي تحت 300 پول سائيٽن تي 1300 ڪيمرا 18 پوائنٽ آف پريزينس (PoP)سائيٽون ۽ 23 ايمرجنسي ريسپانس گاڏيون (ERVs)لڳايون ويون آهن ۽ منصوبو هن وقت "ايڪسيپٽنس ٽرائل فيز" ۾ آهي آپريشنل رڪاوٽن کان بچڻ لاءِ وڏي وزير سنڌ 34 خاص فني ۽ انتظامي ماهرن جي عارضي ڪنٽريڪٽ بنياد تي مقرري جي منظوري ڏني جن ۾ ليڊ سسٽمز آرڪيٽيڪٽس، بيڪ اينڊ ڊولپرز ۽ سرويلينس آفيسر شامل آهن

بقايا 10 راجوير سنگهه

ڪميشن آن اسٽيٽس آف وومين جي چيئرپرسن روبينا بروهي به موجود هئي دوري دوران ال دعا رليف ويلفيئر فائونڊيشن جي چيئرپرسن حميرا ميمڻ منصوبي بابت تفصيلي بريفنگ ڏني هن سيف هائوس جي مقصدن ۽ ڏکياڻين ۾ ڦاٿل عورتن کي ڏني ويندڙ سهولتن بابت آگاهه ڪيو ان موقعي تي ال دعا رليف ويلفيئر فائونڊيشن جو ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر عمران شيخ پڻ موجود هو "ابتدا" سيف هائوس جنهن جو مطلب "نئين شروعات" آهي جون 2025 جي شروعات ۾ سنڌ جي عورتن جي ترقي واري کاتي جي وزير شاهينا شير علي پاران افتتاح ڪيو ويو هو هي سيف هائوس عورتن جي ترقي واري کاتي ۽ ال دعا رليف ويلفيئر فائونڊيشن جي گڏيل ڪوشش سان قائم ڪيو ويو آهي

بقايا 11 لڳيون

مڪمل صورت ۾ نه پر انتهائي خراب حالت ۾ انساني باقيات جي شڪل ۾ مليون آهن. عامر حسن ٻڌايو ته گل پلازه مان صرف 6 لاش مڪمل حالت ۾ مليا هئا، جڏهن ته هڪ لاش خراب حالت ۾ هٿ آيو. هن چيو ته مجموعي طور تي هن وقت تائين صرف 15 ماڻهن جي سڃاڻپ ٿي سگهي آهي ان کان پوءِ جيڪي به باڊيون مليون اهي مڪمل لاش نه پر ٽڪرن ۽ باقيات جي صورت ۾ هيون. هن وڌيڪ چيو ته هاڻي جيڪي باقيات ملي رهيون آهن، اهي مڪمل طور سڙيل اڇيون هڏيون آهن، جن کي جڏهن سيمپل لاءِ هٿ لڳايو وڃي ٿو ته اهي پائوڊر بڻجي وڃن ٿيون جنهن سبب سڃاڻپ جو عمل انتهائي ڏکيو ٿي ويو آهي سڃاڻپ پروجيڪٽ جي انچارج موجب، ان باوجود ڊي اين اي ٽيسٽ لاءِ سيمپل سنڌ فارنزڪ ڊي اين اي ليب ڏانهن موڪليا ويندا،

بقايا 12 رياض شاهه شيرازي

قلندر رحمته الله عليه جي 7 کان 9 فيبروري 2026ع تائين جاري رهندڙ ٽي روزا عرس مبارڪ جي انتظامن جو تفصيلي جائزو وٺڻ لاءِ سيد عبدالله شاهه انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز سيوهڻ جي ڪانفرنس روم ۾ اهم اجلاس منعقد ٿيو اجلاس جي صدارت اوقاف، مذهبي معاملن، زڪوات ۽ عشر جي صوبائي وزير سيد رياض حسين شاهه شيرازي ڪئي حضرت لال شهباز قلندر جو عرس ملڪ جو هڪ وڏو مذهبي ميڙاڪو آهي جتي سڄي دنيا مان زائرين اچن ٿا اسان جي ڪوشش آهي ته هن تاريخي ۽ روحاني تقريب کي هر لحاظ کان ڪامياب بڻايو وڃي اجلاس ۾ امن امان، سيڪيورٽي، ٽريفڪ مئنيجمينٽ، طبي سهولتن، صفائي ستٿرائي، رهائش، بجلي، پاڻي ۽ زائرين کي فراهم ڪي ويندڙ ٻين بنيادي سهولتن تي تفصيلي غور ڪيو ويو صوبائي وزير لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي ته عرس مبارڪ دوران زائرين کي هر ممڪن سهولتون فراهم ڪيون وڃن هن چيو ته حضرت لال شهباز قلندر جو عرس هڪ بين الاقوامي مذهبي اجتماع آهي جنهن کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ تمام ادارا ڀرپور ڪردار ادا ڪن ته جيئن زائرين کي ڪنهن به قسم جي ڏکيائين کي منهن ڏسڻو نه پوي سيد رياض حسين شاهه شيرازي چيو ته سنڌ حڪومت عرس جي موقعي تي زائرين کي مڪمل سهولتون فراهم ڪندي

بقايا 13 نوٽيفڪيشن جاري

ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن (ڪي ايم سي) جي ميونسپل ڪمشنر سيد افضل زيدي کي عهدي تان هٽايو ويو آهي جنهن بابت باقاعده نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو آهي. نوٽيفڪيشن موجب گريڊ 19 جي آفيسر سميرا حسين کي ميونسپل ڪمشنر ڪي ايم سي جو اضافي چارج ڏئي ڇڏيو ويو آهي. ان حوالي سان چيف سيڪريٽري سنڌ طرفان نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو آهي جنهن بعد نئون انتظام لاڳو ٿي ويو آهي.

بقايا 14 لسٽ پڌري

اچي وئي آهي. سرڪاري انگن اکرن موجب لاپتا ماڻهن جي فهرست ۾ مرد، عورتون ۽ ٻار شامل آهن جن جون عمريون 10 کان 69 سالن جي وچ ۾ آهن. اهي سڀ ماڻهو باهه لڳڻ واري واقعي کانپوءِ اڃا تائين لاپتا آهن ۽ سندن ڪا به خبر نه پئي ملي سگهي. گم ٿيل ماڻهن جي لسٽ موجب عمر نبيل ولد شاهد علي 44 سال عائشه سميع زوجه عمر نبيل 36 سال علي بن عمر 11 سال سفيان 15 سال عبدالله 18 سال تنوير احمد 45 سال چرچل 26 سال ڪائنات 22 سال راهيله تبسم 40—45 سال شائسته جبين 30—35 سال انس عمران 26 سال محمد رشيد 20—26 سال محمد نويد پنجوائي 30 سال محمد حنيف 60 سال آصف عطاري 37 سال عمران ولد ابراهيم 27 سال محمد اشرف 42 سال سعد عرفان 30 سال ڪوثر پروين 60 سال محمد اطهر (سڪر والا) 52 سال ياسين سرور 17 سال سليم عثمان 45 سال آصف مجيد 35 سال ابرار اڪرم 20 سال محمد بلال 25 سال عبدالحسيب 20 سال آفتاب محمد 35 سال عثمان گل فيض 24 سال نويد جمعه 30 سال محسن آدم شڪاري 40 سال مصباح عرفان 32 سال نمره عرفان 27 سال مريم نور 15 سال شيراز ولد رمضان علي 25 سال محمد فهد ولد اشرف حسين 23 سال چوڌري رمضان علي 60 سال محمد حيدر علي ولد محمد خالد علي 13 سال محمد خضر علي ولد محمد خالد علي 19 سال آصف خان عبدالصمد ولد رحمان 17 سال حسام ولد افضل 15 سال عثمان ولد گل فيض 24 سال محمد رمضان ولد الله بخش 46 سال ابو بڪر اسماعيل شيخ سلمان 45 سال سلمان 17 سال حمزه ولد سرفراز 12 سال صداقت الله 28 سال اشر 11 سال نعمت 24 سال صداقت 22 سال محمد يوسف ولد عامر 15 سال ياسين ولد عامر 15 سال عبدالله 16 سال محمد علي گهمانجي 55 سال سرفراز 45 سال آصف 40 سال فيصل 40 سال سعد 32 سال محمد عارف ولد حميد 28 سال محمد فيضان ولد رشيد 16 سال عبدالقيم 26 سال آصف خان 43 سال آفتاب ولد محمد 43 سال عدنان ولد محمد حنيف 28 سال محمد ڪامران ولد محمد حنيف 32 سال غفران احمد ولد محمد احمد 69 سال اسلام الحق ولد احترام القريشي 43 سال محمد اشرف، محمد سعد، محمد عارف ولد محمد رفيق 21 سال محمد رفيق ولد انور علي 48 سال شيراز ولد محمد اقبال 34 سال شامل آهن لاپتا ماڻهن جي وارثن لاءِ اهم اطلاع عملدارن عوام کان اپيل ڪئي آهي ته جيڪڏهن ڪنهن شخص وٽ معين جائلين لاپتا ماڻهن بابت ڪا به معلومات موجود هجي ته فوري طور ويجهي ريسڪيو ڪيمپ يا ڪمشنر ڪراچي جي آفيس سان رابطو ڪيو وڃي. گل پلازه ۾ لڳندڙ خوفناڪ باهه ڪانپوءِ عوام جي سهولت لاءِ ايمرجنسي هيلپ لائين قائم ڪئي وئي آهي.

بقايا 15 ڏک ونڊيو

گهرن تي وڃي جتي هن متاثر خاندانن سان ملاقات ڪئي ۽ دلي همدردي ۽ گهري افسوس جو اظهار ڪيو. ان موقعي تي ميئر ڪراچي چيو ته هن ڏکئي گهڙي ۾ اسان متاثرن جي اهل خانه سان گڏ بيٺل آهيون ۽ انساني جانِ جو ڪو به نعم البدل ناهي. هن يقين ڏياريو ته متاثرن جي مڪمل بحالي تائين هو سکون سان نه ويهندا. متاثر خاندانن جي ڪاروبار جي بحالي جو اعلان ڪندي هن چيو ته سنڌ حڪومت به متاثرن جي مڪمل بحالي تائين سک سان نه ويهندي ۽ هر ممڪن سهڪار فراهم ڪيو ويندو. هن وڌيڪ چيو ته بلديه عظميٰ ڪراچي جا ريسڪيو اهلڪار اڃا تائين ريسڪيو آپريشن ۾ مصروف آهن جڏهن ته انتظاميه جي ڀرپور ڪوشش آهي ته متاثرن جي پيارن کي جلد از جلد سندن اهلِ خانه جي حوالي ڪيو وڃي

بقايا 16 مصطفيٰ ڪمال

۽ چيو ته اڃا به ڪيترائي ماڻهو لاپته آهن. هن دعا ڪئي ته الله تعاليٰ متاثر خاندانن تي رحم فرمائي ۽ شهيدن کي مغفرت عطا فرمائي. سيد مصطفيٰ ڪمال چيو ته ايم ڪيو ايم پاڪستان ۽ هن شهر جي وڏي سياسي جماعتن مان هڪ آهي ۽ ان تي ذميواريون آهن جيڪي هو سمجهن ٿا ۽ ادا به ڪن ٿا. هن عوام کي اپيل ڪئي ته ڊسو نه ڪير ڪنهن لاءِ ڳالهائي رهيو آهي ۽ اهو پڇو ته ڇا اهو ڪراچي ۾ آخري سانحو هوندو؟ ڪنهن گارنٽي ڏئي سگهي ٿو؟ هن زور ڏنو ته شهر ۾ پيش ايندڙ ڪيترائي واقعا اڃا تائين حل طلب آهن. سيد مصطفيٰ ڪمال چيو ته پاڪستان جي تاريخ ۾ ايم ڪيو ايم جي نوجوانن ڪراچي ۾ اهم رول ادا ڪيو آهي ۽ 25 سالن تائين شهر تي را جو تسلط رهيو

بقايا 17 اهلڪار زخمي

5 پسٽول هڪ رائفل هٿ ڪري ورتي آهي

ملازمن جو تعلق افغاني ڊڪيٽ گينگ سان ٻڌايو پيو وڃي جڏهن ته رات دير تائين مقابلو جاري هو پوليس جي وڌيڪ نفري کي پڻ طلب ڪيو ويو آهي .

بقايا 18 سسئي پليجو

مصطفيٰ ڪمال هڪ ڀيرو ٻيهر جي سنڌ وحدانيت ۽ سنڌ جي خلاف زهر اوڳاڇي ان ڳالهه جو ثبوت ڏنو آهي ته هو تقسيم واري سياست ۽ لسانيت جي باهه ڀڙڪائڻ سازش کي هٿي ڏيڻ چاهين ٿا ارڙهين ترميم جنهن صوبن جي آئيني حقن کي وڌيڪ ممڪن بنايو ۽ صوبن سان محرومي کي گهٽ ڪرڻ جي عملي ڪوشش ڪئي ان ترميم کي رول بيڪ ڪرڻ جي ڪير به ڳالهه ڪندو ته اهو پاڪستان جي خلاف ڳالهه تصور ٿيڻ کپي هن چيو ته سنڌ جي حيثيت ۽ سنڌ جي اهميت ٽيڪس اوڳاڙڻ کان وٺي پاڪستان جي ڊي پي ۾ ڪنٽريبيوشن ۽ سمنڊ درياءَ سميت معدني وسيلن جي ڪنٽريبيوشن کان سڀ واقف آهن ته ملڪي معيشت کي هلائڻ ۾ سنڌ جو ڪيترو اهم ڪردار آهي ۽ ان جي باوجود سنڌ کي ڪالوني طور پيش ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ۾ ايم ڪيو ايم جا اڳواڻ پيش رهن ٿا ۽ اها راهه هموار ڪرڻ چاهين ٿا ته صوبو ورهائڻ جي ڪا سازش تيار ڪئي وڃي سنڌ جا ماڻهو ان عمل کي نه رڳو رد ڪن ٿا پر ايم ڪيو ايم جي تقسيم واري سازشي سياست جي نالي ۾ هڪڙي پونڊي حرڪت جي مذمت ڪريون ٿا سسئي پليجو چيو ته ڪنهن به واقعي جي آڙ ۾ هر وقت پ پ پ کي نشانو بڻائي ان جي آڙ ۾ سنڌ کي ٽارگيٽ ڪرڻ ، سنڌ جي وسيلن ۽ سنڌ جي وحدانيت تي نشان لڳائڻ جون ڪوششون ايم ڪيو ايم جي طرفان بار بار ٿينديون رهيون آهن جن کي هميشه سنڌ جي ماڻهن رد ڪيو آهي ۽ اهو سبب آهي ته ايم ڪيو ايم فارم 47 جي پيداوار نه هجي ها ته شايد هڪڙي به سيٽ ڪراچي مان نٿي کٽي سگهي ايم ڪيو ايم جي ڪيترن ئي ماڻهن جي اڄ به شايد اها خواهش لڳي ٿي ته ٻورين واري سياست شروع ٿئي ته ڪنهن نموني هنن جي سياست ۾ ڪجهه ساهه پئجي سگهي يا انهن جون سازشيون ڪامياب ٿي سگهن پر ڪين ٻڌائڻ ٿا چاهيون ته سنڌ جا ماڻهو اوهان جي ان سازش کي ڪنهن به صورت ۾ ڪامياب ٿيڻ نه ڏيندا.

بقايا 19 رڪنيت بحال

8 ميمبرن جي رڪنيت بحال ڪري ڇڏي انهن ميمبرن کي گوشوارا جمع نه ڪرائڻ تي 16 جنوري 2026ع تي جاري ڪيل هڪ نوٽيفڪيشن ذريعي ڪم ڪرڻ کان روڪيو ويو هو اليڪشن ڪميشن موجب انهن ميمبرن هاڻ مالي سال 25-2024ع لاءِ پنهنجا، پنهنجي شريڪ حيات ۽ ڪفالت هيٺ ٻارن جا اثاثا ۽ بقاياڻن جا تفصيل (فارم بي) جمع ڪرائي ڇڏيا آهن اليڪشن ايڪٽ 2017ع جي سيڪشن 137 تحت قانوني گهرجون پوريون ڪرڻ تي ڪميشن سندن رڪنيت بحال ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏي. رڪنيت بحال ٿيندڙن ۾ سنڌ مان ممتاز علي محمد تيمور ٽالپر لياقت علي آسڪاڻي شامل آهن

بقايا 20 مخدوم محبوب الزمان

سردار محمد بخش مهر چام خان شورو مڪيش ڪمار چاولا، صلاحڪار گيانچند ايسراڻي، خاص معاون عبدالجبار خان اينٽي ڪرپشن جي چيئرمين سيد ذوالفقار علي شاهه خوراڪ کاتي جي سيڪريٽري ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن شرڪت ڪئي اجلاس دوران خوراڪ کاتي جي سيڪريٽري پاران صوبي ۾ فلور ملن کي سبسڊي تي ڪڻڪ جي فراهمي، ذخيرن جي صورتحال ۽ ٻين اهم معاملن تي تفصيلي بريفنگ ڏني وئي بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته سنڌ حڪومت وٽ ڪڻڪ جو وافر ذخيرو موجود آهي ۽ ڪراچي لاءِ ٻين ڊويزن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ ڪڻڪ گهربل هوندي آهي خوراڪ کاتي جي سيڪريٽري آگاهه ڪيو ته ڪراچي لاءِ ڪڻڪ جون 15 هزار بوريون مخصوص ڪيون ويون آهن ۽ رمضان المبارڪ جي مهيني دوران اٽي جي ڪوٽ جو ڪو به امڪان ناهي اجلاس ۾ صوبائي وزيرن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته رمضان جي مهيني ۾ سڄي سنڌ ۾ اٽي جي ڪنهن به قسم جي ڪوٽ برداشت نه ڪئي ويندي، چاڪاڻ ته ان دوران اٽي جي طلب ۾ وڏو اضافو ٿي ويندو آهي. خوراڪ کاتي جي صوبائي وزير مخدوم محبوب الزمان هدايت ڪئي ته سنڌ جي ڪڻڪ کي ٻين صوبن ڏانهن وڃڻ کان روڪڻ لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن هن وڌيڪ چيو ته ذيلي ڪميٽي پاران ڏنل تجويزون سنڌ ڪابينا جي ايندڙ اجلاس ۾ پيش ڪيون وينديون

بقايا 21 فيصلو

هڪ لک رپيا جرمانو عائد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. جڏهن ته بغير نمبر پليٽ هلندڙ گاڏين خلاف به ڀرپور ڪريڪ ڊائون جو اعلان ڪيو ويو آهي. آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو جي صدارت هيٺ سينٽرل پوليس آفيس ڪراچي ۾ ٽريفڪ مينيجمينٽ، TRACSسسٽم ۽ اي چالان جي موجوده ڪارڪردگي وسعت، عوامي سهولتن ۽ سڌارن بابت اهم جائزي وارو اجلاس ٿيو. اجلاس ۾ ڊي آءِ جيز سنڌ پوليس هاءِ وي پيٽرول، ٽريفڪ ڪراچي، هيڊڪوارٽرز، فنانس، ڊي جي سيف سٽي اٿارٽي اي آءِ جيز ۽ بي ڊي آءِ کي شرڪت ڪئي. اجلاس دوران ڊي آءِ جي ٽريفڪ ڪراچي ۽ ڊي جي سيف سٽي اٿارٽي تفصيلي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته TRACSسسٽم تحت هن وقت تائين 2 لک 88 هزار کان وڌيڪ اي ٽڪيٽس جاري ڪيون ويون آهن جن مان 52 سيڪڙو ٽڪيٽس شهرين تائين پهچايون ويون آهن جڏهن ته 48 سيڪڙو ترسيل جي مرحلي ۾ آهن. بريفنگ موجب ٽڪيٽس جي ترسيل ۾ دير جا سبب ٽڪيٽ وصول ڪرڻ کان انڪار، پتي جي تبديلي، نامڪمل پتو ۽ ٻيا فني مسئلا آهن. جڏهن ته رهجي ويل سڀ ٽڪيٽس جي بيهر ترسيل جو عمل شروع ڪيو ويو آهي. ترسيل ٿيل ٽڪيٽس مان 71 سيڪڙو شهرين ادا ڪري ڇڏيون آهن، جڏهن ته 59 سيڪڙو ٽڪيٽس معاف پڻ ڪيون ويون آهن. اي چالان بابت هن وقت تائين 7 هزار 681 شڪايتون وصول ٿيون آهن جن مان 81 سيڪڙو شڪايتن جو ازالو ڪيو ويو آهي جڏهن ته 19 سيڪڙو شڪايتون اڃا زيرِسماعت آهن. انگن اکرن موجب صرف 3 سيڪڙو شهري اي چالان کي چيلينج ڪري رهيا آهن. ڊي آءِ جي ٽريفڪ ڪراچي موجب 27 آڪٽوبر 2025 کان شروع ٿيل فيس ليس اي ٽڪيٽنگ سسٽم تحت 12 هزار گاڏيون بليڪ لسٽ ڪيون ويون آهن. بليڪ لسٽ گاڏين ۾ اهي گاڏيون شامل آهن جن ۾ مالڪي جي حقن جي منتقلي نه ٿيڻ، جعلي نمبر پليٽ، نامڪمل نمبر پليٽ، چوري ٿيل مسيج ۽ ٻيون قانوني پيچيدگيون شامل آهن. آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو هدايتون ڏيندي چيو ته بليڪ لسٽ ٿيل گاڏين خلاف ٽريفڪ پوليس ضلعي پوليس سان گڏجي ڪارروائي ڪري، جڏهن ته اهڙين گاڏين جو ڊيٽا سيف سٽي ڪيمرائن ايمرجنسي رسپانس وهيڪلز ۽ AVLCجي ڊيٽابيس ۾ پڻ منتقل ڪيو وڃي. آءِ جي سنڌ ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي کي هدايت ڪئي ته بليڪ لسٽ گاڏين خلاف ڪارروائي لاءِ جامع حڪمت عملي تيار ڪئي وڃي. اجلاس ۾ اهو به فيصلو ڪيو ويو ته شهر جي ڪجهه سيڪشنز تي اسمارٽ فونز ذريعي اي ٽڪيٽنگ جو نظام تجرباتي بنيادن تي شروع ڪيو وڃي. آءِ جي سنڌ جو چوڻ هو ته جديد پوليسنگ جي فروغ لاءِ ٽيڪنالاجي جو استعمال انتهائي ضروري آهي ۽ موجوده دور جي تقاضائن موجب پوليسنگ کي وڌيڪ آسان ۽ عوام دوست بڻائڻ لاءِ غير معمولي قدم کڻڻا پوندا.

بقايا 22 وارثن حوالي

ايڌي سرد خاني مان وارثن حوالي ڪيون ويون آهن. ايڌي انفارميشن موجب، فوت ٿيندڙن ۾ گارڊن جو رهواسي 47 ساله سرفراز ولد نور محمد، ميٽروپول جو رهواسي 24 ساله محمد عثمان ولد گل فيض ۽ گجرانوالا پنجاب جو رهواسي 24 ساله محمد رضوان ولد محمد حفيظ شامل آهن. تفصيلن مطابق، سرفراز جي گل پلازه ۾ گفٽ آئٽم جي دڪان هئي جڏهن ته محمد عثمان گل پلازه ۾ ڪراڪري جي دڪان تي ڪم ڪندو هو ۽ محمد رضوان گل پلازه ۾ فوٽو فريم جي دڪان تي ملازم هو. ايڌي اختيارين موجب ٽنهي ميتن جي سڃاڻپ ڊي اين اي ٽيسٽ ذريعي ڪئي وئي جنهن بعد ضروري قانوني ڪارروائي مڪمل ڪري ميتون سندن وارثن حوالي ڪيون ويون آهن.

بقايا 23 ٿڌ واڌ

علائقن ۾ تيز هوائن ۽ بارش جو سلسلو شروع ٿي ويو آهي، جنهن سبب شهر ۾ ٿڌ ۾ نمايان واڌارو ٿيو آهي. اثرانداز علائقن ۾ مليس گلباپ، نارٿ ناظم آباد، ڪلفٽن، ڊفنس ، لياقت آباد، گلشن حديد، گلستان جوهر ايم اي جناح روڊ سميت شهر جا ڪيترائي ڀاڱا حصا شامل آهن. برسات کان پوءِ شهر جي رهواسين ٿڌ کان بچڻ لاءِ گرم ڪپڙا پائڻ شروع ڪري ڇڏيا آهن. بارش ۽ ٿڌ سبب مقامي مارڪيٽن ۾ پڻ رواجي خوراڪي ۽ گرم شيون جهڙوڪ چانهه پڪوڙا ۽ ٻين ضروري اشيائن جي طلب وڌي وئي آهي. شهرين کي مشورو ڏنو ويو آهي ته اهي برسات ۽ ٿڌي موسم دوران حفاظتي تدابير اختيار ڪن ۽ گهٽ ۾ گهٽ ٻاهر رهڻ جي ڪوشش ڪن

بقايا 24 وقار مهدي

جي اڳواڻن جي پريس ڪانفرنس تي ردعمل ڏيندي چيو آهي ته مصطفيٰ ڪمال متحده جي چيئرمين شپ حاصل نه ٿيڻ تي حواس وڃائي ويٺو آهي. سينيٽر وقار مهدي چيو ته مصطفيٰ ڪمال جا روزاني بدلجندڙ بيان هاڻي متحده جي ڪارڪنن پاران به سنجيده نه ورتا وڃن. هن زور ڏنو ته متحده قومي موومينٽ گذريل 30 سالن کان هر حڪومت جو حصو رهي آهي پر اڄ تائين عوام لاءِ ڪجهه به نه ڪيو. سينيٽر وقار مهدي جو چوڻ آهي ته متحده جي سياست صرف نفرت پکيڙڻ تي قائم آهي پر ڪراچي جي عوام انهن کي هاڻي مسترد ڪري ڇڏيو آهي. هن چيو ته ڪراچي شهر جي انفراسٽرڪچر جي تباهي ۾ سڀ کان وڌيڪ ڪردار متحده ۽ خاص طور تي مصطفيٰ ڪمال جو آهي. هن وڌيڪ چيو ته بدقسمتي سان متحده هميشه لاشن جي سياست ڪندي رهي آهي ۽ ايم ڪيو ايم جو وطيرو ڪوڙ ۽ عوام کي گمراهه ڪرڻ تي مبني آهي. گل پلازه سانحي تي ڳالهائيندي سينيٽر وقار مهدي چيو ته حڪومت سنڌ ۽ ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن جا ادارا آتشزدگي کان صرف 15 منٽ بعد ئي موجود هئا ۽ وزيراعليٰ سنڌ سانحي جي تعمير نو ۽ تاجرن جي نقصانن جي ازالي جو اعلان ڪري چڪا آهن. سينيٽر وقار مهدي زور ڏنو ته پيپلزپارٽي ڪراچي جي نمائندگي ڪندڙ جماعت آهي ۽ هن ڏک جي گهڙي ۾ عوام سان گڏ بيٺل آهي.

بقايا 25 ملاقات

استحڪام ۽ سڌارن لاءِ حڪومت جي ڪوششن کان آگاهه ڪيو آهي ايڪس تي پنهنجي پيغام ۾ وزيراعظم چيو ته ڊيووس ۾ ورلڊ اڪنامڪ فورم جي موقعي تي آءِ ايم ايف جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر ڪرسٽالينا جارجيوا سان ملاقات ڪري خوشي ٿي

بقايا 26 واڌ

ڇڏي آهي خميس ڏينهن ايوان صدر جي ميڊيا ونگ پاران جاري ڪيل بيان موجب صدر پاران سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جن ڏهه ايڊيشنل ججن جي توثيق جي منظوري ڏني وئي آهي انهن ۾ جسٽس ميران محمد شاهه جسٽس مسز تسنيم سلطانه جسٽس رياضت علي ساهڙ جسٽس محمد حسن جسٽس عبدالحميد ڀرڳڙي، جسٽس جان علي جوڻيجو جسٽس نثار احمد ڀنڀرو جسٽس علي حيدر 'آدا'، جسٽس محمد عثمان علي هادي ۽ جسٽس محمد جعفر رضا شامل آهن

بقايا 27 ڏک جو اظهار

اسيمبلي جي اڳوڻي ميمبر راجا نادر پرويز جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي سندس خاندان سان دلي همدردي ۽ تعزيت جو اظهار ڪيو آهي. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري ڪيل بيان موجب وزيراعظم چيو ته راجا نادر پرويز جي پاڪستان جي سياست لاءِ خدمتن کي سدائين ياد رکيو ويندو هن دعا ڪئي ته الله تعاليٰ مرحوم کي جنت ۾ جاءِ ڏئي

بقايا 28 ملتوي

اسيمبليءَ جي اسپيڪر سردار اياز صادق جي صدارت هيٺ پارليامينٽ هائوس ۾ منعقد ٿيو جنهن ۾ مختلف قانونسازي سميت ايجنڊا تي ڪارروائي مڪمل ڪئي وئي. ڊپٽي اسپيڪر سيد غلام مصطفيٰ شاهه ايجنڊا جي ڪارروائي مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ اسيمبليءَ جو اجلاس اڻڄاتل مدي لاءِ ملتوي ڪري ڇڏيو

بقايا 29 اتفاق

جاري سڌارن واري عمل، صحت جي شعبي جي ترجيحن ۽ پائيدار ترقي ۽ اداره جاتي صلاحيت وڌائڻ لاءِ گيٽس فائونڊيشن سان تعاون کي وڌيڪ وڌائڻ تي ڳالهيون ٿيون. ملاقات دوران ناڻي واري وزير پاڪستان ۾ گيٽس فائونڊيشن جي پراڻي مدد خاص ڪري پوليو جي خاتمي ۾ سندس اهم ڪردار تي ٿورو مڃيو هن صحت جي چئلينجن کي منهن ڏيڻ ۽ سڄي ملڪ ۾ طبي سهولتون بهتر بڻائڻ لاءِ فائونڊيشن جي مسلسل تعاون کي ساراهيو بل گيٽس پاڪستان ۾ فائونڊيشن جي جاري ۽ ايندڙ سرگرمين کان آگاهه ڪيو ۽ پوليو جي مڪمل خاتمي لاءِ مسلسل ڪوششن جي اهميت تي زور ڀريو ٻنهي پاسن کان ان ڳالهه تي اتفاق ڪيو ويو ته صحت جي منصوبن تي موثر عملدرآمد لاءِ لاڳاپيل ادارن ۽ صوبائي انتظاميه سان ويجهو رابطو ضروري آهي خاص طور تي انهن علائقن ۾ جتي خاص ڌيان گهربل آهي ڌرين پوليو جي خاتمي ۽ صحت جي نظام کي مضبوط بڻائڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو سينيٽر محمد اورنگزيب پاڪستان جي ٽيڪس نظام جي ڊجيٽلائيزيشن جي حوالي سان گيٽس فائونڊيشن طرفان تازي تعاون جي اظهار تي ٿورو مڃيو ۽ چيو ته هي قدم حڪومت جي وسيع تر سڌارن واري ايجنڊا جو اهم حصو آهي

بقايا 30 جام اڪرام

۽ واپار واري وزير جام اڪرام الله ڌاريجو ۽ صوبائي وزير مڪاني ادارن سيد ناصر حسين شاهه جي صدارت هيٺ سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ واقع پراڻي ڪي ڊي اي بلڊنگ ۾ هڪ اهم اجلاس منعقد ٿيو اجلاس ۾ سيڪريٽري صنعت ۽ واپار شادي جعفر ۽ ٻين اعليٰ عملدارن شرڪت ڪئي. جڏهن ته آل پاڪستان انجمن تاجران سنڌ جي هڪ وفد پڻ شرڪت ڪئي وفد جي اڳواڻي صدر جاويد قريشي ڪئي، اجلاس ۾ گل پلازا کان متاثر واپارين جي مسئلن، جاني ۽ مالي نقصان ۽ مستقبل جي حڪمت عملي تي تفصيلي بحث ڪيو ويو. صوبائي وزير جام اڪرام الله ڌاريجو چيو ته سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهه جي هدايتن تي جلد ئي ڪاروباري برادري سان هڪ ٻيو اهم اجلاس منعقد ڪيو ويندو

بقايا 31 شرجيل ميمڻ

پوئتي جو نه پر اسان سڀني جو آهي ۽ جنهن اذيتن مان متاثر خاندان گذري رهيا آهن ان ڏکئي گهڙيءَ ۾ سنڌ حڪومت انهن سان گڏ بيٺل آهي ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي سنڌ جي سينيئر وزير ۽ صوبائي وزير اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سانحي جي پهرين ڏينهن کان سنڌ حڪومت هڪ نقطي واري ايجنڊا تي ڪم ڪري رهي آهي ته ملبي ۾ موجود سڀئي لاش ڪڍيا وڃن ڊي اين اي ٽيسٽ ڪرايا پيا وڃن حڪومت کي 86 گم ٿيل ماڻهن بابت معلومات ملي چڪي آهي جڏهن ته باقي ماڻهن جي ڳولها جاري آهي ۽ انتظاميا رات ڏينهن ڪم ڪري رهي آهي هن ٻڌايو ته فوت ٿيلن جي وارثن کي هڪ هڪ ڪروڙ رپيا ڏنا ويندا

بقايا 32 افغاني واپس

طورخم بارڊر جي رستي وڌيڪ 2847 افغان شهرين کي افغانستان موڪليو ويو. خيبر پختونخوا جي گهرو کاتي موجب خيبر پختونخوا سميت ٻين صوبن آزاد ڪشمير گلگت ۽ وفاقي گاديءَ واري حڪومت اسلام آباد مان افغان شهرين جي نيڪاليءَ جو عمل جاري آهي ڪاتي طرفان جاري ڪيل انگن اکرن موجب گذريل ڏينهن طورخم بارڊر رستي 2847 افغان شهرين کي افغانستان موڪليو ويو

بقايا 33 برقرار

برقرار رکندي سندن اپيلون رد ڪري ڇڏيون جڏهن ته ڪيس جي مدعي طرفان سزا وڌائڻ جي درخواست به خارج ڪئي وئي سپريم ڪورٽ طرفان رپورٽنگ لاءِ منظور ٿيل لکت واري فيصلي موجب سپريم ڪورٽ قرار ڏنو ته لاهور هاءِ ڪورٽ جي فيصلي ۾ ڪابه قانوني خامي موجود نه آهي عدالت موجب اکين ڏٺن شاهدن جي گواهي ڀروسي جوڳي آهي ۽ ميڊيڪل رپورٽس ۾ مارجي ويلن جي جسمن تي ڪيترين ئي گولين جي تصديق ٿئي ٿي عدالت پنهنجي فيصلي ۾ چيو ته فائرنگ جي واقعي ڪانپوءِ مارجي ويلن جي پوسٽ مارٽم فوري طور رات جي وقت ۾ ڪئي وئي،

بقايا 34 ڳالهيون

پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار ڊيووس ۾ ورلڊ اڪنامڪ فورم جي موقعي تي آءِ سي آر سي جي صدر مرجانا سپولجارڪ ايگر سان ملاقات ڪئي ڪالهه خميس ڏينهن پرڏيهي آفيس موجب هن مختلف شعبن ۾ پاڪستان — آءِ سي آر سي تعاون تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ۽ گڏيل دلچسپي جي معاملن تي تعاون کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي

بقايا 35 ملتوي

ٻڌڻي اڄ جمعو 23 جنوري تائين ملتوي ڪئي آهي گذريل ڏينهن چيف جسٽس امين الدين خان جي سربراهي ۾ جسٽس حسن اظهر رضوي ۽ جسٽس سيد ارشد شاهه تي ٻڌل 03 رڪني بينچ ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي ٻڌڻي دوران فوجي فرٽيلائيزرز ۽ ٻين ڪمپنين جي وڪيل جمال احمد پنهنجا دليل مڪمل ڪيا. وڪيل موقف اختيار ڪيو ته آئين تحت فنانس ايڪٽ کي پارليامينٽ ۾ پيش ڪرڻ کان اڳ وفاق جي باقاعده توثيق ضروري هوندي آهي وڪيل جمال احمد عدالت کي اپيل ڪئي ته سپر ٽيڪس بابت فنانس ايڪٽ جو سيڪشن 4 سي ضابطي خلاف آهي.جنهن جي ڪري ان کي ڪالعدم قرار ڏنو وڃي چيف جسٽس امين الدين خان سوال پڇيو ته هن وقت ڪمپنيون ڪيترو ٽيڪس ادا ڪري رهيون آهن؟

بقايا 36 محسن نقوي

وزيراعظم ليپ ٽاپ اسڪيم جي تقريب ۾ خاص مهمان طور خطاب ڪندي ڪيو وفاقي وزير يونيورسٽي جي ايراضيءَ تي قبضن جي حوالي سان سخت چتاءُ ڏيندي چيو آهي ته اسلام آباد ۾ سرڪاري زمين تي قبضو ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪيو ويندو ۽ ان سلسلي ۾ هڪ جامع آپريشن جاري آهي هن چيو ته مون کي اڄ ٻئي ڀيري قائداعظم يونيورسٽي اچي دلي خوشي ٿي رهي آهي اسان جي پوري ٽيم جو پختو يقين آهي ته جيڪڏهن اسلام آباد کي هڪ مرڪز طور ڏٺو وڃي ته ان جو تصور قائداعظم يونيورسٽي ڪانسواءِ ادورو آهي هي اها اڪيلي يونيورسٽي آهي جتي پاڪستان جي هر ڪنڊ ثقافت جا رنگ گڏ نظر اچن ٿا.

بقايا 37 ملتوي

ڏينهن ڏنل احتجاجي سڏ سياسي جماعتن، ڪاروباري برادري، تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان ۾ شامل جماعتن ۽ جي ڊي اي جي قيادت سان باهمي صلاح مشوري بعد عارضي طور ملتوي ڪيو ويو آهي هن واضح ڪيو ته پي ٽي آءِ ڪنهن به صورت ۾ ريسڪيو آپريشن ۽ ملبو هٽائڻ واري عمل ۾ رڪاوٽ نٿي بڻجڻ چاهي ۽ نه ئي ڪريٽ حڪومت کي الزام تراشي جو موقعو ڏنو ويندو، حليم عادل شيخ چيو ته گل پلازه تي پي ٽي آءِ جو رليف ڪيمپ پهرين ڏينهن کان قائم آهي ۽ امدادي سرگرميون مسلسل جاري رهنديون هن ٻڌايو ته هو پاڻ واقعي واري هنڌ موجود رهيو صورتحال انتهائي ڏکوئيندڙ آهي ڪيترن ئي لاشن جو اڃا تائين ملبي هيٺ دٻيل هئڻ جو خدشو آهي جڏهن ته ڪالهه به دير سان لاش ڪڍيا ويا آهن

بقايا 38 علامه شهنشاهه

صدر علامه سيد شهنشاهه حسين نقوي هڪ پيغام جاري ڪندي چيو آهي ته موجوده عالمي حالتون اسان کان سيرتِ امام حسينؑ تي عملي طور هلڻ جو تقاضو ڪن ٿيون. هن چيو ته اڄ جي دنيا ۽ اسلامي معاشرو ظلم ناانصافي ۽ جبر جي ور چڙهيل آهي. اهڙي صورتحال ۾ امام حسينؑ جي سيرت انسانيت کي ظلم خلاف آواز اٿارڻ حق جو ساٿ ڏيڻ ۽ انساني قدرن جي حفاظت جو درس ڏئي ٿي.

بقايا 39 فيصلو

ڪندي سنڌ هاءِ ڪورٽ جي فيصلي کي معطل ڪري ڇڏيو ٻڌڻي دوران جسٽس عامر فاروق رمارڪس ڏنا ته سپريم ڪورٽ جو سال 2024ع جو فيصلو ماضي کان لاڳو عمل نه ڪيو ويو پر ان جو لاڳو مخصوص قانوني دائري ڪار ۾ آهي سنڌ حڪومت جي وڪيل موقف اختيار ڪيو ته سنڌ هاءِ ڪورٽ قرار ڏنو هو ته سپريم ڪورٽ جو فيصلو نه ته مستقبل ۾ لاڳو ٿيندو ۽ نه ئي التوا ۾ پيل معاملن تي. جڏهن ته اها تشريح درست ناهي

بقايا 40 سعيد غني

واقعو ناهي پر پوري سماج لاءِ هڪ وڏو سانحو آهي هن چيو ته سنڌ حڪومت هن سانحي جي متاثرن سان گڏ بيٺل آهي ۽ انشاءالله هر ممڪن مدد فراهم ڪئي ويندي. اهڙو اظهار هن گذريل ڏينهن گل پلازا سانحي ۾ فوت ٿيندڙ عثمان جي جنازي نماز ۾ شرڪت دوران ڪيو ۽ ان کان پوءِ سانحي ۾ اڃا تائين لاپته نعمت الله عبدالله ولد حاجي رئيس جي گهر وڃي سندس وارثن سان ملاقات ڪئي

بقايا 41 نه ٿي سگهيو

گذرڻ باوجود گرفتار نه ڪري سگهي آهي، جوابدار کي گرفتار ڪرڻ ويندڙ ڊي ايس پي سانگهڙ جي اڳواڻي ۾ پوليس اٽلو جوابدار کي ڳولا ڪرڻ بجاءِ جوابدار ڌر جي اوطاق کي پروٽوڪول ڏئي رليون وڇائي کٽن تي ويٺل نظر آيا جنهن جون تصويرون پڻ وائرل ٿيون ان بعد پوليس بنا ڪنهن گرفتاري جي واپس رواني ٿي وئي، هوڏانهن اهي پڻ اطلاع آهن ته جوابدار وزير راڄڙ اچڙي ٿر واري علائقي ۾ فرار ٿي ويو آهي، هوڏانهن جڏهن ته متاثر نينگري جي شروعاتي ميڊيڪل رپورٽ جاري ڪئي وئي آهي جنهن ۾ متاثر نينگري سان زيادتي، تشدد سميت تيزدار اوزار سان جسم تي جيهر ڏيڻ جي تصديق ٿي وئي آهي.

بقايا 42 محرم ملاح

ٻاهران ڦٽو ڪري ويو هن وڌيڪ چيو ته ان مهل چوڪيدارين ڦاٽي تي ڀرياسين ته ايس ايڇ او جوابدار ڌر کي گهرائي اسان کي ڌاهه ڪرڻ ۽ مسئلو لٽي مٽي ڪرڻ لاءِ پريشرائيز ڪندو رهيو

بقايا 43 يقين ڏيارايو

اڳواڻ عاجز ڌامراهه نوابشاهه پهچي متاثر نينگري جي عيادت ڪئي ۽ سندس وارثن سان ملاقات ڪري کين انصاف ڏيارڻ جو يقين ڏيارايو ان موقعي تي پ پ اڳواڻ چيو ته متاثر نياڻي جو علاج سنڌ سرڪار پاران سرڪاري خرچ تي ڪرائڻ جو پڻ اعلان ڪيو

بقايا 44 ڊي جي ڪي ڊي اي

ملڪ جي موجوده معاشي حالتن ۾ جڏهن مهانگائي عام ماڻهوءَ جي ساهه کي سُڪائيندي هجي، تڏهن وزيراعظم شهباز شريف پاران اينڊڙ بجيٽ بابت ڏنل خاص هدايتون هڪ حد تائين سکون جو سبب بڻيون آهن. بجيٽ تائين مني بجيٽ نه آڻڻ، پگهاردار طبقي ۽ صنعتن کي رليف ڏيڻ ۽ نوان ٽيڪس لاڳو ڪرڻ بدران ٽيڪس آمدني وڌائڻ جي حڪمت عملي حڪومت جي اُن احساس کي ظاهر ڪري ٿي ته عوام، خاص طور تي سرڪاري ملازم، اڳ ئي معاشي دٻاءَ هيٺ اچي چڪا آهن. سرڪاري ملازم هن ملڪ جو اهو طبقو آهي، جيڪو نه رڳو مڪمل ايمانداريءَ سان ٽيڪس ادا ڪري ٿو پر اُن جي پگهار مان ٽيڪس سڌو سنئون ڪٽجي وڃي ٿو. ٻين ڪيترن ئي شعبن جي ڀيٽ ۾ سرڪاري ملازمن وٽ ٽيڪس بچائڻ جا رستا يا سهولتون ناهن. اهو ئي سبب آهي جو ملڪ ۾ اصل ٽيڪس ڏيندڙ طبقو جيڪڏهن ڪو آهي ته اهو پگهاردار طبقو ئي آهي. افسوس جي ڳالهه اها رهي آهي ته ماضيءَ ۾ هر مالي سال جو بار سڀ کان اڳ سرڪاري ملازمن تي وڌو ويو، جڏهن ته ٽيڪس چوري ڪندڙ ۽ غير دستاويزي معيشت کي گهڻو ڪري نظرانداز ڪيو ويو. وزيراعظم جي اها هدايت ته ٽيڪس شارٽ فال نون ٽيڪسن بدران ٽيڪس آمدني وڌائي پورو ڪيو وڃي، هڪ مثبت سوچ جي عڪاسي ڪري ٿي. جيڪڏهن حڪومت واقعي ٽيڪس نيٽ کي وسيع ڪري، واپار، ريئل اسٽيٽ، زراعت جي وڏن سيڪٽرن ۽ غير دستاويزي ڪاروبار کي قانوني دائري ۾ آڻي ته هيٺين طبقن کي پيڙهجڻ کان بچائي سگهجي ٿو. سرڪاري ملازم اڳ ئي مهانگائي، بجلي، گيس، پيٽرول ۽ تعليم جهڙن بنيادي خرچن جي ڪري پريشان آهن. اهڙي صورتحال ۾ رليف ڏيڻ رڳو اقتصادي نه پر سماجي ضرورت به بڻجي چڪي آهي. اها به هڪ حقيقت آهي ته سرڪاري ملازم ئي آهن جيڪي پئسن جي روٽيشن کي جاري رکن ٿا. انهن جون پگهارون مارڪيٽ ۾ وڃن ٿيون. دڪاندار، صنعتڪار، ٽرانسپورٽر ۽ خدمتي شعبا انهن پگهارن سان جڙيل آهن. جڏهن سرڪاري ملازم جي قوتِ خريد گهٽجي ٿي ته سڄي مارڪيٽ سست ٿي وڃي ٿي. ان ڪري پگهاردار طبقي کي رليف ڏيڻ جو مطلب صرف هڪ طبقو خوش ڪرڻ ناهي، پر پوري معيشت ۾ ساهه وجهڻ آهي. ٻئي طرف، اينڊڙ بجيٽ ۾ مينوفيڪچرنگ سيڪٽر لاءِ سپر ٽيڪس ۾ گهٽتائي بابت تجويزون به خوش آئند آهن. صنعتن تي وڌندڙ ٽيڪس جو بار پيداوار، روزگار ۽ برآمدات کي سخت متاثر ڪيو آهي. جيڪڏهن حڪومت سپر ٽيڪس کي مرحليوار گهٽائي، ٿريش هولڊ وڌائي ۽ آخرڪار ان کي ختم ڪرڻ طرف وڃي ٿي ته ان سان صنعتڪاري کي هٿي ملندي، نيون نوڪريون پيدا ٿينديون ۽ رياست کي ڊگهي مدي ۾ وڌيڪ ٽيڪس آمدني حاصل ٿيندي.

البت، هتي اهو سوال به اهم آهي ته ڇا صنعتن کي ملندڙ رليف جو فائدو عام ماڻهو ۽ مزدور تائين پهچندو يا نه؟ حڪومت کي ان ڳالهه کي يقيني بڻائڻو پوندو ته صنعتن کي ڏنل سهولتون روزگار وڌائڻ، اجرتون بهتر ڪرڻ ۽ مهانگائي گهٽائڻ ۾ به مددگار ثابت ٿين. ٻي صورت ۾ رليف رڳو انگن اکرن تائين محدود رهندو. آءِ ايم ايف سان ڳالهين ۾ نوان ٽيڪس لاڳو نه ڪرڻ جي ڪوشش پڻ ساراهه جوڳي آهي، پر حڪومت کي اهو به سمجهڻ گهرجي ته بين الاقوامي ادارن جي شرطن کان وڌيڪ اهم پنهنجي عوام جو اعتماد آهي. جيڪڏهن پگهاردار طبقو، سرڪاري ملازم ۽ وچولو طبقو مڪمل طور ٽُٽندو رهيو ته معاشي استحڪام ممڪن نه رهندو.

بهرحال، حڪومت لاءِ اهو ضروري آهي ته سرڪاري ملازمن کي صرف خرچ سمجهڻ بدران قومي معيشت جو مضبوط ستون سمجهي. اهي ئي ماڻهو آهن جيڪي ٽيڪس به ڏين ٿا، سرڪاري نظام به هلائن ٿا ۽ مارڪيٽ ۾ پئسن جي گردش کي زنده رکن ٿا. اينڊڙ بجيٽ ۾ جيڪڏهن واقعي پگهاردار طبقي کي حقيقي رليف ملي ٿو ته اهو قدم نه رڳو حڪومت جي ساک بحال ڪندو، پر ملڪ کي معاشي بحاليءَ طرف به وٺي ويندو.

اڳي ته ايئن ڪونه هو...

ڊاڪٽر رضا چانڊيو

(حصو پهريو)

اڳي ته ايئن ڪونه هوا ڀهراڙيءَ جي اسڪولن لاءِ ڇا لکجي؟ سائين سردار شاهه (وزير تعليم سنڌ) جون ڪوششون قابلِ تعريف آهن. يقينن اڳي کان ڪجهه سڌارو آيو آهي. استادَ اڳي کان ريگيولر ٿيا آهن پر رڳو استادن جو اتي اچڻ، حاضري لڳائڻ ته ڪافي ناهي؟ ڍِٻون حال، ڦِٽل عمارتون، مٿان ڇاپڙ پيا ڪِرن، ٻار وِلهه جهڙي موجوده سيءَ ۾ پيا ڏڪن، جن وٽ نه اوڍڻ لاءِ ڪو ڪپڙو آهي، پير اگهاڙا، نه پيئڻ لاءِ صاف پاڻي، نه وري واش روم جي ڪا سهولت.

ڪالهه فيس بڪ تي هڪ اسڪول جي حالت ڏسي مون کي ته روئڻ اچي ويو. ڇا ذميوار ڌريون ان جو حساب ڪونه ڏينديون؟ اهو آهي اسان جو مستقبل، جنهن کي اسان اهڙي ريت سنواريون پيا. ان تي اڳ ۾ ئي گهڻو ڪجهه لکيو ۽ چيو ويو آهي.. اميد الله ۾ ڪري سگهجي ٿي... من ڪنهن جو ضمير جاڳي به پوي؟ سڀ آفيسر هڪ جهڙا به نه ڪونهن. ظاهر آهي خوف خدا رکڻ وارن سان به دنيا ڀري پئي آهي پر بدقسمتيءَ سان انهن جون ٻانهون ٻڌل آهن. ڪين ڪم ڪرڻ ٿي نٿو ڏنو وڃي. ويچارا مجبور ۽ بيوس بڻيل آهن. صاحبِ اقتدار ۽ وس وارن کي فقير صرف ايترو عرض ڪري سگهي ٿو ته پنهنجا ئي سهي پر گهٽ ۾ گهٽ اهڙا ته ڪامورا چونڊيو، جن کي ڪم ڪرڻ جو ڪو ڏانءُ ڪا ڄاڻ ته هجي؟ ۽ ادارو صحيح طرح سان هلائي ته سگهن؟

ڪٿي به ڪو به ڪهڙي به منصب تي فائز ڇو نه هجي، گهٽ ۾ گهٽ پيو نه سهي پر اُن جو "انسان هجڻ ته ضروري آهي" نه ته معاشرو ناانصافين، انيڪ برائين ۽ ڏوهن جي ور چڙهي ويندو ۽ بگاڙ جي صورت اختيار ڪندو. ادارو ته تباهه ٿيندو ئي پر گڏوگڏ رياست ۽ انسانذات لاءِ به هڪ ناسور ٿي اڀرندو.. منهنجو نماڻو عرض آهي ته نه سدائين توهان اقتدار ۾ هوندؤ، نه سدائين انهن آرامده ڦرڻين ڪرسين تي ويهي حڪم هلائيندؤ... اهو وقت ڏسجو جلدي گذري ويندو، ايتري تائين جو توهان کي ياد ئي نه رهندو. ڀلائيءَ جا ڪم ۽ نيڪيون، جيڪي ٿي سگهن ڪري وٺو. وقت بنهه مختصر آهي. فيصلا ڪرڻ وقت محتاط رهو. احتياط سان، انصاف سان قلم وهايو. توهان جو هر عمل لکجي پيو. رشوت وٺي، پرايا حق ڪائي، سرڪاري پيسن تي سئو حج ۽ عمرا ڪري، پنهنجا سڀ ڏوهه بخشائي نٿا سگهو. عالمن جو چوڻ آهي ته حقوق الله، يعني الله جي فرضن ۾ ڪمي ڪوتاهي ته مالڪ ڪريم حج جي عيوض معاف ڪندو پر حقوق العباد جي معافي تڏهن ملندي، جيسين مظلوم پاڻ معاف نه ڪري. "عام چوڻي آهي ته حج ڪرڻ سان انسان جا سمورا گناهه معاف ٿي وڃن ٿا، ايئن ناهي" ياد رکو! نرڙ تي سجايل سجدي جا نشان ۽ سونهاري، قيامت جي ڏينهن توهان کي عذاب کان ڪونه بچائي سگهندا! نيڪ نيتي ۽ نيڪ عملن جو هجڻ تمام ضروري آهي. سوچيان ٿو ڪيڏي نه پياري زمين ۽ پيارو آسمان، مالڪ ڪريم انسان لاءِ خلقي ۽ طرحين طرحين دنيا جي نعمتن سان مالا مال ڪري، سجائي انسان کي پنهنجو نائب بڻائي، هتي موڪليو جي انسان هتي انسان ٿي رهي ها ته دنيا ڪيڏي نه خوبصورت، گلزار بڻجي پوي ها. انسان ڪيڏو نه ناشڪرو ۽ نادان نڪتو جنهن خدا کي ئي وساري ڇڏيو. حرص ۽ حوس انسان کي ايترو ته ظالم بڻائي ڇڏيو جو هن دنيا ۾ اچڻ جو هو مقصد ئي وساري ويٺو. جهڙوڪر هتي آيو ئي جنگ ڪرڻ ۽ فتني فساد لاءِ هجي.

انسان جي سوچ به عجيب آهي، ٻئي کي زير ڪرڻ لاءِ پنهنجي تباهي ۽ بربادي جا اهڙا ته خطرناڪ ۽ خوفناڪ هٿيار ٺوڙي هائڊروجن جهڙا بم بڻائي ڇڏيائين، جيڪي ڦاٽي پون ته اک ڇنڀ ۾ دنيا ئي ڪوئلو بڻجي وڃي. خدا خير ڪري، دنيا هن مهل عالمي دهشتگرديءَ جي ور چڙهيل آهي. اها گمراهي نه ڄڻبي ته ٻيو ڇا آهي؟ جيڪي گمراهه ٿيا، تن جا عبرتناڪ انجام ڇا توهان ڪتابن ۾ ناهن پڙهيا؟ الله کان ڪوبه ڏاڍو ناهي. سپر پاور صرف خالق ڪائنات جي ذات آهي. منهنجي علم مطابق اڳين قومن تي عذاب عبادت نه ڪرڻ جي ڪري نه آيا هئا پر حقوق العباد، يعني انسان ذات تي ظلم ۽ ناانصافيءَ جي ڪري آيا هئا. مٽي مائٽي ۽ رت جي رشتن ۾ به هاڻ هڪٻئي جو احساس ڪو نالي ماتر وڃي رهيو آهي. اهو وقت ويو، جڏهن اهو مثال ڏبو هو ته "رت دانگيءَ تان به وڙهي پوندو آهي" هاڻ ته هر گهر ۾ رڳو تُوا تنگيا پيا آهن. اندران اندران الائي دلين کي ڪهڙو ڪلر لڳو جو پاءُ پاءُ جو ناهي رهيو؟ وسندڙ ويڙها ڪٽو ڪٽو ٿي ويران ٿي ويا. اڳي گهر جو ۽ هر ڳوٺ جو هڪڙو وڏڙو هوندو هو. ڪا ٿوري گهڻي اونچ نيچ ڪنهن جي وچ ۾ ٿي پوندي هئي ته ڳجهه ڳوهه ۾ ڪين پاڪر پارائي ڇڏبو هو. ڳالهه آئي وئي ٿي پوندي هئي. ڪنهن کي ڪا ڪل ڪانه پوندي هئي. هاڻ ته هرڪو پنهنجي گهر جو وڏو ٿيو هلي، هرڪو سوا سير پيو سڏائي. ڪنهن کي سمجهائجي؟ توهان ڏٺو هوندو ته اڄڪلهه عليحدگي يا طلاق جي شرح ۾ به ڏينهون ڏينهن اضافو ٿيندو

Notes From Europe

گل پلازا سانحو: هڪ سبق، هڪ سوال ۽ اڻکٽ ذميواريون

عبدالله عثمان مورائي

سنڌ جي راڄڌاني ڪراچيءَ جي دل صدر ۾ واقع گل پلازا ۾ تازو لڳل خوفناڪ باهه هڪ ڀيرو ٻيهر اسان جي سامهون ڪيترائي سوال اٿاري وئي آهي. هي واقعو رڳو هڪ عمارت جي تباهي نه هو پر اِهو اسان جي زندگين، شهرن ۽ سسٽم ۾ موجود سنگين خامين ۽ خالن جو آئينو آهي. منهنجي دلي همدردي انهن سمورن ماڻهن ماڻهن سان آهي جن پنهنجون زندگيون وڃائي ڇڏيون ۽ سندن وارثن سان گهري تعزيت پيش ڪجي ٿي. اِهو دردناڪ واقعو اسان کي مجبور ڪري ٿو ته اسين پنهنجي ماضيءَ مان سبق سِکون ۽ مستقبل لاءِ پڪا پختا قدم کڻون.

ترقي يافته ملڪن جو ماڊل: حفاظت جو فلسفو

ترقي يافته ملڪن ۾ عوام جي جان ۽ مال جي حفاظت کي بنيادي حيثيت ڏني ويندي آهي. اُتي عمارتون ناهڻ وقت خاص طور تي شاپنگ سينٽرز ۽ پبلڪ هنڌن تي هيٺيون شيون يقيني بڻايون وينديون آهن مثال طور: ايمرجنسي ۾ نڪرڻ جا رستا (Emergency Exits). اُهي هميشه فنڪشنل ۽ کليل رکيا ويندا آهن ۽ هڪ ٻئي کان گهٽ فاصلي تي ناهيا ويندا آهن. ٻيو وري باهه وسائڻ وارا ننڍا اوزار يعني Fire Extinguishers ٿوري ٿوري فاصلي تي موجود هوندا آهن ته جيئن باهه لڳڻ جي صورت ۾ فوري طور استعمال ڪري سگهجن. ان سان گڏوگڏ جديد ۽ اثرائتو فائر الارم سسٽم نصب هوندو آهي. جيڪو باهه لڳڻ جي صورت ۾ فوري طور تي ماڻهن کي خبردار ڪري ٿو. نه رڳو اِهو پر اُتي عمارتن ۾ باهه کان بچاءَ ۽ ايمرجنسي جي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ تربيت يافته عملو موجود هوندو آهي ۽ باقاعده بنيادن تي فائر برلز ڪرايون وينديون آهن ته جيئن سسٽم جي افاديت ۽ ماڻهن جي تياريءَ کي چيڪ ڪري سگهجي. اسڪيپ ويز ۽ ايمرجنسي دروازا عمارتن جو حصو هجن ٿا جن کي اهڙي طرح ڊزائين ڪيو ويندو آهي جو ماڻهو سولائيءَ سان ٻاهر نڪري سگهن. نڪرڻ جا نشان (Exit Signs) واضح طور تي لڳل هوندا آهن جيڪي ايمرجنسي جي صورت ۾ رهنمائي ڪن ٿا. انهن قدمن جي ڪري ڪيترن ئي ملڪن ۾ وڏيون باهيون لڳڻ باوجود جاني نقصان گهٽ ٿيندو آهي. مثال طور، يورپ ۽ آمريڪا ۾ ڪيترين ئي عمارتن ۾ باهيون لڳنديون آهن پر جديد سسٽم ۽ تربيت سبب ماڻهن کي وقت سِر نڪرڻ جو موقعو ملي ويندو آهي.

دنيا جا مثال جتي حفاظتي انتظامن جانيون بچايون

دبئي جي دي ايڊريس هوٽل ۾ 2015ع ۾ وڏي باهه لڳي پر ڪنهن به ماڻهوءَ جي جان نه وئي، ڇاڪاڻ ته عمارت ۾ الارم، اسپرنڪلر ۽ ايمرجنسي ۾ ٻاهر نڪرڻ جا رستا موجود هئا.

امريڪا جي جديد شاپنگ سينٽرن ۾ به باهه لڳڻ باوجود ماڻهن کي محفوظ نموني ٻاهر ڪڍيو وڃي ٿو، ڇاڪاڻ ته هر شيءِ اڳواٽ تيار هوندي آهي. اهي شيون ٻڌائين ٿيون ته اهڙن واقعن کي منهن ڏيڻ لاءِ اڳواٽ تياري ڪيتري ضروري آهي.

اسان جا سوال ۽ سبق

گل پلازا جهڙا واقعا اسان کي هڪ اهم سوال ڪرڻ تي مجبور ڪن ٿا ته ڇا جاني نقصان ٿيڻ کان پوءِ ئي اسين سکنداسين؟ حفاظتي قانون ڇو نظرانداز ڪيا وڃن ٿا؟ ڇا اڳيان به اهڙا سانحا ٿيندا رهندا؟

اسان کي هاڻي رڳو ماتم نه پر عملي قدم کڻڻ گهرجن. اسان جي ملڪ ۾، خاص ڪري شاپنگ سينٽرن ۽ گهڻ ماڙ عمارتن ۾ فائر سيفٽي جي معياري اصولن کي نظرانداز ڪيو ويندو آهي. ايمرجنسي ايگزٽس اڪثر ڪري بند هوندا آهن يا انهن تي سامان رکيل هوندو آهي. Fire Extinguishers غائب هوندا آهن يا اڻ استعمال ٿيل حالت ۾ هوندا آهن. الارم سسٽم ناڪاره يا انسٽال ٿيل ئي نه هوندا آهن.

مستقبل جي عمارتن جو ڊزائين ۽ حفاظتي اپاءَ

اسان کي هاڻي ماضيءَ جي غلطين مان سبق سکڻ گهرجي ۽ هيٺين قدمن تي فوري عمل ڪرڻ گهرجي: نيون عمارتون، خاص طور تي شاپنگ سينٽر ۽ پبلڪ گڏجاڻين جا هنڌ، باهه کان بچاءَ جي بين الاقوامي معيارن (International Fire Safety Codes) مطابق ڊزائين ڪيا وڃن ۽ انهن ۾ لازمي طور تي ايمرجنسي ايگزٽس، اسڪيپ ويز ۽ فائر اسٽاپ والز (Fire Stop Walls) شامل هجن.

فائر سيفٽي جو سامان مثال طور Fire Extinguishers باقاعدگي سان چيڪ ڪيا وڃن ۽ هر منزل تي مناسب فاصلي تي نصب هجن. ان سان گڏوگڏ آٽوميٽڪ اسپرنڪلر سسٽم هئڻ ضروري آهي. اهو هڪ خودڪار نظام آهي جيڪو باهه لڳڻ جي صورت ۾ پاڻهي پاڻي ڇڏي ٿو ۽ باهه کي وسائڻ ۾ مدد ڪري ٿو. ان کانسواءِ جديد الارم سسٽم ۽ سموڪ ڊيٽيڪٽرز هر ڪمري ۽ گيلري ۾ نصب ٿيڻ گهرجن. ٻيو وري هر عمارت ۾، خاص طور تي وڏين عمارتن ۾ مضبوط پاڻيءَ جو پريشر فراهم ڪندڙ فائر هائيڊرنٽ سسٽم لازمي هجڻ گهرجي. اهو فائر فائٽرز لاءِ باهه کي جلدي وسائڻ جي لاءِ انتهائي اهم آهي. سڀ کان اهم ته عملي کي باقاعده فائر سيفٽي جي تربيت ڏني وڃي ۽ فائر برلز کي هر ٽن يا ڇهن مهينن اندر ڪرائڻ لازمي قرار ڏنو وڃي. ايمرجنسي ايگزٽس کي هر وقت صاف ۽ کليل رکيو وڃي. نڪرڻ جا نشان (Exit Signs) واضح ۽ روشنيءَ وارا هجن جيڪي باهه جي دونهين ۾ به نظر اچي سگهن. عمارتن جي تعمير کان اڳ ۽ پوءِ فائر سيفٽي جي قانونن تي سختيءَ سان عمل ڪرايو وڃي. باقاعده انسپيڪشن ۽ سيفٽي آڊٽ ڪرايا وڃن ۽ خلاف ورزي ڪندڙن کي سخت سزا ڏني وڃي.

پاڻ ڪڏهن سکنداسين؟

جڏهن اسان هر وڏي واقعي کان پوءِ رڳو افسوس ڪري اڳتي وڌي وينداسين ته اهڙا سانحا پيش ايندا رهندا. ضروري آهي ته حڪومت، بلڊر ۽ عام عوام هر فرد پنهنجي ذميواري سمجهي. رڳو قانون ناهڻ ڪافي ناهي، انهن تي عمل ڪرڻ، ڪرائڻ ۽ عوام ۾ آگاهي پيدا ڪرڻ به انتهائي ضروري آهي. اسان کي مستقبل جي عمارتن کي زندگيءَ جي حفاظت جو ضمانت ڏيندڙ ڍانچو بڻائڻو پوندو، نه ڪي موت جو جار.

خدمت، ترقي ۽ سنڌ

محمد خان ابڙو

اسلام آباد جي صدراتي هائوس ۾ گذريل هفتي بلاول ڀٽو زرداريءَ جو خطاب رڳو ڪا رسمي تقريب ۾ ڪيل تقرير نه هو، پر حقيقت ۾ اِها تقرير پاڪستان جي وفاقي ڍانچي، صوبائي خودمختياري ۽ عوامي ڀلائي واري اُن نظام جو پورو ڀرپور دفاع هئي، جنهن جي بنياد شهيد ذوالفقار علي ڀٽو وڌي ۽ جنهن کي شهيد محترمه بينظير ڀٽو پنهنجي جان جي قرباني ڏئي زنده رکيو. بلاول ڀٽو زرداري نه جذباتي نعرا هنيا، نه ئي ڪنهن ٻئي صوبي يا اداري کي گهٽ ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي، پر انگن اکرن، پاليسين ۽ عملي نتيجن جي بنياد تي اهو ثابت ڪيو ته سنڌ جي ڪارڪردگي رڳو دعويٰ نه آهي، پر هڪ اهڙي حقيقت آهي، جنهن کي ٻين صوبن لاءِ به مثال بڻائي سگهجي ٿو.

پاڪستان ۾ ڪافي وقت کان اهو تاثر ڏنو ويندو رهيو آهي ته صوبا وسيلا خرچ ڪرڻ ته ڄاڻن ٿا، پر وسيلا گڏ ڪرڻ يعني آمدني حاصل ڪرڻ جي صلاحيت نٿا رکن. بلاول ڀٽو زرداري پنهنجي خطاب ۾ هن ئي پراڻي مفروضي کي سڌي ريت للڪاريو. هن سنڌ ريونيو بورڊ جو مثال ڏيندي صاف لفظن ۾ ٻڌايو ته جيڪڏهن صوبن کي آئين جي دائري ۾ رهندي مالي اختيار ڏنا وڃن ته اُهي نه صرف پنهنجون ذميواريون بهتر نموني نڀائي سگهن ٿا، پر ڪيترن ئي معاملن ۾ وفاقي ادارن کان به بهتر نتيجا ڏئي سگهن ٿا. اڄ اها ڳالهه ڪنهن به شڪ شبهي کان مٿانهين حقيقت بڻجي چڪي آهي ته سنڌ سروسز تي سيلز ٽيڪس جي وصولي ۾ اهڙي صلاحيت ڏيکاري آهي، جنهن جو سڌو مقابلو فيڊرل بورڊ آف ريونيو (ايف بي آر) سان ڪري سگهجي ٿو. بلڪ ڪيترن حوالن سان سنڌ جي ڪارڪردگي وفاقي اداري کان به وڌيڪ بهتر نظر اچي ٿي. اهو سڀ ڪجهه ڪنهن جادوءَ جي لٺ سان نه ٿيو آهي، پر شفاف نظام، ڊجيٽل سڌارن ۽ مضبوط سياسي عزم جي نتيجي ۾ ممڪن ٿيو آهي.

اصل سوال اِهو ناهي ته سنڌ ڪيترو ريونيو گڏ ڪيو. اصل سوال ته اِهو آهي ته اهو ريونيو ڪٿي ۽ ڪهڙي نموني خرچ ڪيو ويو. هي اُهو ئي نقطو آهي، جتي پيپلز پارٽي جو ماڊل ٻين صوبن کان صاف ظاهر مختلف نظر اچي ٿو. بلاول ڀٽو زرداري جڏهن صحت جي شعبي جو ذڪر ڪيو ته هن رڳو عمارتن يا بجيٽ جا انگ نه ٻڌايا، پر انساني جانيون بچائڻ جا عملي نتيجا سامهون رکيا. اڄ سنڌ ۾ اهڙا سرڪاري ادارا موجود آهن جتي نه رڳو صوبي مان پر سڄي ملڪ مان ماڻهو علاج لاءِ اچن ٿا ۽ ڪين علاج جي خرچن بابت فڪر ڪرڻو نٿو پوي. اِهو ئي اُهو رياستي تصور آهي، جنهن جو خواب ذوالفقار علي ڀٽو ڏٺو هو، جتي علاج اميرن جو خاص حق نه، پر هر شهري جو بنيادي حق هجي.

ٻارن جي موت جي شرح ڪنهن به سماج جي اخلاقي ۽ انتظامي صحت کي ماپڻ جو اهم پيمانو سمجهي ويندي آهي. بلاول ڀٽو زرداري پنهنجي خطاب ۾ هن پهلوءَ کي اجاگر ڪندي اهو پيغام ڏنو ته سنڌ ۾ حڪمراني جو مرڪز رڳو سياسي فائدو حاصل ڪرڻ نه، پر ايندڙ نسلن جو محفوظ مستقبل آهي. ماءُ ۽ ٻار جي صحت لاءِ لڳاتار سيڙپڪاري، ڳوٺاڻن ۽ پٺتي پيل علائقن تائين طبي سهولتن جي پهچ، ليڊي هيلٿ ورڪرز جو موثر نيٽ ورڪ ۽ حفاظتي ٽڪن جا پروگرام، اِهي سڀ اهڙا عنصر آهن، جن سنڌ کي هن قابل بڻايو آهي ته ٻارن جي موت جي شرح گهٽائڻ جي حوالي سان ٻين صوبن کان وڌيڪ بهتر ڪارڪردگي ڏيکاري. اهي انگ اکر رڳو رپورٽن ۽ ڪاغذن تائين محدود ناهن رهيا، پر هزارين خاندانن جي زندگين ۾ حقيقي تبديلي بڻجي سامهون آيا آهن.

بلاول ڀٽو زرداري جو خطاب اصل ۾ هن بحث کي به اڳتي وڌائي ٿو ته پاڪستان ۾ ترقي جو رستو مرڪزيت مان نه، پر مضبوط صوبن مان گذري ٿو. جڏهن وسيلا ۽ اختيار هيٺين سطح تائين منتقل ڪيا ويندا، تڏهن نه رڳو احتساب ممڪن ٿيندو، پر عوامي ضرورتن مطابق فيصلا به ٿي سگهندا. سنڌ جي مثال هن ڳالهه جو چٽو ثبوت آهي ته صوبائي خودمختياري ڪا ڪمزوري نه، پر وفاق کي مضبوط ڪرڻ جو ذريعو آهي. انهيءَ ڪري ئي پيپلز پارٽي هميشه اين ايف سي ايوارڊ، 18هين ترميم ۽ صوبائي حقن جي ڳالهه ڪندي رهي آهي، ڇاڪاڻ ته اهي ئي سڌارا آهن، جن سنڌ جهڙي صوبي کي پنهنجن پيرن تي بيهڻ جو موقعو ڏنو آهي. اِهو به غور طلب آهي ته سنڌ پنهنجي ڪارڪردگي کي رڳو شهري علائقن تائين محدود نه رکيو آهي. اندروني سنڌ، جيڪا ماضيءَ ۾ لڳاتار نظرانداز ٿيندي رهي، اڄ صحت، تعليم ۽ سماجي تحفظ جي ڪيترن ئي پروگرامن جو مرڪز بڻجي چڪي آهي. اهو سڀ ڪجهه اُن سياسي فلسفي جو نتيجو آهي، جنهن ۾ رياست کي رڳو نگران نه، پر عوام جي خدمتگار سمجهيو وڃي ٿو. بلاول ڀٽو زرداري پنهنجي خطاب ۾ انهيءَ ئي فلسفي کي نئين دور جي ٻوليءَ ۾ پيش ڪيو آهي، جتي نوجوان قيادت تجربن ۽ ويزن جي گڏيل سنگم سان سامهون اچي رهي آهي.

اڄ جڏهن پاڪستان سخت معاشي دٻاءَ، سماجي بيچيني ۽ اعتماد جي بحران کي منهن ڏئي رهيو آهي، اهڙي وقت ۾ بلاول ڀٽو زرداري جو هي خطاب هڪ متبادل رستو ڏيکاري ٿو. هي رستو ڪٽوتين، نجڪاري ۽ انگن اکرن جي راند جو نه، پر انساني ترقي، صحت، تعليم ۽ منصفاڻي ٽيڪس نظام جو آهي. جيڪڏهن سنڌ محدود وسيلن ۽ لڳاتار تنقيد جي باوجود بهتر نتيجا ڏئي سگهي آهي ته ان جو صاف مطلب اهو آهي ته مسئلو وسيلن جي کوٽ نه، پر نيت ۽ ترجيحن جو آهي. آخر ۾ اهو چوڻ بيجا نه ٿيندو ته صدر هائوس ۾ بلاول ڀٽو زرداريءَ جو ڪيل خطاب اصل ۾ ڪا سياسي صفائي يا دفاع نه، پر سوچ ويچار جي هڪ دعوت هئي. اها دعوت هن ڳالهه تي غور ڪرڻ جي ته پاڪستان کي اڳتي وڌائڻ لاءِ ڪهڙين پاليسين جي ضرورت آهي ۽ ڪهڙا نعرا آهن. جن اسان کي پوئتي ڌڪي ڇڏيو آهي. سنڌ جي ڪارڪردگي ڪا دعويٰ نه، پر هڪ عملي مثال آهي ۽ پيپلز پارٽي ان کي فخر سان پيش ڪري ٿي، ڇو ته اها ڪارڪردگي عوام جي رت، پگهر ۽ شهيدن جي قربانين سان ڳنڍيل آهي.

عالمي بساط ۽ اندروني سياسي انتشار!



ڪنور دلشاد

هلندڙ مهيني جي شروعات تي امريڪا طرفان وينزويلا جي صدر نڪولس مادورو ۽ خاتون اول جي گرفتاريءَ عالمي سياست ۾ هڪ هلچل مچائي ڇڏي. امريڪا اُن کي پنهنجي عالمي طاقت جو مظاهرو ۽ وينزويلا ۾ پنهنجي اتحادي حڪمران مسلط ڪرڻ جو هڪ اهم وقعو سمجهي رهيو آهي، جڏهن ته روس ۽ چين اُن کي عالمي قانون جي ڀڃڪڙي ۽ وينزويلا جي خودمختياريءَ تي کليل حملو قرار ڏئي چڪا آهن. وينزويلا ۾ فوج جي وفاداريءَ ۾ به ڏارون پئجي چڪيون آهن ۽ عوام جي طرفان مليل جليل ردِعمل سامهون آيو آهي. اپوزيشن جون سرگرميون غير معمولي حد تائين تيز ٿي ويون آهن. تيل جي عالمي منڊي، معيشت ۽ عالمي لاڳاپا اُن صورتحال کان بُري طرح متاثر ٿيا آهن. ايندڙ ڪجهه وقت ۾ فوج، عدالتي نظام ۽ عالمي طاقتن جي ردِ عمل جي ذريعي اِها ڳالهه واضح ٿيندي ته هيءَ ملڪ هڪ پُرامن عبوري حڪومت جي طرف وڌي رهيو آهي يا خانہ جنگي ۽ عالمي ڇڪتاڻ جو مرڪز بڻجي ٿو. بظاهر صدر ٽرمپ وينزويلا جي طرز تي ايران ۽ افغانستان جي خلاف به عالمي امن جي نالي تي ڪارروائي ڪرڻ جو ارادو رکي ٿو. صدر ٽرمپ جو لائحه عمل ممڪن آهي، جلد ئي کُلي سامهون اچي وڃي. عالمي آرڊر تبديل ناهي ٿيو، بلڪ امريڪا هاڻ سافٽ پاور جي بدران کُلي عام ۽ سڌي ريت طاقت جي استعمال تي انحصار شروع ڪري ڇڏيو آهي. امريڪا جي جارحاڻي پاليسي هميشه کان اُهيءَ نوعيت جي رهي آهي. فرق صرف اِهو آهي ته صدر ٽرمپ اُهي قدم کڻي رهيو آهي، جيڪي ماضيءَ ۾ هر امريڪي صدر پسِ پرده انجام ڏيندا رهيا آهن. صدر ٽرمپ جو اِهو اعلان به سامهون اچي چُڪو آهي ته امريڪا پنهنجي مفادن جي لاءِ ڪٿي به ڪارروائي ڪري سگهي ٿو. خبر آهي ته امريڪا جا جنگي جهاز گرين لينڊ پهچڻ شروع ٿي ويا آهن. امريڪي ۽ ڪينيڊين دفاعي اداري NORAD جي مطابق امريڪي فوج جلد گرين لينڊ ۾ پنهنجو فوجي اڏو قائم ڪندي ۽ اُن سان لاڳاپيل گرين لينڊ جي حڪومت کي پيشگي طور تي آگاهه ڪيو ويو آهي. ٻڌايو وڃي ٿو ته اُن عمل ۾ ڊينمارڪ حڪومت سان گڏ مڪمل هم آهنگي آهي. پر گذريل ڪجهه ڏينهن جا بيان ڏسون ته صاف نظر اچي ٿو ته اِهي قدم يورپ ۽ امريڪا ۾ ڇڪتاڻ کي وڌيڪ هوا ڏيندا.

صدر ٽرمپ جي اُنهن قدمن سان اِهو تاثر مضبوط ٿي رهيو آهي ته سڄي دنيا خاص طور تي وچ اوڀر جو جاگرافيائي ۽ سياسي سيٽ اپ هاڻ وڏي تبديليءَ جي طرف وڌي رهيو آهي. ايران جي تازي بحران مان اِهو اشارو ملي ٿو ته اُتي ڊاڪٽر مصدق جي طرز تي هڪ نئين تبديليءَ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. اُن پس منظر ۾ فرانس، برطانيا، جرمني ۽ امريڪا هڪ گڏيل بيان ۾ ايران کي خبردار ڪيو آهي ته اُهي پنهنجي آباديءَ جي تحفظ، اظهار راءِ جي آزادي ۽ پُرامن اجتماع جي حق کي هر صورت يقيني بڻائين. ايران جو موقف اِهو آهي ته مظاهرا امريڪا ۽ اسرائيل جي ذريعي ڪرايا ويا ته جيئن ملڪ کي خانہ جنگي جي طرف ڌڪي سگهجي. هاڻ اِهو به واضح ٿيندو پيو وڃي ته امريڪا افغانستان جي بگرام ايئر بيس کي طاقت جي ذريعي حاصل ڪرڻ جي لاءِ پَر ڪولي رهيو آهي، جنهن جو اثر پاڪستان جي سرحدي علائقن خاص طور تي ڏکڻ وزيرستان تي به مرتب ٿي سگهي ٿو. خوشقسمتيءَ سان چيف آف ڊيفنس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير ۽ وزيراعظم شهباز شريف جا صدر ٽرمپ سان لاڳاپا نهايت مضبوط ۽ خوشگوار نوعيت جا آهن. صدر ٽرمپ ڪيترن ئي موقعن تي فيلڊ مارشل ۽ وزيراعظم جي حوالي سان مثبت بيان ڏئي چُڪو آهي. هن وقت پاڪستان ۽ امريڪا جا لاڳاپا تاريخ جي بلند ترين سطح تي آهن ۽ موثر سفارتڪاريءَ جي سبب پاڪستان خطي ۾ نگاهه جو مرڪز بڻجي ويو آهي. عالمي سطح تي فيلڊ مارشل ڪامياب حڪمت عمليءَ جي ڪري پاڪستان کي امريڪا جي مڪمل حمايت حاصل ٿي چُڪي آهي. جڏهن ته هاڻ ملڪ جي اندر سياسي انتشار کي به نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. 8 فيبروري 2024ع تي ٿيل چونڊن ۾ مبينا ڌانڌليءَ جي خلاف هڪ ملڪ گير احتجاجي تحريڪ جون اندروني طور تياريون ٿي رهيون آهن. گذريل ڏينهن ٿيڻ واري پريس کانپوءِ ٽنهي ڌرين ۾ فاصلا تيزيءَ سان وڌندي نظر اچي رهيا آهن. پريس ڪانفرنس ۾ سخت لفظن جي استعمال سان اِهو تاثر اڀري ٿو ته خيبر پختونخواهه جي وزيراعليٰ جي طرزِ عمل جي سبب صوبي کي سڌي ريت گورنر راڄ تحت وفاق کي سپرد ڪري سگهجي ٿو. اُن حوالي سان آئين وفاق کي مڪمل تحفظ فراهم ڪري ٿو. آئين جي آرٽيڪل 148 ۽ 149 تحت وفاق هنگامي صورتحال يا جڏهن اُن کي خدشو هجي ته اُتي لا اينڊ آرڊر جي صورتحال خراب ٿي رهي آهي يا اندروني خلفشار شدت اختيار ڪري رهيو آهي. ڪنهن به صوبي جو ڪنٽرول حاصل ڪري سگهي ٿو. جيتوڻيڪ اِهو واضح ٿيندو پيو وڃي ته خيبر پختونخواهه ۾ امن امان جي صورتحال، عسڪري آپريشن ۾ صوبائي حڪومت جي مداخلت ۽ دهشتگردن جو سهولتڪار ٿيڻ جي الزامن جي تناظر ۾ صوبو سڌي ريت وفاق جي ڪنٽرول ۾ وڃي سگهي ٿو. جنهن جي نتيجي ۾ صوبائي اسيمبليءَ جو تجربو ٿيڻ ناممڪن ناهي. اهڙي صورت ۾ وفاق صوبي جي ايڊمنسٽريٽر مقرر ڪرڻ جو مجاز هوندو. ڊي جي آءِ ايس پي آر جي گذريل پريس ڪانفرنس ۾ خيبر پختونخواهه جي گورننس تي جيڪا راءِ ڏني وئي، اُن مان اِهو تاثر مضبوط ٿيو ته وفاقي حڪومت آئين جي آرٽيڪل 148 تحت ڪارروائيءَ جو ارادو رکي ٿي.

هاڻ اِهو به واضح ٿي چُڪو آهي ته جيستائين محاذ آرائيءَ جو ماحول برقرار رهندو، عمران خان جيل ۾ ئي رهندو. صوبي جي قيادت وفاق کي آرٽيڪل 148 تحت ڪارروائيءَ جا سبب پاڻ فراهم ڪري رهي آهي ۽ هن وقت خيبر پختونخواهه هڪ آتش فشان تي بيٺل نظر اچي رهي آهي. هوڏانهن عمران خان پنهنجي سياست کي زنده رکڻ جي لاءِ جيل ۾ رهندي به مسلسل ادارن جي خلاف محاذ آرائيءَ جو بيانيو جوڙي رهيو آهي. عمران خان جي ادارن ۽ عسڪري قيادت جي خلاف مبينا سازش جو جواب سياسي قيادت کي ڏيڻ گهرجي ها پر محسوس ٿئي ٿو ته حڪومتي ناڪامين جو بار ادارن تي وجهڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، جيئن ته اسلام آباد ۾ ٿيڻ واري تباهه ڪارين. اربين جي منصوبن جو ٿرڊ پارٽي آڊٽ کان پاسو ۽ 30 هزار وڻن جي قتلِ عام تي صرف رسمي نوٽيس وٺي خاموشي اختيار ڪئي وئي هئي. هن وقت حڪومت جي ڪارڪردگيءَ سان سنگين سوال موجود آهن. عالمي تناظر ۾ پاڪستان جي معيشت جي جيڪا تصوير پيش ڪئي پئي وڃي، اُها حقيقت جي ابتڙ آهي. پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ تيزي حقيقي ضرور آهي پر اُن جي بنياد محدود آهي. اِها تيزي معاشي بحاليءَ جو نه، بلڪ وياج جي شرح ۾ گهٽتائي، بينڪن جي غير معمولي آمدني ۽ مالياتي ڍانچي جو نتيجو آهي. پائيداريءَ جو انحصار درست پاليسي جي رُخ تي هوندو. مقتدر حلقن ۽ عوام کي خوشنما لفظن ۽ بيانيي جي ذريعي گمراهه ڪرڻ جو فن معيشت جا ذميوار چڱي ريت ڄاڻن ٿا. ٻئي طرف اڄ هر جڳهه جين زي جون ڳالهيون ٿي رهيون آهن پر اُن حوالي سان عوامي شعور انتهائي محدود آهي. جين زي اُها نسل آهي، جيڪا طاغوتي طاقتن کي حقيقي معنيٰ ۾ چئلينج ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿي، ڇو ته اِها سوال ڪرڻ جو حوصلو رکي ٿي، انڌي تقليد کان انڪار ڪري ٿي ۽ ڊجيٽل دنيا جي ذريعي پنهنجي آواز کي طاقت ۾ بدلائڻ ڄاڻي ٿي. اِها نسل ناانصافي، جبر ۽ ڪوڙي بيانن کي فوري سڃاڻي وٺندي آهي پر اُن جي ڪاميابيءَ جو انحصار صرف بغاوت تي نه پر شعور، ڪردار ۽ اخلاقي رُخ تي آهي. جيڪڏهن جين زي حق، عدل ۽ انسانيت کي پنهنجو مقصد ۽ نصب العين ٺاهي وٺي ته تاريخ جو رُخ موڙي سگهي ٿي.

لطيفي لات —— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

اُلوڙَ نه ٿِئي، وَرَ وِڏائين وَنجَهه کي،
رَهُ اَڄوڪي راتِڙي، لالَنَ! مُون لاءِ،
وَڃُ مَ ڦوڙائي، ايڏي سَفَرِ سُپرِين!
(سُرُ سامونڊي)

اڄوڪو ڏينهن - 23 جنوري

مختيار اٽو

مرزا غلام حيدر بيگ قنبر

سنڌ جي هن باڪمال شاعر جو جنم 23 جنوري 1843ع تي خيرپور ميرس ۾ ٿيو. سندس والد مرزا فتح علي بيگ فتح پنهنجي دور جو هڪ مڃيل مرثيه گو شاعر ۽ مرثيه خوان هو. اڃا ننڍڙو ئي هو جو سندس ڪٽنب خيرپور ڇڏي حيدرآباد ۾ سڪونت اختيار ڪئي ان ڪري مرزا غلام حيدر جو ننڍپڻ حيدرآباد ۾ گذريو. ديني ۽ دنياوي تعليم حيدرآباد جي آخوندن وٽ حاصل ڪيائين. علم عروض جي سکيا پنهنجي والد کان ورتائين. پاڻ شاعريءَ جي جن صنفن تي طبع آزمائي ڪئي، تن ۾ حمد، نعتون، قصيده، منقبتون، سلام، نوحه، زاريون، مرثيه، مثنويون، رباعيون ۽ تاريخي قطعا شامل آهن. پاڻ پنهنجي والد واتگر هڪ سٺو مرثيه خوان پڻ هو. گڏوگڏ پاڻ هڪ بهترين مصور به هو ۽ ڪاغذ تي ٽُڪ جو ڪم تمام سهڻي نموني سان ڪندو هو. هن حيدرآباد ۾ هڪ ادبي سنگت "بزم فتح" جو بنياد وڌو. انهيءَ سنگت پاران هن سنڌي غزلن جا ڪيترائي مشاعرا منعقد ڪرايا. کيس حيدرآباد جا ٽالپر تمام گهڻي عزت ۽ احترام سان ڏسندا هئا. پاڻ مير حسين علي ٽالپر، مير حسن علي ٽالپر ۽ مير حاجي نورمحمد ٽالپر جو خاص مصاحب هو. سنڌ جي هن انمول انسان 25 ربيع الثاني 1339هه مطابق 5 جنوري 1931ع تي حيدرآباد ۾ دم ڌڻيءَ جي حوالي ڪيو.

پروفيسر هاسارام پرسواڻي



پروفيسر هاسارام پرسواڻيءَ جو جنم 22 جنوري 1910ع تي شڪارپور ضلعي جي ننڍڙي شهر رستم ۾ ٿيو. هن رستم ۽ شڪارپور ۾ تعليم حاصل ڪئي ۽ ممبئيءَ مان بي اي، بي ٽي ۽ ايس ٽي سي تائين پڙهيو. هو انگريزي ادب جو وڏو ماهر هو. هن اسڪول جي استاد طور پنهنجي عملي زندگي شروع ڪئي. شڪارپور جي نيو ايرا هاءِ اسڪول ۾ نوڪريءَ دوران سنڌ جو مهان شاعر شيخ اياز به سندس شاگرد رهيو. شيخ اياز پنهنجي ڪتاب "ڪٿي نه ڀڄبو ٽڪ مسافر" ۾ لکي ٿو ته "هاسارام پرسواڻي مون کي انگريزي نه سيکاري ها ته منهنجي انگريزي ايتري سٺي نه هجي ها." پروفيسر هاسارام کي ادب ۽ راڳ سان به گهڻو لڳاءُ هو. هن پنهنجي جنم واري شهر ۾ "رستم سنگيت منڊل" قائم ڪيو هو جتي هر هفتي موسيقيءَ جي محفل منعقد

آهي. رميش سپي 23 جنوري 1947ع تي ڪراچيءَ ۾ ڄائو. سندس پورو نالو رميش سپاهيملاڻي آهي. سندس پيءُ گوپالداس پرمانند سپي، جيڪو جي پي سپي جي نالي سان مشهور آهي، پنهنجي دور جو هڪ وڏو فلم پروڊيوسر هو. رميش ننڍي هوندي کان ئي فلمي دنيا سان لاڳاپيل رهيو. هو اڃا ڇهن سالن جو مس هو، جڏهن پنهنجي والد جي پهرين فلم "سزا" جو سيٽ گهمڻ ويو هو. 9 سالن جي ڄمار ۾ هن فلم شهنشاهه ۾ هڪ ٻار طور اداڪاري ڪئي. هن ست سال اسسٽنٽ طور ڪم ڪيو ۽ 1971ع ۾ پهريون ڀيرو فلم انداز ۾ هدايتڪاري ڪيائين. هن جي هدايتڪار طور ٻي فلم گيتا ۽ سنگيتا (1972ع) هئي، جنهن هن کي ڪافي مقبول بڻايو. 1975ع ۾ هن جي هدايتڪاريءَ ۾ جاري ٿيندڙ فلم شعلي ڪاميابيءَ جا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا. ان بعد هن ٻين به ڪيترين ئي فلمن ۾ ڪامياب هدايتڪار طور ڪم ڪيو. 1987ع ۾ هن ٽيليويزن سيريل بنياد ۾ هدايتڪار طور ڪم ڪيو. اها سيريل هندستان جي ورهاڱي جي تناظر ۾ ٺاهي وئي هئي. هدايتڪار طور هن جي آخري فلم "زمانا ديوانا" 1995ع ۾ رليز ٿي پر ڪاميابي ماڻي نه سگهي. ان کان پوءِ هو پنهنجي پٽ روهن سپي جي هدايتڪاريءَ هيٺ فلمون ٺاهيندو رهيو آهي. 2005ع ۾ هن جي فلم شعلي کي 50 سالن جي بهترين فلم جو فلم فيئر ايوارڊ ڏنو ويو. هن کي 2013ع ۾ پدماشري ايوارڊ ۽ 2020ع ۾ لائيف ٽائيم اچيومينٽ ايوارڊ سان نوازيو ويو آهي.

سيف سميجو



اڄ سنڌ جي مشهور صوفي راڳيءَ سيف سميجي جي جنم جو ڏينهن آهي. سيف سميجي جو جنم 23 جنوري 1984ع تي خيرپور ميرس ۾ ٿيو. هن پرائمري ۽ سيڪنڊري تعليم خيرپور ۾ حاصل ڪئي. انٽرميڊيئيٽ حيدرآباد مان ۽ گريجوئيشن سنڌ يونيورسٽيءَ مان انگريزي ادب ۾ ڪيائين. هن کي ننڍپڻ کان ئي ڳائڻ ۽ ڪتابن پڙهڻ جو شوق هو تنهن

فنڪار پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندا هئا. انهن موسيقيءَ جي محفلن وسيلي سنڌ جي 50 کان وڌيڪ لوڪ فنڪارن جي آواز ۽ فن کي بهترين قسم جي وڊيو رڪارڊنگ وسيلي عوام تائين پهچايو ويو. انهن لوڪ فنڪارن ۾ مائي ڏائي، ذوالفقار فقير، مانجهي فقير، طالب پالاري، پورو پڳٽ ۽ ٻيا فنڪار شامل آهن. 2014ع ۾ هن سنڌي لوڪ موسيقيءَ ۽ سنڌي سازن جي سکيا لاءِ هڪ موسيقيءَ جو اسڪول کوليو جنهن کي "لاهوتي ميوزڪ آشرم" جو نالو ڏنائين. هن اسڪول ۾ گٽار سميت موسيقيءَ جي جديد سازن سان گڏ سنڌ جي قديم سازن چنگ، بوڙينڊي، شرنائي، دنبورو، سُرندي، ٿل ستار ۽ دهل وغيره کي نئين انداز سان نئين نسل اڳيان روشناس ڪرايو ويو. هن ڪوڪ اسٽوڊيو لاءِ مومل راڻي جي داستان جي موسيقي به ترتيب ڏني. سيف سميجي جي ڳايل گيتن جا ڪيترائي البم ۽ وڊيو جاري ٿي چڪا آهن. پاڻ ڪيترن ئي ٻاهرين ملڪن ۾ به پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو آهي، جن ۾ آمريڪا، دبئي ۽ نيپال وغيره شامل آهن.

اويس ڀٽو



هن نالي واري ليکڪ جو جنم 23 جنوري 1988ع تي ڳوٺ مبارڪپور، تعلقي ٺُل ضلعي جيڪب آباد ۾ ٿيو. هن مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ هاءِ اسڪول مبارڪپور مان پاس ڪيو، جڏهن ته انٽرميڊيئيٽ ۽ گريجوئيشن گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ٺُل مان، ايم اي (سنڌي) ۽ ايم ڊي شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان ۽ ايم فل سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري مان حاصل ڪئي. 2003ع کان لکڻ جي شروعات ڪيائين. سندس لکڻيون سنڌ جي مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپجنديون رهيون آهن. ڪيڊٽ ڪاليج پيٽارو ۾ سنڌيءَ جي ليڪچرار ۽ سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ۾ سبجيڪٽ اسپيشلسٽ طور ڪم ڪيائين. پاڻ ادب ۾ سنڌس

ڪئي. هن ريلوي ڪاتي ۾ ملازمت ڪئي. قاضي صاحب سنڌي ۽ فارسي ٻولين جو هڪ قادرالڪلام شاعر هو. هن جي شاعريءَ جو مجموعو "گلدستہ عشاق" موجود آهي. هن 23 جنوري 1918ع ۾ ڪراچيءَ ۾ وفات ڪئي.

عبدالله چنه

اڄ مشهور ڪاموري ۽ انتظامي سربراهه عبدالله چنه جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. هن سنڌ جي مشهور شهر پاٽ شريف ۾ 23 مئي 1902ع تي پنهنجي حياتيءَ جو سفر شروع ڪيو. ابتدائي تعليم پاٽ شريف ۽ نوشهري فيروز مان حاصل ڪيائين. مئٽرڪ جو امتحان سنڌ مدرسته الاسلام ڪراچيءَ مان ۽ بي اي جو امتحان علي ڳڙهه يونيورسٽيءَ مان پاس ڪيائين. عملي زندگيءَ جي شروعات روينيو ڪاتي ۾ مختيارڪار طور ڪيائين. اڳتي هلي ڊپٽي ڪليڪٽر، ڊپٽي سيڪريٽري روينيو ۽ ڪليڪٽر طور ذميداريون سنڀاليائين. 1960ع ۾ حيدرآباد ميونسپالٽيءَ جو چيئرمين مقرر ٿيو. حيدرآباد جو نياز اسٽيڊيم ۽ اوپن ايئر ٿيٽر سندس دور جا يادگار آهن. پاڻ ڪجهه عرصو سنڌ يونيورسٽيءَ جو اعزازي ايڊمنسٽريٽر ۽ فيڊرل لينڊ ڪميشن جو ميمبر رهيو. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ڪڇ جي رڻ ۾ هندستان ۽ پاڪستان جي وچواري سرحد جو تعين ڪرڻ لاءِ جيڪا ڪميٽي ٺهي هئي، پاڻ انهيءَ جو ميمبر رهيو. سنڌ جي ليکڪا بيگم زينت عبدالله چنه سندس گهر واري هئي. هن 23 جنوري 1989ع ۾ حيدرآباد ۾ وفات ڪئي.

انيتا ڪيولراماڻي

انيتا ڪيولراماڻي هندستان ۾ سنڌي ٻوليءَ جي مشهور ليکڪا هئي. ادبي دنيا ۾ هن کي انيتا ڪمل پياسيءَ جي نالي سان به ياد ڪيو وڃي ٿو. هن جو جنم 27 آگسٽ 1925ع تي لورالائي بلوچستان ۾ ڦيرومل ٻالاڻيءَ جي گهر ۾ ٿيو. هن بي اي تائين تعليم حاصل ڪئي. هن جي شادي مشهور ليکڪ ڪمل پياسيءَ سان ٿي. پنهنجي ور جي همٿائڻ تي هن لکڻ شروع ڪيو ۽ جلدئي سندس شمار سنڌي ٻوليءَ جي مشهور شاعرائن ۽ ليکڪائن ۾ ٿيڻ لڳو. هن سنڌي ليکڪائن

“CLASSIFIED ADVERTISMENT”

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول اينڊ فيملي جج- I ڪنري
فيملي سوٽ نمبر 06 سال 2026

مسمات گل صبا زال پيار علي ڌيءُ مراد ذات بلوچ رهندڙ محلا بلوچ پاڙو وارڊ نمبر 316 تعلقو ڪنري ضلعو عمرڪوٽ....پلينٽف...خلاف: پيار علي پٽ محمد قاسم ذات بلوچ رهندڙ هائوس نمبر 354 ٽانگو لين بلوچ محلا ڪوٽڙي موبائل نمبر 0317-1132301، 0318-0258187....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار رڪوري آف پاسٽ اينڊ فيوچر مينٽيننس، رڪوري آف ڊاوري اماؤنٽ اينڊ ڊاوري آرٽيڪلز لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 23-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

سول اينڊ فيملي جج-I ڪنري

ڪورٽ نوٽيس

سول/فيملي جج اينڊ جي.ايم-II ميرپورخاص
(روبرو جناب عبدالقادر ڪوسو)
فيملي سوٽ نمبر 185 سال 2025

مسمات صنم زال شعيب ڌيءُ لڪانو ذات سولنگي رهندڙ ماڇي ڪالوني آفتاب هوٽل ميرپورخاص سيل نمبر: 03009788897....پلينٽف....خلاف: شعيب پٽ محبوب علي ذات سولنگي رهندڙ ماڇي ڪالوني ميرپورخاص ويجهو اسٽاپ آف وقار ڪرياڻ سيل نمبر: 0348-7283610....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 24-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

سول/فيملي جج اينڊ جي.ايم-II ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول جج اينڊ جي.ايم-V حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 2296 سال 2025

مسمات الهه بچائي زال اسحاق رهندڙ ڳوٺ پنياري درگاهه جمال شاهه سيري اسٽاپ تعلقو ۽ ضلعو حيدرآباد...پلينٽف...خلاف: اسحاق پٽ لالو ذات ملاح رهندڙ ڳوٺ ديهه الهه بچايو مير بهار راهوڪي اينڊ ضلعو حيدرآباد....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 28-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

سول جج اينڊ جي.ايم-V حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول جج اينڊ جي.ايم-V حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر ...... سال 2025

مسمات سيما ڌيءُ علي احمد ملاح زال جاويد ذات ملاح رهندڙ ڳوٺ چڪي تعلقو ۽ ضلعو حيدرآباد...پلينٽف...خلاف: جاويد پٽ گل حسن رهندڙ ڳوٺ حاجي صوبي خان چانڊيو ويجهو ڪڙيو گهنور ضلعو ٽنڊو محمد خان....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 03-02-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

سول اينڊ فيملي جج-V حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج جامشورو
فيملي سوٽ نمبر ...... سال 2026

مسمات ساجده پروين....پلينٽف...خلاف: جنرل پبلڪ ۽ ٻيا. جنرل پبلڪ ايٽ لارج....آپونينٽس (1) سيف علي پٽ اقبال احمد (2) صفدر علي پٽ اقبال احمد (3) زوبيه ڌيءُ اقبال احمد (4) صبا ڌيءُ اقبال احمد....مائنر/ وارڊ

نالي مٿين آپونينٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين اپيليڪينٽ توهان جي خلاف گارڊين اپيليڪيشن انڊر سيڪشن 7 ۽ 10 آف دي گارڊين اينڊ وارڊس ايڪٽ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 27-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

فيملي ڪورٽ جامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
فيملي سوٽ نمبر 535 سال 2025

مسمات نور جهان ڌيءُ لياقت علي مجيدانو رهندڙ ڄام صاحب ٽائون تعلقو دوڙ ....پلينٽف...خلاف: در محمد عرف درو پٽ رحيم داد شر رهندڙ ويجهو اسٽيشن ڄام صاحب ٽائون تعلقو دوڙ. سيل نمبر: 0302-3992676....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ ۽ مينٽيننس لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 23-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

فيملي ڪورٽ شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

سول/فيملي جج اينڊ جي ايم I ڏگهڙي
(روبرو جناب ارشد علي شمون)
فيملي سوٽ نمبر 109 سال 2025

مسمات انيلا ڌيءُ محمد عرس مسلم بالغ(2) بيبي دعا ڌيءُ عمران (مائنر)(3) بيبي جمشا ڌيءُ عمران (مائنر) پلينٽف نمبر 2 ۽3 ذات شيخ رهندڙ ڳوٺ نهال خان لغاري ديهه 341 تعلقو جهڏو ضلعو ميرپورخاص ....پلينٽف...خلاف: عمران ولد سارنگ ذات شيخ رهندڙ ٽنڊو جان محمد تعلقو ڏگهڙي ضلعو ميرپورخاص...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ ، مينٽيننس ۽ رڪوري آف ڊاوري آرٽيڪلز لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 23-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

سول/فيملي جج اينڊ جي ايم I ڏگهڙي

ڪورٽ نوٽيس

سول/فيملي جج اينڊ جي ايم I ڏگهڙي
(روبرو جناب ارشد علي شمون)
فيملي سوٽ نمبر 56 سال 2025

شريمتي جمني ڌيءُ جي مل زال شنڪر (2) ورشا ڌيءُ شنڪر (مائنر)(3) منشا ڌيءُ شنڪر (مائنر) (4)رونڪ ولد شنڪر (مائنر) (5) سهيل ولد شنڪر (مائنر) ذات ميگهواڙ رهندڙ ڳوٺ احسان جروار تعلقو ڏگهڙي ضلعو ميرپورخاص...پلينٽف...خلاف: شنڪر ولد هريو هندو بالغ ذات ميگهواڙ رهندڙ ڳوٺ احسان جروار تعلقو ڏگهڙي ضلعو ميرپورخاص...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف مينٽيننس ۽ ڊليوري ايڪسپينس لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 23-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

سول/فيملي جج اينڊ جي ايم I ڏگهڙي

لاتعلقي جو اظهار

هر عام و خاص کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته آئون پنهنجي پٽ نالي تهمور حسن ولد محمد خليل سان لاتعلقي جو اظهار ڪري رهيو آهيان اگر ڪوبه شخص يا ادارو ان سان ڪنهن به قسم جي ڏيتي ليتي ڪندو ته ان سان منهنجو ۽ منهنجي ٻين گهر ڀاتين جو ڪوبه تعلق نه رهندو منهنجو ۽ ٻين گهر ڀاتين جو ان جي ڪنهن به قول فعل سان ڪوبه واسطو نه رهندو هو پنهنجي بري ڀلي جو پاڻ ذميوار هوندو منهنجو هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي جيئن وقت ضرورت ڪم اچي سگهي.

محمد خليل ولد محمد نذير
شناختي ڪارڊ نمبر: 41303-1515073-9
سائيٽ ايريا گهر نمبر E-12 زيل پاڪ ڪالوني
ويجهو پاور هائوس لطيف آباد حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ڊسٽرڪٽ جج شهيد بينظير آباد
سڪسيشن درخواست نمبر 04 سال 2026

(1) نيلا ديوي بيواه نند لال (2)تنيش ڪمار ولد نند لال عمر 16 سال (3) دڪيش ڪمار ولد نندلال عمر15 سال (4) رينڪل ڌيءُ نند لال عمر 12 سال اپيليڪينٽ نمبر 2 کان 4 مائنر معرفت گارڊين ايٽ ليٽيم اپيليڪينٽ نمبر 1 نيلا ديوي سپ هندو بالغ رهندڙ هائوسنگ سوسائٽي نوابشاه...اپيليڪينٽ ...خلاف: (1) چندا ٻائي بيواهه نارائڻ داس بالغ هندو رهندڙ هائوسنگ سوسائٽي نوابشاه ٽائون (2) جنرل پبلڪ ايٽ لارج ...اپونٽس

نالي مٿين اپونٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين اپيليڪينٽ توهان جي خلاف سڪسيشن درخواست زير قلم 370،372 سڪسيشن ايڪٽ 1925 (B)5 آر ڊبليو سيڪشن (B)2 سنڌ ليٽر آف ايڊمنسٽريشن ۽ سڪسيشن سرٽفڪيٽ ايڪٽ 2021 تحت درخواست داخل ڪئي آهي فوتي نند لال ولد نارائڻ داس جي نالي تي پراپرٽي بابت سڪسيشن سرٽفڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ پراپرٽي ۾ ميزان بينڪ نوابشاه برانچ جي اڪائونٽ نمبر 0078-79011842-01 & 0078-79011842-01 حبيب بينڪ مسجد روڊ برانچ نوابشاه جي اڪائونٽ نمبر 0105446582 ميزان بينڪ نوابشاه برانچ جي اڪائونٽ نمبر 009727901106603 حبيب بينڪ فري ڊم اڪائونٽ نمبر ۾ جمع رقم جيڪي اپيليڪينٽ نمبر 02 کان 04 ۾ برابر جي ورهائي ويندي ۽ هي درخواست زير قلم 32 رول 2 ۽3 سي پي سي تحت داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبارجي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 24-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

ڊسٽرڪٽ جج شهيد بينظير آباد

ڪاغذن جي گمشدگي

جيئن ته هر عام و خاص ماڻهن لاءِ پڌرو ڪجي ٿو ۽ منهنجي سي ڊي موٽر سائيڪل 2023 ماڊل، انجڻ نمبر PO49258چيچيز نمبر HA937142جنهن جو سيل ليٽر ڪٿي ڪري گم ٿي ويو آهي ڪافي ڳولا باوجود ملي نه سگهيو آهي ان لاءِ هي منهنجو بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي ته جيئن وقت سر ڪم اچي سگهي

گل محمد ولد الهبچايو جوڻيجو سجاڳ ڪارڊ نمبر 4110184405979 ڳوٺ حاجي اسماعيل جوڻيجو تعلقو ضلع بدين

ڄم تاريخ جي درستگي

جيئن ته آئون نالي جاويد احمد چنڊ، ولد احمد خان چنڊ منهنجي شناختي ڪارڊ ۾ پيدائشي تاريخ ۾ غلطي سان 1 پهرين جنوري لکجي وئي آهي جيڪا 24جنوري سال 1979درست ڪري لکي پڙهي وڃي.

جاويد احمد چنڊ ولد احمد خان چنڊ، ڳوٺ جيٺندل ڪوٽ، تعلقو ۽ ضلعو مٽياري.

ڪاغذن جي گمشدگي

پلاٽ نمبر 168 ايراضي 1125 اسڪوائر فوٽ واقع ڏومرا ڳوٺ علي نگر پلاٽ فارم 7 جيڪو فوتي لال بخش جي نالي تي آهي ڪاغذ گم ٿي ويا آهن گهڻي ڳولا ڪرڻ باوجود نه ملي سگهيا آهن جنهن جي رپورٽ واسطيدار ٿاڻي تي داخل ڪرايل آهي جيڪڏهن ڪنهن شخص کي اهي ڪاغذ هٿ اچن ته مهرباني ڪري هيٺ ڏنل ايڊريس تي ڏياري موڪلين

نعمت عليشا ڌيءُ لال بخش ڏومرو وينل ڏومرا ڳوٺ نسيم نگر قاسم اباد حيدرآباد
شناختي ڪارڊ نمبر 4130690638811

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي لعل خاتون لانگاه زال علي محمد لانگاه رهندڙ پريا وليج تعلقو ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سندس مڙس علي محمد لانگاه ولد گل محمد جيڪو روڊز کاتي ۾ سرڪاري ملازم هيو جيڪو تاريخ 03-01-2026 تي وفات ڪري ويو آهي جنهن جي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو وڃي ان سلسلي ۾ سر زمين تي وڃي ٻن معزز ماڻهن هرهڪ نالي (1) امجد حسين ولد بخشل خان رهندڙ پريا وليج تعلقو ڪوٽڙي ضلعو جامشورو (2) ذاڪر حسين ولد ڏنو پلاڻي رهندڙ پريا وليج تعلقو ڪوٽڙي ضلعو جامشورو کان بيان ورتا ويان ساک تي بيان ڏنو ته فوتي نالي علي محمد لانگاه ولد گل محمد رهندڙ پريا وليج تعلقو ڪوٽڙي ضلعو جامشورو جي هيٺيان جائز ۽ حقيقي وارث ظاهر ڪيا آهن (وارثن جا نالا) (1)محمد سليم لانگاه (پٽ) عمر 46 سال (2) شفيق احمد لانگاه (پٽ) عمر 38 سال (3) سلميٰ لانگاه (ڌي) عمر 38 سال (4) رشيده لانگاه (ڌي) عمر 36 سال (5) عبدالرشيد (پٽ) عمر 30 سال (6) توفيق احمد (پٽ) عمر 29 سال (7) توثيق احمد (پٽ) عمر 28 سال (8) لعل خاتون لانگاه زال عمر 66 سال (9) رفيق احمد (پٽ) عمر 50 سال (10) بلقيس (ڌي) عمر 45 سال مٿي ڄاڻايل وارثن کانسواءِ مرحوم جو ٻيو ڪو به وارث نه آهي جنهن جي تصديق اسان جي سامهون ٻن شاهدن ڪئي آهي جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت جي ستن 07 ڏينهن اندر پاڻ يا وڪيل معرفت هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پنهنجو اعتراض داخل ڪري مدت گذرڻ بعد ڪو به اعتراض قابل قبول نه هوندو ۽ وارثي سرٽفڪيٽ وارثن جي نالي تي جاري ڪيووينندو

مختيارڪار روينيو تعلقو ڪوٽڙي

عام اطلاع

اطلاع ڪيو ٿو وڃي ته مسمات نسيم جميل زال جميل احمد پلاٽ نمبر205 ايراضي 500 چورس گز واقع جڊيشل سوسائٽي ڪوهسار لطيف آباد حيدرآباد جي خريداري جو معاهدو ڪندي بيعانو جسٽس (آر) واحد بخش (بروهي) ولد ڪريم بخش بروهي کي ادا ڪري رهيو آهيان مذڪوره خريداري تي ڪنهن به قسم جو ڪو اعتراض هجي ته 07 ڏينهن جي اندر موبائل نمبر: 0336-3096372 0300-9377467 تي اطلاع ڪن.

المشتهر: جميل احمد

بقايا 1 هڪ زخمي

حالت هئڻ سبب فرسٽ ايڊ ڏئي وڌيڪ علاج لا ڪراچي منتقل ڪيو ويو واقع جي اطلاع ملڻ شرط پ پ جو عوامي ۽ سرگرم اڳواڻ عبدالطيف ميمڻ سول اسپتال سڄاول پهچي ويو جڏهن ته فوت ٿيل ٽن نوجوانن جا لاش گهر پهچڻ شرط ڪهرام مچي ويو فوتين ۽ زخمي جو تعلق سڄاول شهر جي وارڊ نمبر هڪ سان ٻڌايو ويو آهي

بقايا 2 انصاف جو مطالبو

انسپيڪٽر بنا جواز داٻا دڙڪا ڏئي بداخلاقي ڪري هراسان ڪري پريشان ڪري ٿو هنن اختيارين کان مطالبو ڪيو ته واقعي جو نوٽيس وٺي بدمست سينيئري انسپيڪٽر جيئڻ ڪن مهمت ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ ڪم ڇڏ هڙتال ڪئي ويندي.

بقايا 3 3ڄڻا زخمي

پٽ شاهه اسپتال منتقل ڪيو جتي ابتدائي طبي امداد بعد 3 زخمين جي حالت نازڪ هئڻ سبب کين وڌيڪ علاج لاءِ سول اسپتال حيدرآباد منتقل ڪيو ويو وڃي پٽ شاهه اسپتال آندل زخمين ۾ جنيد عالم ولد صابر (ڪوٽڙي)، الهه رکيو ولد اڪرم (جامشورو)، نادر علي ولد نور محمد (حيدرآباد)، اياز علي ولد مير محمد سولنگي ساجد ميرجت (پٽ شاهه)، دودو ميرجت (ڳوٺ ميرجت) شامل آهن جڏهن ته هڪ عورت پڻ زخمين ۾ شامل آهي جنهن جو نالو معلوم نه ٿي سگهيو آهي پوليس حادثي جا سبب معلوم ڪرڻ لاءِ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي ٽريفڪ ڪجهه وقت لاءِ معطل رهي، جيڪا بعد ۾ بحال ڪئي وئي.

بقايا 4 خلاف مظاهرو

واقعن خلاف خدا جي بستي جي رهواسين نجي اسڪولن جي انتظاميا ۽ سول سوسائٽي جي اڳواڻن پاران سيشن ڪورٽ ڪوٽڙي کان احتجاجي ريلي ڪڍي وئي جيڪا مختلف رستن کان ٿيندي ايس ايس پي جامشورو جي آفيس جي گيٽ آڏو پهتي جتي احتجاجي مظاهرو ڪندي ڌرڻو هنيو ويو ۽ زوردار نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي احتجاج کي خطاب ڪندي سيد غلام شاهه يونس اوٺي حمزا علي مغل سمير خان ۽ ٻين چيو ته خدا جي بستي جي حدن اندر روزانو بنيادن تي ٿيندڙ چورين ڦرن ۽ بدامني جي واقعن عام ماڻهن جي جيئڻ کي جنجال بڻائي ڇڏيو آهي هنن چيو ته اسڪولن جي آسپاس منشيات جا اڏا ۽ دڪان کوليا ويا آهن جنهن سبب منشيات جا عادي ماڻهو نشي جي پورائي لاءِ رات جي وقت اسڪولن ۽ مسجدن ۾ داخل ٿي چوريون ڪن ٿا جيڪا انتهائي ڳڻتي جوڳي صورتحال آهي احتجاج ڪندڙن جو چوڻ هو ته هيئنر تائين علائقي جي گهٽ ۾ گهٽ چار کان وڌيڪ نجي اسڪولن مان چوريون ٿي چڪيون آهن جڏهن ته مسجدون به محفوظ ناهن رهيون پر پوليس پاران ڪي به اثرائتا قدم ناهن کنيا ويا هنن الزام هنيو ته پوليس جي لاپرواهي سبب ڌوهاري بي خوف ٿي وارداتون ڪري رهيا آهن هنن ايس ايس پي جامشورو کان مطالبو ڪيو ته فوري طور تي خدا جي بستي ۽ ڪوٽڙي سائيٽ واري علائقي ۾ وڌندڙ بدامني جو نوٽيس وٺي گشت وڌايو وڃي منشيات فروشين خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ چورين ۾ ملوث عنصرن کي گرفتار ڪري علائقي ۾ امن امان بحال ڪيو وڃي. احتجاج ڪندڙن چتاءُ ڏنو ته جيڪڏهن مطالبا تسليم نه ڪيا ويا ته سخت احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 5 جي دعويٰ

ڪري مٿن ڪيس داخل ڪيو جڏهن ته ٻي ڪارروائي شهيد مرتضيٰ ميرائي پوليس گشت دوران ڪارروائي ڪندي منشيات فروش جوابدار نازل ڦليوٽو کي گرفتار ڪري ان جي قبضي مان 02 بوتلون شراب هٿ ڪري مٿن ڪيس داخل ڪيو جڏهن ته ايس ايس پي خيرپور ڊاڪٽر سميع الله سومرو ڪامياب ڪارروائين تي پوليس پارٽين لاءِ شاباشي جو پيغام ڏنو آهي

بقايا 6 احتجاج

سائيڪل ۽ ٻيو سامان واپس ڪرايو وڃي هنن ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو ته ڦر ٿيل موٽرسائيڪل ،موبائل واپس ڪرائي وڃي

بقايا 7 فوت

Aمحمد منتقل ڪيس جتي قانوني ڪارروائي مڪمل ڪرڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪئي ويندي واقعي بعد علائقي ۾ ڏک ۽ سوڳ جي فضا ڇانيل آهي

بقايا 8 موبائل فون ڦر

شهيد ٿاڻي جي حد ۾ نامعلوم 125 موٽر سائيڪل سوار 3 هٿيارٻند ڦورن ڪڪڙ کان ڪاڇي جي ڳوٺ لالر ويندڙ ڳوٺاڻن اسلم لغاري ۽ الهه رکيو لغاري جي مٿان هوائي فائرنگ ڪري هٿيارن جي زور تي روڪي يرغمال بڻائي سي ڊي موٽر سائيڪل 2025 ماڊل ۽ روڪ رقم ڦر ڪري آسانيءَ سان فرار ٿي ويا جڏهن ته ڦر واقعي جو فوري اطلاع ملڻ ڪانپوءِ به پوليس ڪابه ڪارروائي نه ڪئي جنهن سبب ڦورو آساني سان فرار ٿي ويا متاثر ايس ايس پي دادو امير سعود مگسي کان مطالبو ڪيو آهي ته ڦر ٿيل موٽر سائيڪل ۽ روڪ رقم واپس ڪرائي ڏني وڃي

بقايا 9 ڪري ويو

ڳوٺ حاجي جمن سيال ۾ ادا ڪئي وئي، جنهن ۾ ايم اين اي سيد اياز علي شاهه شيرازي، ايم پي اي شاهه حسين شاهه شيرازي، اڳوڻو ضلعي ڪائونسل سڄاول جو چيئرمين ۽ سابق صوبائي وزير حاجي عثمان خان ملڪاڻي پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي انفارميشن سيڪريٽري منظور الرحيم پليجو پيپلز پارٽي تعلقي صدر حاجي محمد قريشي ضلعي ڪائونسل سڄاول جا ميمبر نصير شاهه شيرازي ۽ حاجي اسلم ملڪاڻي ٽائون ڪميٽي جاتي جو چيئرمين جمن خان ملڪاڻي پيپلز پارٽي تعلقي جنرل سيڪريٽري دلدار احمد سميجو پيو خان ملڪاڻي جاتي پريس ڪلب جو صدر سڪندر علي ترڪ سميت سياسي سماجي اڳواڻن ۽ علائقي جي هزارين ماڻهن شرڪت ڪئي مرحوم جي لاڏاڻي سبب علائقي ۾ سوڳ جو ماحول ڇانيل رهيو جڏهن ته جاتي پريس ڪلب جي سڀ پاران مرحوم جي وڇوڙي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي وارثن سان همدردي ڪئي وئي ۽ پوئينرن سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي

بقايا 10 احتجاج

ڪميٽي جي اڳواڻن امجد علي شرجيل احمد پرويز احمد . ڪامران علي ۽ ٻين چيو ته هو ۽ ٻيا هزارين ملازم گذريل ڪيترن ئي سالن کان اداري جي مختلف شعبن ۾ ڪانٽيجينسي تحت ڪم ڪري رهيا آهن. پر گذريل ڏيڍ سال کان ڊي جي نديم شاهه پنهنجي من ماني ڪري بغير ڪنهن جواز جي پگهارون بند ڪري ڇڏيون آهن جنهن ڪري فاقا ڪشي واري زندگي گذاري رهيا آهيون. جڏهن ته سنڌن جاءِ تي نديم شاهه پنهنجا نواز پاليسي اختيار ڪري غيرقانوني طور تي پندرهن سؤ جي لڳ ڀڳ ماڻهو مقرر ڪري انهن کي پگهارون جاري ڪيو آهن. جيڪا ساڻن ناانصافي آهي. هنن چيو ته ڏيڍ سال اڳ ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر ڪليم الله اسان جي پگهارن جي جاري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته ان جي خلاف انتقامي ڪارروائين تي لهي آيو آهي هنن چيو آن فارم واٽر مئنيجمينٽ جو ڊي جي سيد نديم شاهه هڪ ڪرپٽ ۽ ملازم دشمن آفيسر آهي جنهن اداري کي نقصان پهچايو آهي رشوت جي بازار گرم ڪري ملازم دشمن پاليسي اختيار ڪئي آهي هنن سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سيڪريٽري زراعت سميت اعلا اختيارين کي اپيل ڪندي مطالبو ڪيو آهي ته سنڌن جون رهيل ڏيڍ سال جون پگهارون جاري ڪري ڊي جي سيد نديم شاهه جي طرفان غير قانوني طور تي مقرر ڪيل ماڻهن کي هٽائي اداري ۾ ٿيل ڪرپشن اقرباپروري جو نوٽيس وٺي نديم شاهه کي هٽائي ساڻن انصاف ڪيو وڃي. هنن چيو ته جيڪڏهن سنڌن مطالبا نه مڃيا ويا ته ڊي جي نديم شاهه جي آفيس سميت ضلعي هيڊ ڪوارٽرن ۾ ۽ سنڌ سيڪريٽريٽ آڏو ڌرڻو هنيو ويندو

بقايا 11 جو فيصلو

خان لغاري ضلعي انفارميشن آفيسر ذيشان لغاري ۽ ٻين سان اين بي وي اي پالليسي تي ڳالهائي ڪئي ان موقعي تي طئي ڪيو ويو ته انتها پسندي جنونيت جو مقابلو ڪرڻ لاءِ حڪمت عملي جوڙي ويئي ۽ ملڪ سنڌ ۽ پنهنجي شهرن جو خوبصورت چهرو ڏيکارڻ لاءِ سيمينار ريليون ۽ ثقافتي پروگرام ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو ويو جڏهن ته فيڪ نيوز هلائيندڙن کي قومي ڌارا ۾ آڻڻ لاءِ عملي طور ڪم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو اهو به فيصلو ڪيو ويو ته غير قانوني طور ڪليل پريس ڪلبن جي نالن تي ڪليل دوڪان بند ڪرايا ويندا ان موقعي تي اهو به فيصلو ڪيو ويو ته اين بي وي اي تي مڪمل عمل ڪيو ويندو جنهن سان ملڪ ۾ ٿيندڙ انتها پسندي جنونيت ۽ فيڪ نيوز هلائيندڙن خلاف قدم کنيا ويندا

بقايا 12 مڪمل

انتظام مڪمل ڪيا ويا آهن ڪانووڪيشن ۾ سنڌ صوبي جو چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه ، يونيورسٽيز ۽ بورڊس کاتي جو صوبائي وزير محمد اسماعيل راهو سيڪريٽري نور احمد سمون ۽ ٻيا ڊگري وٺندڙ انجنيئرن اسڪالرن ۽ محققن کي ڊگريون ڏيندا انتظامن جو جائزو وٺڻ لاءِ سڏايل اجلاس ۾ پرو وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر انيل ڪمار رجسٽرار پروفيسر ڊاڪٽر نصرالله پيرزادو امتحانن واري شعبي جو ڪنٽرولر سيد رضا شاهه فيڪلٽيز جا ڊينز ۽ لاڳاپيل ڪاميٽين جا سربراهه شريڪ ٿيا

بقايا 13 احتجاج

Aجو نشانو بڻيل نوجوان مراد شاهه جي والد ارباب شاهه رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته منهنجي پٽ مراد شاهه کي بااثر منشيات فروشن نظير زرداري، ارسلان زرداري ۽ ٻين شاهدي ڏيڻ تان مڃرجي يرغمال ڪري انبن جي باغ ۾ وٺي وڃي وحشياڻي تشدد جو نشانو بڻايو موتمار ڌمڪيون ڏنيون ۽ وڊيو ريڪارڊ ڪري وائرل ڪري ڇڏيو هنن چيو ته زرداري برادري جي ٻن ڌرين ۾ ڪبوترن تان ٿيل جهيڙي دوران الزام هيٺ آيل نوجوانن خلاف شاهدي ڏيڻ تان انهن مڃرجي ڪارروائي ڪئي آهي هن چيو ته منهنجي پٽ کي تشدد جو نشانو بڻائيندڙ نهايت بااثر آهن تنهنڪري اجا تائين پوليس ڪابه ڪارروائي نه ڪئي آهي هن گهر ڪئي ته جوابدارن کي گرفتار ڪري سخت سزا ڏني وڃي.

بقايا 14 6ڄڻا زخمي

تندوائي زخمي ٿي پيا. فوتي جو مڙهه ۽ حادثي جي زخمين کي ماڃهند جي تعلقه اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي زخمين کي طبي امداد ڏيڻ بعد حيدرآباد جي سول اسپتال منتقل ڪيو ويو جڏهن ته ضروري ڪارروائي بعد فوتي جو مڙهه وارثن حوالي ڪيو ويو

بقايا 15 لاش هٿ

تنگيل لاش لاٿو خبر پوڻ فوتي نوجوان جا وارث پڻ واقعي واري هنڌ پهچي ويا. فوتي نوجوان جي سڃاڻپ ٽنڊوڄام جي علي آباد ڪالوني جي رهواسي 28 سالہ محمد حسن عرف ديدو ملاح ولد ملو ملاح طور ٿي فوتي جي وارثن پاران واقعي کي خودڪشي قرار ڏيندي پوسٽ مارٽم ڪرائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو جنهن بعد پوليس ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪري ڇڏيو فوتي نوجوان جي پيءُ ملو ملاح جو چوڻ هو ته منهنجو پٽ ٽريڪٽر جو ڊرائيور هو آئيس جي نشي جو موالي ٿي ويو جنهن بعد گهر پئسا ڏيڻ بند ڪري ڇڏيائين هڪ ڏينهن پهرين ماءُ سان جهيڙو ڪرڻ بعد جيئن گهران نڪتو ته واپس نه موٽيو اڄ خبر پئي ته پٽ انب جي وڻ ۾ ڦاهو کائي خودڪشي ڪري ڇڏي آهي

بقايا 16 اوچتو دورو

دوران ڊپٽي ڪمشنر فلور ملن ۾ ڪڻڪ جي دستيابي ، اٽي جي معيار ، وزن ، سرڪاري اگهن تي عملدرآمد ۽ صفائي جي انتظامن جو تفصيلي جائزو ورتو ڊپٽي ڪمشنر فوڊ ڊپارٽمينٽ جي آفيسرن کي هدايت ڪئي ته اٽي جي مقرر ڪيل قيمتن ۽ معيار تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو نه ڪيو وڃي هن فلور مل مالڪن کي سختي سان تنبيه ڪئي ته حڪومت پاران جاري ڪيل هدايتن تي مڪمل طور تي عملدرآمد يقيني بڻايو وڃي ٻي صورت ۾ خلاف ورزي جي صورت ۾ سخت قانوني ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي هن چيو ته عوام کي معياري اٽو مقرر اگهن تي فراهم ڪرڻ ضلعي انتظاميا جي اولين ترجيح آهي دوري جي پڇاڙي تي ڊپٽي ڪمشنر لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي ته فلور ملن جي باقاعده نگراني جاري

رکي وڃي ته جيئن ذخيرو اندوزي ، گهٽ تول ۽ مهانگي وڪري جهڙن مسئلن جو بروقت تدارڪ ٿي سگهي

بقايا 17 ڪچهري ڪندو

کليل ڪچهري ۾ حاضر ٿي پنهنجون شڪايتون ۽ مسئلا ٻڌائڻ

بقايا 18 نڪري آيون

برادري جا ڪجھ پوليس اهلڪار ٻين اهلڪارن سان گڏ علائقي ۾ اچي اسان جي نوجوانن سان جهيڙو ڪري اسان جي بيگناهه نوجوانن تي ڪوڙو ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي هنن وڌيڪ چيو ته اسان جا مرد ڪاروباري ماڻهون آهن پوليس بناجواز انهن کي تنگ ڪري رهي آهي مجبور ٿي احتجاج ڪري رهيا آهيون هنن آئي جي سنڌ . ڊي آئي جي حيدرآباد . ايس ايس پي ٽنڊوالهيار ۽ ٻين وس وارن کان گهر ڪئي ته اسان نوجوانن تي داخل ڪوڙا ڪيس ختم ڪري اسان کي تحفظ ڏئي انصاف ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 19 ينگ طلب

ڪيو هو جنهن ۾ نوجوان کي تشدد جو نشانو بڻائي ينگ طلب ڪيو ويو هو جيڪو هن محل تائين بازياب نه ٿي سگهيو آهي ياد رهي ته اوڏيرولال وليج ٿاڻي جي حد واري ڳوٺ بجل ورياهه جا ٻئي نوجوان هن وقت به ڌاڙيلن جي چنبي ۾ آهن نوجوان جي وارثن حڪومت کان مطالبو ڪيو آهي ته سندس نوجوانن کي جلد بازياب ڪرائي پريشاني ختم ڪئي وڃي

بقايا 20 احتجاج

ڪوٽ واري صورتحال کي منهن ڏيڻي رهي آهي پر ايريگيشن کاتي پاران عوام جي احتجاج ۽ روڊ بلاڪ ڪرڻ واري عمل بعد واهه کولڻ جو واعدو ڪرڻ باوجود ڪراچي واهه ۾ پاڻي جو واهيو ن کوليو ويو آهي جنهن ڪري هتان جو عوام سخت پريشاني واري صورتحال کي منهن ڏئي رهيو آهي علائقي جي ڏهن ڪالونين ۽ 8 ڳوٺن جا ماڻهو صبح کان ٻارن ٻچن سميت پاڻي جي حاصلات لاءِ دربدر هڃن ٿا ٻي طرف ضلعي انتظاميا عوام کي رليف ڏيڻ لاءِ ڪوبه جوڳا اپاءُ وٺڻ ۾ ناڪام وئي آهي

بقايا 21 سبب فوت

ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت ٿي ويو نوجوان جي فوت ٿيڻ سبب سندس گهر ۾ روڄ راڙو مچي ويو فوتي نوجوان رڪشا هلائي گذر سفر ڪندو هو

بقايا 22 جي تالا بند

۾ آفيس جي ٻاهران احتجاج ڪري نعري بازي ڪئي وئي ان موقعي تي معين اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته آپڪا بلوچستان جي صدر حاجي اصغر بنگلزئي ۽ ٻين ملازمن پنهنجي حقن لاءِ احتجاج ڪيو ته انهن کي بلاجواز گرفتار ڪيو ويو آهي اسان مذمت ڪيون ۽ بلوچستان حڪومت کان مطالبو ٿا ڪريون ته آپڪا بلوچستان جي قيادت کي فوري طور آزاد ڪيو وڃي نه ته آپڪا جا هزارين ملازم سخت احتجاج ڪندا . ان موقعي تي عبدالملڪ ڪنهر مختيار جمالي نفيس خانزادو ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو

بقايا 23 جوابدار فرار

ڇاپي دوران منشيات فروش جهنگلي ملاح ۽ سندس ساٿين پوليس تي سخت مزاحمت ڪئي جنهن سبب پوليس موبائيلن جا شيشا ٽٽي پيا، جڏهن ته ڪارروائي دوران ڪا به گرفتاري عمل ۾ نه اچي سگهي ان حوالي سان رابطو ڪرڻ تي ايس ايڇ او بلڙي شاهه ڪريم عبدالحڪيم سومرو فون ڪال ذريعي ٻڌايو ته منشيات فروش جهنگلي ملاح بلڙي شاهه ڪريم ٿاڻي تي منشيات سميت مختلف ڪيسن ۾ گهربل آهي هن چيو ته اڄ پوليس جهنگلي ملاح جي منشيات واري اڏي تي ڇاپو هنيو جنهن دوران جوابدارن پوليس تي حملو ڪيو ۽ مزاحمت ڪندي فرار ٿي ويا. ايس ايڇ او موجب ڪارروائي دوران جهنگلي ملاح جي اڏي تان ڏهه ڪٽا منشيات ٺاهڻ جو سامان هٿ ڪيو ويو جيڪو پوليس قبضي ۾ وٺي بلڙي شاهه ڪريم ٿاڻي تي منتقل ڪيو ويو آهي.

بقايا 24 سان وسڪارا

برسات جي وسڪاري سان سردي ۾ واڌ ٿي وئي ڪيرٿرجبل نوري آباد ڄامشورو مانجهند سن رني ڪوٽ آمري سيوهڻ شريف لڪي جاجبل ڀڳوٺوڙوجبل جوهي قاضي احمد سڪرنڊ سکر سميت سڄي سنڌ ۾ برسات جاوسڪارا ٿيا آهن برسات جي وسڪارن سان موسم سرد ٿي وئي ٿڌين هوائن جي گهلڻ سان موسم وڌيڪ ٿڌي ٿي وئي آهي

بقايا 25 ڪرائي ڇڏيو

سخت نوٽيس وٺندي اهم قدم کنيو ۽ ان کي مستقل بنياد تي ختم ڪرائي ڇڏيو شهر ۾ وڌندڙ غيرقانوني مال پڙيءَ سبب ٽريفڪ، صفائي ۽ امن امان جي مسئلن کي نظر ۾ رکندي اسسٽنٽ ڪمشنر جي هدايتن تي يوٽي مختيارڪار پياس علي پتافي پوليس عملي سان گڏجي ڪارروائي ڪئي ڪارروائي دوران باب احمد شاهه گيٽ لڳ غيرقانوني قائم ڪيل ٻڪرين جي مال پڙي کي مڪمل طور ختم ڪرايو انتظاميا طرفان مال پڙي ۾ موجود واپارين کي سختي سان منع ڪيو ويو ته هو ٻيهر هن هنڌ تي نظر نه اچن ٻي صورت ۾ کين خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪري ڏنڊ ۽ گرفتار ڪيو ويندو ان موقعي تي يوٽي مختيارڪار پياس علي پتافي جو چوڻ هو ته غيرقانوني مال پڙڻ سبب شهرين کي اچڻ وڃڻ ۾ رش هجڻ سبب ٽريفڪ جام ٿي وڃي ٿي جڏهن ته اتي صفائي سٿرائي نه ٿيڻ سبب گندو ڪچرو ۽ ڍپ ٿي وڃي ٿي جنهن سبب شهرين کي سخت تڪليفن کي منهن ڏيڻو پئي پيو هن وڌيڪ چيو ته انتظاميا شهر کي صاف سٿرو ۽ قانون جي دائري ۾ رکڻ لاءِ پرعزم آهي ۽ اهڙين غيرقانوني سرگرمين خلاف بغير ڪنهن دٻاءَ جي ڪارروائي جاري رهنديون ٻئي پاسي شهرين انتظاميا جي هن قدم کي ساراهيندي چيو ته باب احمد شاهه گيٽ جهڙي اهم هنڌ تي مال پڙي لڳڻ سبب ٽريفڪ جام معمول بڻيل هو شهرين مطالبو ڪيو ته اهڙين ڪارروائيون مستقل بنيادن تي ڪيون وڃن ته جيئن شهر ۾ مين روڊ جي روانگي جاري رهي سگهي ۽

شهرين کي ٽريفڪ جام جو مسئلو پيش نه اچي سگهي

بقايا 26 مخدوم فخر الزمان

ٿي مخدوم فخرزمان صاحب تڏي تي موجود ڊي ايس پي مٽياري کي احڪامات جاري ڪندي قتل ڪندڙ باقي جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪيون ۽ وارثن حوصلو پڻ ڏنو ٻئي طرف پيپلزپارٽي ضلع مٽياري جي نوجوان اڳواڻ حاجي شهزاد ميمڻ ۽ جگنو ميمڻ چيو ته شهيد سلمان ملاح جي فيملي غريب شريف فيملي آهي انهن سان وڏو ظلم ٿيو آهي جنهن جي جيتري مذمت ڪجي اها گهٽ آهي هن چيو ته مٽياري پرامن شهر رهيو آهي اتي ان قسم جي بدمعاشي ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪئي ويندي ظالم جوابدارن انسانيت جا سڀ ليڪا لتاڙي هڪ ڳڀرو نوجوان کي وچ شهر ۾ گولين جو کاڄ بڻائي ڇڏيو آئون پهرين ڏينهن کان وارثن سان رابطي ۾ آهيان ايم اين اي مخدوم جميل الزمان سائين جون خاص هدايتون آهن ته وارثن جي هر قسم سپورٽ ڪئي وڃي ان موقعي تي هن مقتول سلمان ملاح جي والد ڦوٽو ملاح کي آٿت ڏيندي ڪيس جي پوئيواري ۽ وڪيل جو خرچ پرڻ جو اعلان ڪيو ٻئي طرف سنڌ حڪومت جي ترجمان ۽ ايم پي اي مٽياري مخدوم فخرالزمان اڏيرولال لڳ ڳوٺ پنيو خدري ۾ انور خدري ۽ عرفان خدري جي مانجهاندي جي دعوت ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي مخدوم فخرالزمان چيو ته گل پلازه سانحي جا ذميوار اسان سڀ آهيون هن افسوسناڪ واقعي تي سياست نه ڪرڻ گهرجي چو ته اهو ڪنهن هڪ سياسي جماعت جو نه پر سڄي سماج جو گڏيل نقصان آهي هن چيو ته اهڙي سانحي تي ڪنهن به هڪ پارٽي کي ٽارگيٽ ڪرڻ مناسب عمل ناهي وڌيڪ چيو ته 18هين ترميم کي خواجا آصف جهڙا ماڻهو ختم نٿا ڪرائي سگهن 18هين ترميم ختم ڪرڻ لاءِ پارليامينٽ کي ٽي حصن مان ٻن حصن جي اڪثريت گهربل هوندي ۽ اسان ڪنهن به صورت ۾ 18هين ترميم ختم ٿيڻ نه ڏينداسين

بقايا 27 جي حوالي ڪيو

جنهن بعد لاش ايڌي رضاڪارن جي حوالي ڪيو ويو جنهن به ڪيس کي مقامي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو ڪرم حسين سولنگي ن عبرت گڏيجي

بقايا 28 صدر منتخب

حسين لغاري 72 ووٽ کنيا . نائب صدر جي سيٽ تي طارق قائم خاني 94 ووٽ کنيا سندس مد مقابل اميدوار ياسين لغاري کي 83 ووٽ مليا جڏهن ته جنرل سيڪريٽري جي اميدوار منصور جروار 103 ووٽ حاصل ڪري ڪامياب ٿيو سندس مد مقابل اميدوار سبحان مستوئي کي 75 ووٽ مليا . جوائنٽ سيڪريٽري جي سيٽ تي اميدوار علي حيدر رند 143 ووٽ حاصل ڪري ڪاميابي ماڻي . سندس مقابلو ڪندڙ امتياز دراڻي کي 100 ووٽ مليا خزانچي جي سيٽ تي نويد عمراڻي 135 ووٽ حاصل ڪري ڪامياب ٿيو سندس مقابلو ڪندڙ اميدوار سجاد علي شاه کي 105 ووٽ مليا جڏهن ته لائبريري سيڪريٽري جي سيٽ مختيار جروار ۽ ضمير خاصخيلي جا ووٽ 100 برابر هئا ميمبر مئنيجنگ ڪميٽي جي 7 سيٽن تي اميدوارن وڏي تعداد ۾ ووٽ حاصل ڪري ڪاميابي ماڻي . بار جي رجسٽرڊ ووٽن جو انگ 255 هو چونڊن جا نتيجا سامهون اچڻ کان پوءِ ڪاميابي ماڻيندڙ اميدوارن جي حامين سندس ڪاميابي تي جشن پڻ ملهايو جڏهن ته بار ڪائونسل ۾ مختلف برادرين جا معززين رئيس غلام رسول جروار ، مجيدي عثمان قائم خاني ، انور سومرو، عامر اسحاق قائم خاني ، نثار جروار عبرت ضلعي رپورٽر راجه ساجد خانزاده سميت ڪاميابي ماڻيندڙ کي سنڌ جي روايتي تحفا اجرڪ ۽ گلن جا هار پارائي مبارڪ باد ڏيون

بقايا 29 تحويل ۾ ورتو

۽ بجيٽ ۾ وڏي پئماني تي ڪرپشن جي شڪايتن تي ڇاپو هنيو ويو مالوندن ماڻهن پاران شڪايتون مليون ته لائيو اسٽاڪ کاتي طرفان جانورن جون دوائون نه ٿيون ڏنيون وڃن جنهن تي اختيارين جي هدايتن تي ڪارروائي ڪئي هنن وڌيڪ ٻڌايو ته لائيو اسٽاڪ کاتي جي عملدارن پاران ڪجهه رڪارڊ ڏنو ويو آهي جڏهن ته گهڻو رڪارڊ ناهي مليو جيڪو ڏيڻ لاءِ عملدارن پاران وقت گهريو آهي هنن چيو ته تحويل ۾ ورتل رڪارڊ جي ڇنڊڇاڻ ڪئي ويندي ڪنهن به قسم جي بيقاعدگين جا ثبوت ملڻ بعد ملوث عملدارن خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي

بقايا 30 احتجاج

لاءِ گذريل ڏهن سالن کان ساڳيو ٿي پراڻو وظيفو رکيو ويو آهي جيڪو موجوده حالتن موجب ناڪافي آهي آسا جو چوڻ آهي ته ميلي جهڙي وڏي مذهبي ۽ ثقافتي تقريب ۾ مقامي فنڪارن کي نظرانداز ڪرڻ انتهائي افسوسناڪ عمل آهي ان موقعي تي ناليوارن راڳين ۽ فنڪارن دانش منظور ٿهيم سرمد اياز طاهر ملو وسيم سمون لڪي رياض عمراڻي ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته هر سال انتظاميا ڪيترن ئي مقامي فنڪارن کي ميلي ۾ پرفارمنس جا موقعا ئي نٿي ڏئي جيڪڏهن ڪو فنڪار پنهنجي خرچ تي عرس ۾ پهچي به ٿو ته به کيس اسٽيج تي پرفارم ڪرڻ جي اجازت نٿي ڏني وڃي جنهن سبب فنڪارن ۾ سخت مايوسي پکڙيل آهي فنڪارن وڌيڪ چيو ته لعل شهباز قلندر جو عرس نه صرف مذهبي پر ثقافتي لحاظ کان به وڏي اهميت رکي ٿو جنهن ۾ سنڌ جي مقامي فن راڳ ۽ ثقافت کي هٿي ڏيڻ گهرجي مقامي فنڪارن کي نظرانداز ڪرڻ سان نه رڳو سندن معاشي نقصان ٿئي ٿو پر سنڌ جي صوفي روايتن ۽ ثقافتي سڃاڻپ کي به ڌڪ لڳي ٿو آل سنڌ سنگيت ڪار ايسوسيئيشن جي اڳواڻن ڊي سي جامشورو کان مطالبو ڪيو آهي ته فنڪارن جو وظيفو مهانگائي مطابق وڌايو وڃي مقامي فنڪارن کي ترجيحي بنياد تي اسٽيج مهيا ڪيو وڃي ۽ ميلي دوران رهائش سيڪيورٽي ۽ ٻين سهولتن کي به بهتر بڻايو وڃي هنن اميد ظاهر ڪئي ته ضلعي انتظاميا سندن جائز مطالبن تي سنجيدگي سان غور ڪندي ۽ مقامي فنڪارن جا مسئلا جلد حل ڪيا ويندا

بقايا 31 : ڊي سي

خيرپور الطاف حسين چاچڙ ۽ ڊي ايف سي خيرپور اختر خان بوزدار ڪيوان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر خيرپور صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته خيرپور ۾ اٽو مهانگو ٿيڻ کان پوءِ خوراڪ کاتي پاران ماڻهن کي سستو اٽو فراهم ڪرڻ لاءِ اسٽال قائم ڪيو ويو آهي جتي 105 رپيا في ڪلو اٽو وڪرو ڪيو پيو وڃي هن وڌيڪ چيو ته اسان جي ڪوشش آهي ته عام ماڻهن کي وڌ کان وڌ رليف ۽ سهولتون فراهم ڪيون وڃن شهرين جي شڪايتن بعد هي اسٽال قائم ڪيو ويو آهي جڏهن ته سستي آٽي جااسٽال شهر جي ٻين هنڌن تي به قائم ڪيا ويندا

بقايا 32 عدالت پيش

جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ميرپور ماٿيلو پوليس پاران ڇاپا هڻڻ جو سلسلو جاري آهي پر آخري اطلاعن تائين ٻين جوابدارن کي پوليس گرفتار ناهي ڪري سگهي ٻي پاسي مقتول ابرار ڪولاچي جي وارثن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته ايس ايس پي گهوٽڪي جوابدارن جي گرفتاري لاءِ مڪمل سهڪار ڪري رهيو آهي اميد آهي ته پوليس جلد جوابدارن کي گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻيندي

بقايا 33 احتجاج

ويجهو هجڻ ڪري چوويهه ڪلاڪ ايمرجنسي هوندي آهي پر اسپتال ۾ صحت جون سهولتون نه هجڻ ڪري ڪيترائي غريب مسڪين ماڻهو علاج نه ٿيڻ سبب تڙپي تڙپي فوت ٿي وڃن ٿا هنن چيو ته اسپتال ۾ مقرر عملو اسپتال ۾ ڊيوٽي ڪرڻ بدران بااثر ماڻهن جي بنگلن تي ڊيوٽيون ڏئي رهيو آهي ۽ ڪيترائي ويزا تي ويل آهن جڏهن ته اسپتال جي بجيٽ پڻ ڪوڙن ووچرن ذريعي هڙپ ڪئي پئي وڃي من پسند ڪمپنين کان غير معياري دوائون خريد ڪري ڪروڙين رپين جي ڪرپشن پڻ ڪئي وئي آهي هنن چيو ته اسپتال ۾ ڊيوٽي ڪندڙ ڊاڪٽر مريضن کي دوائون اسپتال مان ڏيڻ بدران کين پرائيويٽ اسٽورن جون مهانگيون دوائون لکي ڏئي رهيا آهن جنهن سبب غريب مسڪين ماڻهو علاج جهڙي سهولت کان پڻ محروم بڻيل آهن هنن مطالبو ڪيو ته تعلقه اسپتال هالا ۾ فوري طور تي صحت جون سهولتون ڏئي بند پيل وارڊ فعال بڻايا وڃن ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو

بقايا 34 خوشگوار ٿي ويو

استالن تي پڻ رش ڏسڻ ۾ آئي جنهن سبب دڪاندارن قيمتون وڌايون ٻئي پاسي تيز مينهن کان پوءِ شهر جي مختلف علائقن ۾ ڪيترين ڪلاڪن تائين بجلي بند رهي ۽ گهٽي رستن تي پاڻي جمع ٿي ويو جڏهن ته نيڪاسيءَ جو نظام به معطل رهيو انتظاميا جي اڳواٽ اعلانن باوجود صورتحال قابو کان ٻاهر ٿي وئي

بقايا 35 ڪري ڇڏيو

ٿيل ٻن ايس ايڇ اوز محمد نواز بروهي، مقصود سنجراڻي ۽ پوليس عملدارن خادم جکراڻي ياسين جکراڻي برڪت جکراڻي محراب سنڌراڻي عبدالنبي سامت، مير حسن ڀمبل سميت 8 ڄڻن کي جيڪب آباد جي ڪمزيومر ڪورٽ ۾ پيش ڪيو ويو جتان عدالت کين 5 ڏينهن جي ريمانڊ تي ايف آءِ اي حوالي ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو ان سلسلي ۾ ايف آءِ اي جي جاچ آفيسر احسان ميراڻي ميڊيا کي ٻڌايو ته آسيه ڪوسو واري ڪيس ۾ گرفتار سڀني جوابدارن مٿان ايف آءِ اي ۾ ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ۽ جوابدارن کي اڄ عدالت ۾ پيش ڪيو جتان 5 ڏينهن جو ريمانڊ ورتو آهي هن چيو ته ڪيس جي صاف ۽ شفاف جاچ ڪئي ويندي

بقايا 36 سورهيه سنڌي

موڪلائي ڪالهه کان سڀڻ گهڙي تائين بک هڙتال شروع ڪري ڇڏي آهي جڏهن ته جيئي سنڌ تحريڪ جي چيئرمين سورهيه سنڌي ،امتياز ميراڻي پريس ڪلب حيدرآباد ۾ صحافين کي ٻڌايو ته جيل ۾ مک گيٽ کان وٺي ملاقات، ٿئين آمد، پسار ،ڪولين جي مد ۾ ماهوار ڪروڙين روپيا جيل انتظاميا ڪمائي رهي آهي جيل مينيوئل مطابق ڪجهي قيدي کان مشقت ناهي وٺي پر جيل ۾ ٿئين آمد ۽ ڪجهن قيدين کان پيسا نه ڏيڻ جي صورت ۾ زبردستي مشقت ورتي وڃي ٿي جيل جي ماني کي بهتر بڻائڻ جي بدران جيل ۾ جيل انتظاميا جي سرپرستي ۾ ڪينٽين کولي روزانو لکين روپيا ڪمايا پيا وڃن هنن الزام هڻندي چيو ته جيل ۾ بااثر قيدين کي شراب، چرس ،آئيس سميت سمورين نشي آور شيون فراهم ڪيون پيون وڃن جڏهن ته جيل جي ماڙي ۾ هڪ مخصوص ڪمري ۾ 50 هزار روپين عيوض قيدين کي عورتون پڻ فراهم ڪيون پيون وڃن هنن چيو ته سينٽرل جيل حيدرآباد جي انتظاميا جي ظلم خلاف سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪراچي ۾ پٽيشن داخل ڪرائي ويندي جڏهن ته سڄي سنڌ ۾ جيل انتظاميا خلاف احتجاجي مظاهرا ۽ سينٽرل جيل حيدرآباد اڳيان جيئي سنڌ تحريڪ طرفان ڌرڻو هنيو ويندو

بقايا 37 ڪيس داخل

باضابطه جاچ شروع ڪري ڇڏي، آسيه ڪوسو کي 164 جي بيان لاءِ سڀاڻي (اڄ) جڊيشل مئجسٽريٽ جي عدالت ۾ پيش ڪيو ويندو ان سلسلي ۾ ٺل جي آر ڊي 44 ٿاڻي اندر اجتماعي لجالت جو نشانو بڻايل ناري آسيه ڪوسو واري واقعي جي ايف آءِ آر عدالتي حڪم تي ايف آءِ اي ڪمپوزٽ سرڪل لاڙڪاڻو ٿاڻي تي آسيه ڪوسو جي ڏاڏي نور خاتون ڪوسو جي فرياد تي پوليس آهڪارن مٿان ٽارچر اينڊ ڪسٽوڊيل ڊيٿ پروينشن اينڊ پنشمينٽ ايڪٽ 2022ع تحت اي ايس آءِ محراب علي سنڌراڻي هيڊ ڪانسٽيبل عبدالنبي ابڙو پوليس ڪانسٽيبل برڪت علي جکراڻي خادم علي غلام ياسين جکراڻي مير حسن ابڙو مقصود احمد، سب انسپيڪٽر محمد نواز بروهي مٿان داخل ڪئي وئي آهي

بقايا 38 سعديه راشد

مخلص رهنما هو پر انهن سڀني خوبين کان وڌيڪ هو انتهائي سادو بااخلاق ۽ نرم دل شخصيت جو مالڪ هو اهڙن خيالن جو اظهار اڄ22 جنوري 2026ع تي همدرد فائونڊيشن پاڪستان جي اهتمام هيٺ منعقد ڪيل همدرد نونهال اسيمبلي جي اجلاس کي خطاب ڪندي ڪئي اجلاس بيت الحڪمه آڊيٽوريم مدينة الحڪمه ۾ منعقد ٿيو جنهن جو موضوع هو: "سادگي قناعت ۽ ڪفايت شعاري شهيد حڪيم محمد سعيد جي زندگي مان سبق". محترمه سعديه راشد چيو ته الله تعاليٰ حڪيم محمد سعيد کي عزت، شهرت ۽ وسيلا عطا ڪيا هو وفاقي وزير صحت ۽ گورنر سنڌ جهڙن اعليٰ عهدن تي پڻ فائز رهيو پر ان جي باوجود هن ڪڏهن به نمود و نمائش يا ڏيکاءُ واري زندگي اختيار نه ڪئي سندس لباس، خوراڪ ۽ طرزِ زندگي انتهائي سادي هئي هو اڪثر چوندو هو ته: "سادگي انسان کي وڏو بڻائي ٿي ۽ ڏيکاءُ انسان کي ننڍو ڪري ڇڏي ٿو" نونهالن کي خطاب ڪندي هن چيو ته اڄ جو دور غير ضروري خرچن مهانگن ڪپڙن ۽ ڏيکاءُ جي ڊوڙ جو دور آهي، جنهن جو نتيجو خوشي بدران ذهني دٻاءُ ۽ بيچيني جي صورت ۾ نڪري ٿو قناعت جو مطلب اهو ناهي ته انسان محنت ڇڏي ڏئي، پر ان جو مطلب اهو آهي ته محنت سان گڏ دل جو سڪون به حاصل ڪيو وڃي، جيڪو ملي ان تي شڪر ڪيو وڃي ۽ جيڪو نه ملي ان تي صبر ڪيو وڃي هن چيو ته سادگي قناعت ۽ ڪفايت شعاري جو بهترين مثال اسان جي پياري نبي حضرت محمد ﷺ جي سيرت مبارڪ آهي جن سادي زندگي اختيار فرمائي ۽ اسان کي اهو درس ڏنو ته سادگي ايمان جي خوبصورتي آهي انهن ئي اصولن تي حڪيم محمد سعيد پاڻ به عمل ڪيو ۽ نونهالن کي به انهن قدرن جي تلقين ڪئي هن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته رڳو ٻارن کي نصيحت ڪرڻ ڪافي ناهي پر والدين ۽ استادن کي به عملي طور سادي زندگي اختيار ڪري مثال بڻجڻو پوندو تقريب جي مهمان خاص سوئي سدرن گيس ڪمپني جي ترجمان سلمان احمد صديقي پنهنجي خطاب ۾ چيو ته حڪيم محمد سعيد هڪ آفاقي شخصيت هئا جن جو تعلق رڳو پاڪستان سان نه پر سڄي برصغير سان هو هو طب، علم، تحقيق ۽ خدمت انسانيت جو حسين امتزاج هئا ۽ تقريباً 200 ڪتابن جا مصنف هئا. سندن زندگي سنت رسول ﷺ جو عملي نمونو هئي الله تعاليٰ کين دنياوي مال پڻ عطا ڪيو پر هن ان کي ذاتي عيش لاءِ استعمال ڪرڻ بدران انسانيت جي ڀلائي لاءِ خرچ ڪيو همدرد فائونڊيشن ۽ همدرد يونيورسٽي جهڙا ادارا سندن روشن مثال آهن جنهن مان اڄ هزارين شاگرد فائدو حاصل ڪري رهيا آهن هن محترمه سعديه راشد ۽ سندس ٽيم جي خدمتن کي ساراهيندي چيو ته هو حڪيم محمد سعيد جي مشن کي قابل تقليد انداز سان اڳتي وڌائي رهيا آهن تقريب ۾ نونهال مقررن مريم فاطمه عائشه فواد جائشه احمر ۽ ٻين شاگردن موضوع تي اثرائتي تقريرون ڪيون اجلاس جي شروعات محمد معاذ علي جي تلاوت قرآن پاڪ سان ٿي، جڏهن ته نعت رسول مقبول ﷺ محمد هادي پيش ڪئي اختتام تي شاگردن ٽيبلو خاڪا ۽ ملي نغما پيش ڪيا، جڏهن ته همدرد پبلڪ اسڪول جي شاگردن دعاءِ سعيد پيش ڪئي تقريب ۾ شاگردن استادن، والدين ۽ معزز مهمانن جي وڏي تعداد شرڪت ڪئي.

آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر
سنڌ انسٽيٽيوٽ آف چائلڊ هيلٿ اينڊ نيونيٽولاجي
(SICHN)گورنمينٽ آف سنڌ، ڪراچي

Ref/No.SICHN/GOS/Proc/Adv-NIT/XX/25-26/194 Dated: 22-01-2026

NIT لاءِ اشتهار

سنڌ انسٽيٽيوٽ آف چائلڊ هيلٿ اينڊ نيونيٽولاجي (SICHN)، سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز 2010 (ترميم ٿيل 2019) جي واسطيدار فقرن تحت مالي سال 26-2025 لاءِ هيٺ ڄاڻايل آئٽمز جي فراهمي لاءِ اهل واڪ ڏيندڙن کان E-PAK ايڪيوزيشن اينڊ ڊسپوزيبل سسٽم (EPADS) معرفت اِي واڪ گهرائي ٿو.

دلچسپي رکندڙ واڪ ڏيندڙن لکت درخواست جي اماڻڻ تي، 5000 رپين جي ٽينڊر في ناقابل واپسي روڪ جي صورت ۾ بحق "سنڌ انسٽيٽيوٽ آف چائلڊ هيلٿ اينڊ نيونيٽولاجي (SICHN) جي سنڌ بينڪ اڪائونٽ ۾ جمع ڪرايو ۽ ڀريل ڊپازٽ سلپ واقع فرسٽ فلور پلاٽ نمبر 354 ۽ 356 جي ايم، ويجهو پيپلز سيڪريٽريٽ چورنگي، جمشيد ڪوارٽرز ڪراچي ۾ صبح 09 وڳي کان 1500 وڳي آچر ۽ موڪل کانسواءِ اشاعت جي تاريخ کان 10-02-2026 تي صبح 10:00 وڳي تائين خريد ڪري سگهجن ٿا. تفصيلي شرطن ۽ ضابطن تي مشتمل واڪ ڪاغذن جو هڪ مڪمل سيٽ https://portalsindh.eprocure.gov.pk/#/ تي ڏسي/ڊائون لوڊ ڪري سگهجي ٿو.

واڪ ڪاغذ ۾ هدايتن سان مطابقت ۾ تيار ٿيل واڪ لازمي طرح EPADS تي اماڻڻ گهرجن ۽ سمورن واڪن سان جملي واڪ/ڄاڻايل قيمت جي جيئن مٿي ڄاڻايل واڪ سيڪيورٽي بينڪ ڊرافٽ يا پي آرڊر يا ڪال ڊپازٽ يا بينڪ گارنٽي جي صورت ۾ سنڌ انسٽيٽيوٽ آف چائلڊ هيلٿ اينڊ نيونيٽولاجي (SICHN) اِي واڪن جي اماڻڻ لاءِ آخري تاريخ کان اڳ لازمي پهچڻ گهرجن. جيڪي ساڳئي ڏينهن 10-02-2026 تي صبح 11:00 وڳي فرسٽ فلور پلاٽ نمبر 354 ۽ 356 جي ايم، ويجهو پيپلز سيڪريٽريٽ چورنگي، جمشيد ڪوارٽرز ڪراچي ۾ کوليا ويندا.

پروڪيورمينٽ ڪميٽي SICHN ايس پي پي آر اي رولز، 2010 ترميم ٿيل 2019 جي فقرن تحت ڪوبه يا سمورا واڪ ملتوي/منظور/رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿي.

Sr	ٽينڊر ٽائٽل	سوٽي رقم	ٽينڊر في	ٽينڊر ڪاغذن جو وڪرو	ٽينڊر وڪري جي آخري تاريخ ۽ وقت	ٽينڊر جمع ڪرائڻ جي تاريخ ۽ وقت	ٽينڊر جي کولڻ جي تاريخ ۽ وقت	ٽينڊر کولڻ جو هنڌ/ايڊريس
1	پلمبنگ، اليڪٽريڪل ۽ HVAC ڪم ڪراچي لاءِ (ٻيهر اشتهار)	2%	5000	NIT جي اشاعت جي ڏينهن کان	10-02-2026 تي صبح 10:00 وڳي تائين يا ان کان اڳ	10-02-2026 تي صبح 10:30 وڳي تائين يا ان کان اڳ	10-02-2026 تي صبح 11:00 وڳي	سنڌ انسٽيٽيوٽ آف چائلڊ هيلٿ اينڊ نيونيٽولاجي (SICHN) فرسٽ فلور پلاٽ نمبر 354 ۽ JM 356 ويجهو پيپلز سيڪريٽريٽ چورنگي جمشيد ڪوارٽرز ڪراچي
2	ڪميشننگ آف جنريٽرز SICHN سائيٽس لاءِ سپلائي ۽ تنصيب.							

ضروري:

- سرڪار پاران عام موڪل جو اعلان ڪرڻ جي صورت ۾ ٽينڊر ورنڊڙ ڪم ڪار واري ڏينهن اماڻيا/کوليا ويندا.
- سمورن NIT ۾ سرڪاري ٽيڪس بشمول پروفيشنل ٽيڪس، جي ايس ٽي، ايس آر بي ۽ ٻيا ٽيڪس شامل هوندا، جتي ۽ جڏهن به لاڳو ڪرڻ جوڳا هوندا.
- ڪنهن ڏکيائي جي صورت ۾ واڪ ڏيندڙ EPADS جي هيلپ لائين: 051-111-137-237 تي آفيس وقتن/ڏينهن دوران رابطو ڪري سگهن ٿا.

INF/KRY No.0255/2026

ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر
(SICHN) گورنمينٽ آف سنڌ
فون: +9221-99333101-2-3

iWORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT



شهيد محترمه بينظير ڀٽو
ميڊيڪل يونيورسٽي لاڙڪاڻو، سنڌ، پاڪستان
آفيس آف دي پروجيڪٽ ڊائريڪٽر

فون: +92-74-9410911، فيڪس: +92-074-4752538 ، PABX 9410717
www.smbbmu.edu.pk، اي ميل: pd@smbbmu.edu.pk ،info@smbbmu.edu.pk
No. SMBBMU/PD/192 Dated: 14.01.2026

ٽينڊرن گهرائڻ جو نوٽيس

شهيد محترمه بينظير ڀٽو ميڊيڪل يونيورسٽي لاڙڪاڻو پاران سمورن دلچسپي رکندڙ ٺيڪيدارن/فرمن/ڊرين کان هيٺين ڪمن لاءِ مهربند سيڙ/آئٽم اڳهه تي ٽينڊر گهرائڻ لاءِ E-Pak ايڪيوزيشن اينڊ ڊسپوزل سسٽم (EPADS) تحت واڪ/ٽينڊر گهرائجن ٿا.

تفصيل هيٺين ريت آهي:

نمبر شمار	ڪم جو نالو	ٽينڊر في (رپيا)	سوٽي رقم	تڪميل جو مدو
.1	چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج آف SMBB ميڊيڪل يونيورسٽي لاڙڪاڻو جي 04 جي بنيادي ڊپارٽمينٽس جي ريهيبليٽيشن ۽ رنگ روغن .	5000	5%	03 مهينا
.2	چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج آف SMBB ميڊيڪل يونيورسٽي لاڙڪاڻو جي ٽائپ-I بنگلو جي ريهيبليٽيشن ۽ رنگ روغن .	5000	5%	04 مهينا
.3	چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج آف SMBB ميڊيڪل يونيورسٽي لاڙڪاڻو جي ڪوارٽر جي ريهيبليٽيشن ۽ رنگ روغن .	5000	5%	04 مهينا

اهليت لازمي:

1. پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل جي ڪارگر رجسٽريشن.
2. انڪم ٽيڪس، سيلز ٽيڪس، سنڌ روينيو بورڊ سان ڪارآمد رجسٽريشن.
3. فرم کي مرمت ۽ ريهيبليٽيشن جو واسطيدار ڪم جو 05 سالن جو تجربو هجڻ گهرجي.
4. فرم کي گذريل ٽن سالن لاءِ ٽيڪس گوشوارا ڏنل هجڻ گهرجن.
5. ايوريج ساليانو فنانشل ٽرن اوور جو ڪل ڪٿيل رقم کان گذريل 05 سالن تائين گهٽ نه هجڻ گهرجي.
6. گهٽ ۾ گهٽ اهڙي نوعيت جو ڪل ڪٿيل رقم جو گذريل 03 سالن دوران هڪ ڪم.
7. ڪنهن به قانوني ڪارروائي ۾ ملوث نه هجڻ جو سرٽيفڪيٽ / حلفنامون ته فرم گذريل مدي اندر ۽ هاڻو ڪي اسٽيٽس ۾ ڊي لسٽ ٿيل نه هجڻ گهرجي.

i. اجراء: دستاويز اشاعت/رکڻ جي تاريخ کان 26.01.2026 کان 10.10.2026 صبح 10:00 وڳي تائين جاري ڪيا ويندا.
ii. جمع ڪرائڻ: آخري تاريخ 10.02.2026 صبح 11:00 وڳي تائين هوندي.
iii. کولڻ: 10.02.2026 منجهند 11:30 وڳي کوليا ويندا.

پروڪيورمينٽ جو طريقڪار (سنگل اسٽيج ٽو انويلپ)

شرط ۽ ضابطا:

a. هيٺين شرطن سان واڪ رد ٿي ويندا.
 i. واڪ سيڪيورٽي ۽ فارم نه لڳل واڪ.
 ii. مقرر تاريخ ۽ وقت کانپوءِ وصول ٿيل واڪ.
 iii. اهڙا واڪ جيڪي آن لائين وسيلي شامل نه ٿيا هجن (EPADS).
 iv. هاٿوڪي واڪ ۽ بليڪ لسٽ ڪيل فرمن جا واڪ.
b. واڪ ڪارآمدي مدو: 90 ڏينهن.
c. درخواست سان گڏ ٽينڊر ماليت جي 5 سيڪڙو سوٽي رقم بحق پروجيڪٽ ڊائريڪٽر SMBB ميڊيڪل يونيورسٽي لاڙڪاڻو ۽ 5000 رپيا في بحق وائيس چانسلر SMBBMU لاڙڪاڻو بصورت ڊمانڊ ڊرافٽ / پي آرڊر شامل هجڻ گهرجي.
d. جيڪڏهن فرم، پارٽنر/پارٽنرشپ ڊيڊ جي لسٽ ۾ هجي ته ڊائريڪٽر/پروپرائٽر يا سندن واسطيدار جا پاور آف اٽارني پروپرائيٽر جي حلف نامي سان گڏ پيش ڪرڻا پوندا.

پروڪيورنگ ايجنسي ايس پي پي رولز 2010 جي لاڳاپيل تشريحات جي شرط سان ڪنهن به يا سمورن واڪن کي رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿي ۽ مذڪوره رولز جي رول-25 تحت واڪ يا پروپوزل جي قبوليت کان پهرين ڪنهن به وقت واڪ عمل کي منسوخ ڪري سگهي ٿي.

(پروجيڪٽ ڊائريڪٽر)
ايڊمنسٽريشن بلاڪ
ايٽ SMBB ميڊيڪل يونيورسٽي لاڙڪاڻو (آريجا)
فون: 074-9410911، فيڪس: 074-475234
اِي ميل: pd@smbbmu.edu.pk

INF/KRY.No.0237/2026

iWORK FOR SINDH JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

آسيه ڪوسو جنسي زيادتي ڪيس: عدالت 8 پوليس اهلڪارن کي رمانڊ تي ايف آءِ اي حوالي ڪري ڇڏيو

عدالتي حڪم بعد ايف آءِ اي ڪرائم سرڪل پاران ڪيس ٻيهر داخل، پوليس جي داخل ايف آءِ آر سي ڪلاس ذريعي ختم

آسيه ڪوسو واري ڪيس ۾ گرفتار سڀني جوابدارن مٿان ايف آءِ اي ۾ ڪيس داخل ڪيو ويو آهي: جاچ آفيسر

جوابدارن کي اڄ عدالت پيش ڪيو جتان 5 ڏينهن جو رمانڊ ورتي آهي، ڪيس جي صاف ۽ شفاف جاچ ڪئي ويندي

جيڪب آباد (ن ر) آسيه ڪوسو جنسي زيادتي ڪيس: آسيه ڪوسو جنسي زيادتي ڪيس عدالت پاران ايف آءِ اي حوالي ڪرڻ کان پوءِ ايف آءِ اي ڪرائم سرڪل پاران معاشر ناري آسيه ڪوسو جي ڏاڏي مسمات نور خاتون زال سهڻو ڪوسو جي فرياد تي ٻيهر داخل ڪيو ويو آهي جنهن ڪانيوءَ پوليس پاران داخل ڪيل ايف آءِ آر سي ڪلاس ذريعي ختم ڪئي وئي آهي ان سلسلي ۾ اڄ ايف آءِ اي عملدارن جاچ آفيسر احسان ميراڻي ۽ ٻين پاران گرفتار

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

هالا: اسپتال ۾ سهولتون نه هجڻ خلاف احتجاجي بک هڙتال ڪئي پئي وڃي

هالا ۾ جدوجهد ڪميٽي جو تعلقه اسپتال ۾ سهولتن جي کوٽ خلاف احتجاج

مظاهرين اسپتال جي گيٽ اڳيان مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي

عملو اسپتال ۾ ڊيوٽي ڪرڻ بدران بااثر ماڻهن جي بنگلن تي ڊيوٽيون ڏئي رهيو آهي:مظاهرين

هالا (ت ر) هالا ۾ جدوجهد ڪميٽي پاران تعلقه اسپتال ۾ دوائن ۽ ڊاڪٽرن جي کوٽ سبب صحت جون سهولتون نه ملڻ خلاف اسپتال جي گيٽ اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهري ۾ مختلف تنظيمن جي اڳواڻن شفيع محمد بروهي عبدالرشيد ڏيٽو بهار سهتو سلمان لغاري مصري کوکر سيد منور شاهه عابد شاهاڻي حافظ شڪيل احمد ڪاڪا ۽ ٻين اسپتال انتظاميا جي خلاف سخت نعريبازي ڪندي چيو ته تعلق اسپتال هالا قومي شاهراهه جي

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ ٿڌي هوائن سان
گڏ مينهن سبب موسم
خوشگوار ٿي ويو

سکر (بيورو رپورٽ) گذريل ڏينهن سکر ۾ ٿڌي هوائن سان گڏ مينهن سبب موسم خوشگوار ٿي ويو شهر ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ ڪاراڪڪر ڇانيل رهيا وقفي وقفي سان هلڪي برسات به پوندي رهي.برسات سبب موسم سرد ٿي ويو سردي ۾ اضافي سبب شهري زندگي جو ۽ ڪاروباري رهنوار گهٽجي ويو شهري گرم ڪپڙا پهري سردي کان بچڻ لاءِ ٻاهيون ٻاريون جڏهن ته فاسٽ فوڊ، حليم، پاول سموسا، ڍڪي پلا ۽ ٻين چٽڀٽي ڪاڌي جي

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

ڪوٽ غلام محمد: فوتي شخص جو لاش اسپتال ۾ پيل آهي

خيرپور ۾ اٽو مهانگو ٿيڻ کان پوءِ
خوراڪ کاتي پاران سستو اٽو فراهم ڪرڻ
لاءِ اسٽال قائم ڪيو ويو آهي: ڊي سي

خيرپور(ڊ ر) خيرپور ۾ محڪمي خوراڪ پاران عوام کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ ڇٽي چوڪ تي سستي اٽي جو اسٽال قائم ڪيو ويو آهي جنهن جو افتتاح ڊپٽي ڪمشنر

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

شهباز قلندر جي ميلي ۾ مقامي فنڪارن کي موقعا نه ملڻ خلاف احتجاج

مقامي فنڪارن راڳين، سازندن ۽ آرٽسٽن ڊپٽي ڪمشنر جامشورو کي خط لکيو ويو

آرٽسٽن کي مناسب موقعا ڏيڻ، وظيفو وڌائڻ ۽ ٻيون سهولتون فراهم ڪرڻ جو مطالبو

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) حضرت لعل شهباز قلندر جي سالياني ميلي دوران مقامي فنڪارن، راڳين، سازندن ۽ آرٽسٽن کي مناسب موقعا ڏيڻ سندن وظيفو وڌائڻ ۽ ٻيون بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ جي مطالبن بابت آل سنڌ سنگيت ڪار ايسوسيئيشن (آسا) پاران ڊپٽي ڪمشنر جامشورو کي لکت ۾ درخواست ڏني وئي آهي. درخواست ۾ چاڻايو ويو آهي ته مهانگائي جي هن دور ۾ به لعل شهباز قلندر جي ميلي تي پرفارم ڪندڙ فنڪارن

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ اينٽي ڪرپشن ٽيم جو لائيو اسٽاڪ آفيس تي ڇاپو، ٽن سالن جو رڪارڊ تحويل ۾ ورتو

انسپيڪٽر ڪليم الله مهيسر ۽ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر جنسار علي سومرو جي اڳواڻيءَ ۾ ٽيم آفيس تي ڇاپو هنيو

غيرقانوني ڀرتين، جانورن جي خوراڪ، دوائن ۽ بجيٽ ۾ ڪرپشن جي شڪايتن تي ڇاپو هنيو آهي: عملدار

کاتي جي عملدارن ڪجهه رڪارڊ ڏنو آهي، گهڻو رڪارڊ ناهي مليو جنهن لاءِ عملدارن وقت گهريو آهي

خيرپور(ڊ ر)خيرپور: اينٽي ڪرپشن ٽيم جو لائيو اسٽاڪ خيرپور جي آفيس تي ڇاپو، ٽن سالن جو رڪارڊ تحويل ۾ ورتو ويو ڊپٽي ڊائريڪٽر اينٽي ڪرپشن خيرپور عبدالقادر ڏراڻي جي هدايتن تي انسپيڪٽر ڪليم الله مهيسر ۽ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر جنسار علي سومرو جي اڳواڻيءَ ۾ اينٽي ڪرپشن جي ٽيم آفيس ۾ ڇاپو هڻي رڪارڊ تحويل ۾ ورتو اينٽي ڪرپشن عملدارن ٻڌايو ته لائيو اسٽاڪ آفيس ۾ غيرقانوني ڀرتين، جانورن جي خوراڪ، دوائن

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: لنڪن ڪارنر ۾ شاگردياڻيون فريڊم بيل تي گلڪاري ڪري رهيون آهن

گڏيجي لڳ ڪيلن جي باغ مان تازو
ڄاول ٻارڙي جو لاش، پوليس ڪڍائي ايڌي
رضاڪارن جي حوالي ڪيو

گڏيجي(ن ع) گڏيجي نولڪي واهه جي پل لڳ ڪيلن جي باغ مان تازو ڄاول ٻارڙي جو لاش ڳوٺاڻن ڏسڻ ڪري پوليس کي اطلاع ڏنو جنهن تي پوليس جاءِ هنڌ تي پهچي ڪري تازي ڄاول ٻارڙي جو لاش ڪڍائي مقامي اسپتال منتقل ڪيو ويو

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

سنڌ جي مختلف شهرن ۾ تيز هوائن سان وسڪارا

حيدرآباد جي قاسم آباد، لطيف آباد ۽ ڀهراڙي ۾ وسڪارو ٿيو

برساتي وسڪارن ۽ هوائن سان ٿڌ ۾ اضافو ٿي ويو

حيدرآباد (رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) سڄي سنڌ ۾ اولهه جي برسات جارسڪارا ٿيا سڄي سنڌ ۾ ڪٿي تيز ڪٿي هلڪي برسات جاتيزهوائن سان وسڪارو ٿيو حيدرآباد ضلعي ۾ به برسات جووسڪارو ٿيو حيدرآباد شهر قاسم آباد ۾ هلڪي برسات جووسڪارو ٿيو لطيف آباد ۾ تيز برسات جووسڪارو ٿيو جڏهن ته حيدرآباد تعلقي ڀهراڙي ۾ به برسات جووسڪارو ٿيو سنڌجي گادي واري شهر ڪراچي ۾ به گجگوڙڪنڌڻ سان برسات جووسڪارو ٿيو

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

راٺيپور ۾ غيرقانوني لڳندڙ مال
پڙي کي اسسٽنٽ ڪمشنر سوڀوديرو
مستقل بنياد تي ختم ڪرائي ڇڏيو

راٺي پور(ن ع) راٺيپور جي باب احمد شاهه گيٽ تي غيرقانوني طور لڳندڙ مال پڙي خلاف اسسٽنٽ ڪمشنر سوڀوديرو

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي عدالت ۾ آندل قيدي
پوليس حراست مان فرار، اهلڪارن
پيڇو ڪري ٻيهر سوگهو ڪري ورتو

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) سيشن ڪورٽ جامشورو مان سيڪيورٽي ليپس جو فائدو وٺندي قيدي پوليس حراست مان فرار، قيدي حسن چنا حيدرآباد مان پيشي تي آيل هو جيڪو موقعو ڏسي پوليس حراست مان فرار ٿي ويو جنهن کي بر وقت پيڇو ڪندي سائيٽ ٿاڻي جي ايس ايڇ او خير محمد ملاح ٻيهر گرفتار ڪري عدالت ۾ پيش ڪري ڇڏيو

بُلڙي شاهه ڪريم پوليس جي منشيات فروش خلاف ڪارروائي، جوابدار فرار

ڇڻن پوليس موبائلن ۽ وڏي نفري سان قادر ڏنو شاهه موري وٽ ڪارروائي ڪئي وئي

جوابدار مزاحمت ڪري فرار ٿي ويا، ڇاپي دوران منشيات ناهڻ جو سامان هٿ

بُلڙي شاهه ڪريم(ت ر) بُلڙي شاهه ڪريم پوليس ڇڻن موبائلن ۽ وڏي نفري سان گڏ مختلف ڪيسن ۾ گهربل منشيات فروش جهنگلي ملاح خلاف قادر ڏنو شاهه موري وٽ ڪارروائي ڪئي وئي پوليس موجب

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

ٽل ٿاڻي اندر ناري سان اجتماعي لڄالٽ معاملو، ايس ايڇ او سميت 8 اهلڪارن تي ڪيس داخل

عدالتي حڪم تي ناري آسيه ڪوسو سان لڄالٽ واقعي جي جاچ ايف آئي لاڙڪاڻو حوالي ڪئي

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) ٽل ۾ ٿاڻي اندر ناري آسيه ڪوسو کي پوليس اهلڪارن طرفان اجتماعي لڄالٽ بڻائڻ وارو معاملو عدالتي حڪم تي جاچ ايف آئي لاڙڪاڻو حوالي ٿيڻ بعد ايف آئي ڪمپوزٽ سرڪل لاڙڪاڻو ۾ ايس ايڇ او سب انسپيڪٽر محمد نواز بروهي سميت 8 اهلڪارن خلاف ايف آءِ آر داخل ايف آئي اي لاڙڪاڻو

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

ڪنڊيارو ويجهو نوجوان سولر پليٽ مان ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت

ڳوٺ عبدالڪريم مگريو واسي عبدالرزاق مگريو گهر ۾ ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت ٿي ويو

ڪنڊيارو(ن ع) ڪنڊيارو ويجهو ڳوٺ عبدالڪريم مگريو جو رهواسي نوجوان عبدالرزاق مگريو گهر اندر سولر پليٽ مان

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

اوڏيرو لال: ڌاڙيلن وٽ ٻانڌي بڻايل نوجوان جو وڊيو مان ورتل فوٽو

ڪوٽڙي سائيٽ ۾ پاڻي جو بحران شدت اختيار ڪري ويو رهواسي سراپا احتجاج

ڪوٽڙي (ن ع) ڪوٽڙي سائيٽ ۾ پاڻي جي کوٽ سبب بحران شدت اختيار ڪري ويو آهي ۽ عوام پيئڻ جو پاڻي اٺلپ ٿيڻ ڪري اڄ سرڻ لڳو ڪراچي واهه جي مڪمل بندي سبب ڪوٽڙي ۽ آسپاس جي علائقن 2 لک کان وڌيڪ آبادي هڪ مهيني کان وڌيڪ وقت کان پاڻي جي شديد

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار پوليس جي مبينا زيادتين خلاف عورتون روڊن تي نڪري آيون

خانزاده برادري جي عورتن پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪري نعريبازي ڪئي

پوليس دڪان تي چڙهائي ڪري بناجوازاسان جي ڇوڪرن کي گرفتار ڪيو آهي:مظاهرين

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار پوليس جي مبينا زيادتين خلاف عورتون روڊن تي نڪري آيون . سخت نعريبازي. انصاف جي گهر خبر موجب ٽنڊوالهيار پوليس جي مبينا زيادتين خلاف خانزاده برادري جي عورتن پاران ٽنڊوالهيار پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو ويو پريس ڪلب تي ٿيل احتجاجي مظاهري ۾ عورتن پاران پوليس خلاف سخت نعري بازي ڪئي ان موقعي تي مظاهرين عورتن ميڊيا آڏو ڏانهيندي چيو ته منشيات جي نالي تي پوليس ڪاروباري ماڻهن کي تمام گهڻو تنگ ڪري رهي آهي گذريل ڏينهن پوليس دڪان تي چڙهائي ڪري بناجوازاسان جي ڇوڪرن کي گرفتار ڪيو آهي هنن چيو ته اسان جي

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ صوبائي وزير سردار محمد
بخش خان مهر اڄ کليل ڪچهري ڪندو

لاڙڪاڻو (رپورٽ عبدالوحيد ابڙو) لاڙڪاڻي سنڌ جي زراعت، رانديون ۽ اينٽي ڪرپشن کاتي جو صوبائي وزير سردار محمد بخش خان مهر اڄ ميونسپل اسٽيڊيم لاڙڪاڻو ۾ عوامي شڪايتن ۽ مسئلن ٻڌڻ جي سلسلي ۾ هڪ کليل ڪچهري منعقد ڪندو ان سلسلي ۾ لاڙڪاڻي شهر جي عوام کي صلاح ڏني وڃي ٿي ته هو ان

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊوالهيار جو مختلف فلور ملن جو اوچتو دورو

ڊي سي ڪڻڪ دستيابي، معيار، وزن، اگهن تي عملدرآمد ۽ صفائي انتظامن جو جائزو ورتو

اٽي جي مقرر ڪيل قيمتن ۽ معيار تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو نه ڪيو ويندو:ڊي سي

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار ۾ اٽو مهانگي اگهه تي وڪرو . اٽي جي ذخيري اندوزي ۽ فوڊ کاتي طرفان چڪي مالڪن کي ڪڻڪ جو ڊبل ڪوٽا جاري ڪرڻ واري خبرن کان پوءِ ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊوالهيار نور مصطفيٰ لغاري نوٽيس وٺندي مختلف فلور ملن جو اوچتو دورو ڪيو ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر ٽنڊوالهيار بابر صالح راهپوٽو ، مختيارڪار ٽنڊوالهيار نياز سيال ، فوڊ ڊپارٽمينٽ جا آفيسر ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جا ضلعي آفيسر پڻ ساڻس گڏ هئا دوري

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو ڄام: مبينا خودڪشي ڪندڙ شخص جو لاش وڻ ۾ ٽنگيل آهي

ڄامشورو: مهراڻ يونيورسٽي جو 29هون ڪانووڪيشن
سڀاڻي ٿيندو، انتظام مڪمل

ڄامشورو(پ ر) مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ڄامشورو جو 29هون ڪانوڪيشن ڇنڇر جي ڏينهن 24 جنوري تي مهراڻ يونيورسٽي جي مک آڊيٽوريم ۾ ٿيندو. ڪانووڪيشن جي انتظامن جو جائزو وٺڻ لاءِ وائيس چانسلر مهراڻ يونيورسٽي پروفيسر ڊاڪٽر طحه حسين علي جي صدارت ۾ گڏجاڻي ٿي گذري ڪانووڪيشن ۾ 999 خوشنصيبن کي مهراڻ يونيورسٽي جي ڊگري ملڻ جو اعزاز حاصل ٿيندو ڪانووڪيشن جا سمورا

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوڄام ۾ آئيس جي موالي جو وڻ ۾ ٽنگيل لاش هٿ

وارثن واقعي کي خودڪشي قرار ڏيندي پوسٽ مارٽم کان انڪار ڪري ڇڏيو

پوليس لاش جي ضروري ڪارروائي ڪرائي وارثن حوالي ڪري ڇڏيو

ٽنڊوڄام (ت ر) ٽنڊوڄام ۾ آئيس جي موالي جو وڻ ۾ ٽنگيل لاش هٿ. وارثن پاران واقعو خودڪشي قرار پوسٽ مارٽم ڪرائڻ کان انڪار پوليس پاران ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي خبر موجب ٽنڊوڄام جي نيو ڪالوني پرسان انب جي باغ ۾ وڻ ۾ آئيس جي موالي نوجوان جو ڪاهو ڪاڏل لاش مليو علائقي واسين وڻ ۾ لاش ٽنگيل ڏسي پوليس کي اطلاع ڏنو اطلاع ملڻ تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي وڻ ۾

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: همدرد فائونڊيشن پاڪستان جي صدر سعده راشد ۽ سوئي سدرن گئس جو ترجمان سلمان احمد صديقي نونهال اسيمبلي کي خطاب ڪري رهيو آهي

شهيد حڪيم محمد سعيد هڪ عظيم طبيب، ممتاز محقق ۽ مخلص اڳواڻ هو: سعديه راشد

هو وفاقي وزير ۽ گورنر سنڌ جهڙن اعليٰ عهدن تي پڻ رهيو پر ڏيکاءُ واري زندگي اختيار نه ڪئي

همدرد يونيورسٽي جهڙا ادارا روشن مثال آهن جتي هزارين شاگرد فائدو حاصل ڪن پيا: سلمان صديقي

ڪراچي: (رپورٽ صالح بلوچ) همدرد فائونڊيشن پاڪستان جي صدر سعديه راشد چيو آهي ته جيڪڏهن پاڪستان جي تاريخ ۾ اهڙي ڪنهن شخصيت جي تلاش ڪئي وڃي جيڪا علم، تحقيق، خدمت خلق ۽ اعليٰ اخلاق جو روشن مثال هجي، ته شهيد پاڪستان حڪيم محمد سعيد جو نالو نمايان نظر اچي ٿو هو هڪ عظيم طبيب، ممتاز محقق، ڪامياب منتظم ۽ قوم جو

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

سينٽرل جيل حيدرآباد انتظاميا ماهوار ڪروڙين رپيا ڪمائي ٿي،سورهيه سنڌي

مک گيٽ کان وٺي ملاقات، نئين آمد، پسار، ڪولين جي مد ۾ پئسا ورتا وڃن ٿا

جيل ۾ نئين آمد ۽ ڪجهه قيدين کان پيسا نه ڏيڻ جي صورت ۾ مشقت ورتي وڃي ٿي

سينٽرل جيل حيدرآباد انتظاميا خلاف سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪراچي ۾ پٽيشن داخل ڪرائي ويندي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) سينٽرل جيل حيدرآباد مان قومي ڪارڪنن سهيل ميراڻي ،مهراڻ ميراڻي ، فراز چانڊيو هالار چانگ، ثاقب سميت 14 قومي ڪارڪنن کي سينٽرل جيل حيدرآباد مان تشدد ڪري جيل بدر ڪرڻ خلاف سينٽرل جيل حيدرآباد ۾ قيد قومي ڪارڪن منير ابڙو، اسحاق پرڪڙي، بلال شر ،سني پلي، شبير نوحاڻي ،رحيم ڪوسو اسرار سنجراڻي سميت 100 کان وڌيڪ قيدين ڪاري چڪر اچي چڪر سيڪيورٽي وارڊن جي قيدين جيل جو پٽو

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

ميرپورماٿيلو ۾ ابرار ڪولاچي جي قتل ڪيس ۾ گرفتار زال ۽ ٻيا عدالت پيش

پوليس مقتول جي گهرواري آسيه، سالي شعيب ۽ ڪاشف کي عدالت ۾ پيش ڪيو

فرسٽ سول جج جي عدالت جوابدارن کي 8 ڏينهن جي رمانڊ تي پوليس حوالي ڪيو

ميرپورماٿيلو (ن ع) ميرپور ماٿيلو ٿاڻي پرسان ڪوثر ڪالوني ۾ ٻارهن ڏينهن اڳ گهر ۾ بي دردي سان قتل ٿي ويل ڇڪي مڙس جي ابرار خان ڪولاچي جي قتل ڪيس ۾ گرفتار سندس گهرواري آسيه مقتول جو سالو شعيب ۽ ڪاشف ڪولاچي کي ميرپورماٿيلو پوليس فرسٽ سول جج ۽ جوڊيشل مئجسٽريٽ جي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو عدالت پاران 8 ڏينهن جي رمانڊ تي جوابدارن کي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو آهي جڏهن قتل جي الزام هيٺ آيل ٻين

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار: ضلعي بار جي چونڊن ۾ ڪامياب اميدوارن کي هار پارايا پيا وڃن

ٽنڊوالهيار ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن جي چونڊ، ولي محمد ٿيٻو صدر منتخب

ميمبر مئنيجنگ ڪميٽي جي 7 سيٽن تي 33 اميدوارن ۾ زبردست مقابلو ٿيو

نائب صدر جي سيٽ تي طارق قائم خاني ۽ جنرل سيڪريٽري تي منصور جروار ڪامياب ٿيو

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن ٽنڊوالهيار جي سالياني چونڊ 2026 پرزائيڊنگ آفيسر ۽ ميمبر سنڌ بار ڪائونسل سيد محمد وسيم شاهه ۽ اسسٽنٽ عرفان ڏاهري جي نگراني ۾ ٿي گذري 6 عهدن ۽ ايم ايم سي جي 7 سيٽن تي مجموعي طور 33 اميدوارن وچ ۾ مقابلو ٿيو جنهن ۾ غير سرڪاري غير حتمي نتيجن موجب صدر جي سيٽ تي ولي محمد ٿيٻو 100 ووٽ کڻي ڪامياب ٿي ويو سندس مد مقابل اميدوار منير

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

گل پلازه سانحو افسوسناڪ واقعو آهي، ان تي سياست نه ڪرڻ گهرجي:مخدوم فخرالزمان

اهو ڪنهن هڪ سياسي جماعت جو نه پر سڄي سماج جو گڏيل نقصان ٿيو آهي

18هين ترميم کي خواجا آصف جهڙا ماڻهو ختم نٿا ڪرائي سگهن، اسان ڪنهن به صورت ۾ ختم ٿيڻ نه ڏينداسين

مخدوم فخرالزمان جي شهيد سلمان ملاح جي تڏي تي پهچي سندس والد سان تعزيت ڪئي

مٽياري/اوڏيرولال (نمائندن وڪار) گهرو کاتي جو پارلياماني سيڪريٽري ايم پي اي مٽياري مخدوم فخرزمان ۽ پير امير علي شاهه هاشمي ضلعي صدر پيپلز پارٽي مٽياري ، پيپلز پارٽي اڳواڻ حاجي شهزاد ميمڻ سنڌ ميمڻ اتحاد جي اڳواڻ سردار جگنو ميمڻ پير صفدر شاهه هاشمي جي يو آ اڳواڻ سليم سنڌي مختلف سياسي سماجي اڳواڻن ميمڻ جي وسي پهچي قتل ٿيل شهيد سلمان ملاح جي تڏي تي پهچي سندس وال سان تعزيت ڪئي. ان موقعي

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: سنڌو ڪناري عورتون ڪپڙا ڌوئي رهيون آهن

پنوعاقل ۾ جميعت علماءِ اسلام پاران بدامني خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

ڪارڪنن مولانا محمد صالح انڍڙ، مولانا عبدالحميد مهر ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

شهر ۾ امن امان قائم نه ڪيو ويو ته نيشنل هاءِ وي تي احتجاجي ڌرڻو هڻنداسين: اڳواڻ

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل ۾جميعت علماءِ اسلام پنوعاقل پاران پنوعاقل ۾ بدامني خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي وئي،ڪلپلي جي قيادت جي يو آئي جي صوبائي قائم مقام سيڪريٽري جنرل مولانا محمد صالح انڍڙ،جي يو آئي ضلع سکر جي سيڪريٽري جنرل مولانا عبدالحميد مهر،سردار مير مبين خان بلو جن ڪئي ريلي ۾ پنوعاقل جي اڳواڻن مولانا علي اڪبر عباسي،مولانا رفيق ميراڻي،مولانا سيف الله سائر ۽ ڪارڪن ۽ شهرين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي

سڪرنڊ ۾ آپڪا ملازمن جو مطالبن جي مڃتا لاءِ آفيسن جي تالا بندي

ملازمن ڏتي بخش ملاح ، علي انور ڪيريو، حاجي مراد علي ملاح ۽ ٻين

بلوچستان جي صدر حاجي اصغر بنگلزئي سميت گرفتار ملازمن آزاد ڪيو وڃي: مظاهرين

سڪرنڊ (س ر) آپڪا تعلقي سڪرنڊ جي ملازمن پاران آپڪا بلوچستان جي صدر حاجي اصغر بنگلزئي سميت گرفتار ملازمن جي آزاديءَ لاءِ ٽي اي او سڪرنڊ جي آفيسن جي تالابندي ڪري تعلقي سڪرنڊ جي صدر ڏتي بخش ملاح . علي انور ڪيريو حاجي مراد علي ملاح . يونٽ نوابشاهه جو قائم مقام صدر مشتاق احمد ڏاهري . امام بخش سيال . سونو ڪوسو . هارون ڪيريو. لوئر اسٽاف جي امتياز ڪيريو عزيز لاکو زاهد جمالي جي اڳواڻي

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

اوڏيرولال لڳ ڳوٺ ٻچل ورياهه جا 2 نوجوان اغوا، وارثن کان پنگ طلب

ڌاڙيل اشرف ورياهه ۽ امير علي ورياهه جا ڌار ڌار وڊيو وارثن کي موڪلي پنگ طلب ڪئي

وارثن پاران حڪومت کان نوٽيس وٺي نوجوان جلد بازياب ڪرائڻ جو مطالبو

اوڏيرولال (ن ع) اڏيرولال لڳ ڳوٺ ٻچل ورياهه جو رهواسي اشرف ولد خدا ڏنو ورياهه اغوا ٿي ڌاڙيلن پاران سندس آزادي لاءِ پونگ لاءِ وڊيو جاري ڪري ڇڏيو وڊيو ۾ نوجوان تي تشدد ڪندي ڏيکاريو پيو وڃي جنهن ۾ اشرف ورياهه پنهنجي مائٽن کي اپيل ڪندي چئي رهيو آهي ته ڌاڙيلن کي پنگ ڏئي منهنجي جان ڇڏايو ياد رهي ته ڪجهه ڏينهن اڳ ساڳي ڳوٺ جي نوجوان امير علي ولد محمد ورياهه جو وڊيو به ڌاڙيلن ريڪارڊ ڪري سندس پاءُ کي واٽسپ

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

ملتان: روڊ ڪناري ۾ مزدور ڳڙ ٺاهي رهيا آهن

مانجهند پرسان تيز رفتار ڪار ڪلٽي، نوجوان فوت، ٻارڙن سميت 6 ڄڻا زخمي

دادو کان ڪراچي ويندڙ ڪار ڪلٽي ٿيڻ سبب نوجوان دوست علي ننڊواڻي فوت ٿي ويو

زخمين کي طبي امداد ڏيڻ بعد حيدرآباد جي سول اسپتال منتقل، فوتي جو مڙهه وارثن حوالي

مانجهند (ن ع) مانجهند پرسان ڪوڙهي ڦاٽڪ انڊس هاءِ وي تي دادو کان ڪراچي ويندڙ ڪار ڪلٽي ٿيڻ سبب 30 ورهين جو دوست علي پٽ خادم ننڊواڻي ٿڌي تي فوت ٿي ويو، جڏهن ته محمد ملوڪ پٽ حسين بخش، 6 ورهين جو ٻارڙو محمد عثمان ننڊواڻي 4 ورهين جي آمنه ۽ 8 ورهين جو ٻارڙو محمد حسين، رابيعه ڌيءُ خادم حسين، فاطمه ڌيءُ محمد ملوڪ

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوڄام ويجهو بااثرن جو 16 سالن جي ٽينگر تي تشدد، وارث جو احتجاج

بااثرن مراد شاهه تي تشدد ڪرڻ واري وڊيو پڻ وائرل ڪري ڇڏي

تشدد ڪندڙ بااثر آهن، پوليس انهن خلاف ڪا به ڪارروائي نٿي ڪري: ارباب شاهه

ٽنڊوڄام (ت ر) ٽنڊوڄام ويجهو بااثر نوجوانن جو سورهن سالهه ٽينگر تي وحشياڻو تشدد. نوجوانن تشدد جي وڊيو ريڪارڊ ڪري وائرل ڪري ڇڏي پوليس ڪا به ڪارروائي نه ڪئي وارثن پاران انصاف جي گهر. خبر موجب ٽنڊوڄام ويجهو ڪيسانو موري اسٽاپ وٽ بااثر نوجوانن سورهن سالن جي ٽينگر تي وحشياڻو تشدد ڪيو ۽ تشدد جي وڊيو رڪارڊ ڪري سوشل ميڊيا تي وائرل ڪري ڇڏي وائرل ٿيل وڊيو ۾ ٽينگر تي تشدد ٿيندي ڏسي سگهجي ٿو تشدد

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

سڄاول لڳ افسوسناڪ روڊ حادثو 3 ڄڻا فوت، هڪ زخمي

سيدپور وٽ سوزوڪي، ڊمپر ۽ ٽريڪٽر ٽرالي حادثي ۾ جمن ملاح ۽ عباس موقعي تي فوت

سوزوڪي ڊرائيور ۽ عبدالحفيظ زخمي ٿيا، اسپتال نيندي هاشم رستي ۾ دم ڏٽي حوالي ڪيو

زخمي جي حالت ڳڻتي جوڳي هجڻ سبب ڪراچي منتقل ڪيو ويو، لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام

سڄاول (ڊ ر) سڄاول لڳ سيدپور وٽ ڊمپر ٽريڪٽر ٽرالي پڪ اپ سوزڪي ۾ حادثو ٿيڻ جي نتيجي ۾ سڄاول جا رهائيشي ٻه نوجوان جمن ملاح ۽ عباس ملاح موقع تي فوت ٿي ويا جڏهن ته ٻه ڄڻا سوزڪي ڊرائيور هاشم ۽ عبدالحفيظ سخت زخمي ٿي پيا سوزڪي ڊرائيور هاشم ڪراچي ويندي رستي ۾ زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو فوتين ۽ زخمي کي 1122 ايمبولينس ذريعي سول اسپتال سڄاول منتقل ڪيو ويو هڪ زخمي جي سيريس

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

ٻٽ شاهه: روڊ حادثي ۾ تباهه ٿيل وين، ٻئي طرف اسپتال ۾ زخمين جو علاج ڪيو پيو وڃي

محرابپور ۾ صفائي عملي پاران
سينيٽري انسپيڪٽر جي زيادتين
خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

محرابپور (ت ر) محرابپور ۾ صفائي عملي پاران سينيٽري انسپيڪٽر جي مبينه زيادتين خلاف يونين اڳواڻ جمعدار رياض شيخ جي اڳواڻي ۾ احتجاجن پنڌائي پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪندي ڏانهيو آهي ته سينيٽري انسپيڪٽر عليناز مغل صفائي عملي ملازمن سان اڻگهيو رويو اختيار ڪري تذليل ڪري رهيو آهي هنن وڌيڪ چيو ته شهر جي صاف سترائي لاءِ ڏينهن رات ڪوشان هئڻ باوجود سينيٽري

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو آدم: انجاڻ گاڏي جي ٽڪر ۾ فوت ٿي ويل نوجوان جو لاش

ٻٽ شاهه لڳ وين جو ٽرالي سان ٽڪر، 7 ڄڻا زخمي

قومي شاهراهه تي وين جو بريڪ ٿيڻ سبب ٽرالي سان ٽڪر ٿي پيو

حادثي سبب جنيد، الهه رکيو، نادرعلي، اياز علي ۽ ٻيا زخمي، اسپتال منتقل

ٻٽ شاهه (ن ع) ٻٽ شاهه قومي شاهراهه تي وين ۽ ٽرالي ۾ ٽڪر 7 کان وڌيڪ ڄڻا زخمي، 3 نازڪ حالت ۾ حيدرآباد منتقل ٻٽ شاهه قومي شاهراهه تي وين جي بريڪ فيل ٿيڻ سبب ٽرالي سان زور دار ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ وين ۾ سوار 6 مرد ۽ 1 عورت سميت 7 ڄڻا زخمي ٿي پيا، جڏهن ته ذريعن موجب زخمين جو انگ 7 کان وڌيڪ پڻ ٻڌايو پيو وڃي اطلاع ملڻ تي ريسڪيو 1122 ۽ پوليس واقعي واري هنڌ پهچي زخمين کي ڪيئي فوري طور

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

خيرپور پوليس پاران 5 جوابدارن کي
گرفتار ڪري منشيات برآمد ڪرڻ
جي دعويٰ

خيرپور(ڊ ر) ايس ايس پي خيرپور ڊاڪٽر سميع الله سومرو جي هدايتن تي عمل ڪندي خيرپور پوليس جون ڪامياب ڪارروائيون جاري آهن پهرين ڪارروائي اڪري پوليس گشت دوران علي نواز واهه وٽ ڪندي منشيات فروش جوابدار جلال چانڊيو عبدالمجيد سولنگي ۽ غلام دين پاتو کي گرفتار ڪيو جن جي قبضي مان 09 ليٽر ڪچو شراب هٿ ڪري مٿن ڪيس داخل ڪيو ويو جڏهن ته ٻي ڪارروائي ٻوڙدار وڏا پوليس گشت دوران ڪارروائي ڪندي منشيات فروش جوابدار ضياءُ الرحمن پنهور کي گرفتار ڪري ان جي قبضي مان 1500 گرام ڀنگ هٿ

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي سائيٽ جي اسڪولن ۽ مسجدن مان چورين جي واقعن خلاف مظاهرو

بستي جي رهواسين نجي اسڪولن جي انتظاميا ۽ سول سوسائٽي جي اڳواڻن احتجاجي ريلي ڪڍي

ايس ايس پي آفيس جي گيٽ آڏو ڌرڻو هنيو ويو، وڌندڙ بدامني جو نوٽيس وٺي گشت وڌايو وڃي: مظاهرين

ڪوٽڙي (ن ع) ڪوٽڙي سائيٽ ۽ خدا جي بستي واري علائقي ۾ وڌندڙ بدامني اسڪولن ۽ مسجدن مان ٿيندڙ چورين جي

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

خيرپور ٿاڻي جي اڳيان موٽرسائيڪل ۽ سامان ڦر، شهرين جو احتجاج

بي سيڪشن ٿاڻي اڳيان هٿيارٻند جهانگير کان موٽرسائيڪل ۽ سامان ڦري ويا

خيرپور(ڊ ر) خيرپور بي سيڪشن ٿاڻي جي اڳيان نامعلوم ڦورن استاد جهانگير احمد کان موٽر سائيڪل موبائيل فون ۽ ٻيو سامان ڦر ڪري فرار ٿي ويا آهن ان موقعي تي شهرين استادن ۽ متاثر جهانگير عمران سارنگ جنيد ۽ ٻين احتجاج ڪندي چيو آهي ته اسان جي ڦر ٿيل موبائيل موٽر

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

سامارو مين روڊ تي ٽريڪٽر ٽرالي ڪلٽي، ڊرائيور چيڀاٽجي فوت

فتح گارڊن سامهون ڪمند سان لوڊ ٿيل ٽريڪٽر ٽرالي ٽائر پنڪچر ٿيڻ سبب ڪلٽي ٿي پئي

حادثي جي نتيجي ۾ ٽريڪٽر ڊرائيور عبدالحق مهر ڪمند هيٺان دٻجي فوت ٿي ويو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪڍائي اسپتال منتقل ڪيو، ڪارروائي بعد مڙهه وارثن حوالي

ڪوٽ غلام محمد (ت ر) سامارو مين روڊ تي فتح گارڊن سامهون افسوسناڪ حادثو پيش آيو جتي ٿرپارڪر شوگر مل ڏانهن ويندڙ ڪمند سان لوڊ ٿيل ٽريڪٽر ٽرالي جو ٽائر پنڪچر ٿيڻ سبب ٽرالي ڪلٽي ٿي وئي جنهن جي نتيجي ۾ ٽريڪٽر ڊرائيور عبدالحق ولد محمد رمضان مهر ڪمند هيٺان دٻجي موقعي تي ئي فوت ٿي ويواطلاع ملڻ تي ڪوٽ غلام محمد پوليس فوري طور واقعي واري هنڌ پهچي لاش ڪڍي تعلقه اسپتال ڪوٽ غلام

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: آن فارم واٽر مئنيجمينٽ جا ملازم پگهار نه ملڻ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

آن فارم واٽر مئنيجمينٽ ملازمن جو پگهار بند ڪرڻ خلاف احتجاج

ڊي جي پاران پنهنجا ماڻهو مقرر ڪرڻ ۽ ملازمن جون پگهارون جاري نه ڪرڻ تي نعريبازي ڪئي

پگهارون جاري ڪري غير قانوني مقررين کي هٽائي فاقاڪشي کان بچايو وڃي: مظاهرين

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) آن فارم واٽر مئنيجمينٽ ڪانٽيجينسي ايمپلائيز ايڪشن ڪميٽي پاران ڪين ڏيڍ سال کان پگهارون نه ملڻ ۽ سندن جڳهه تي ڊي جي پاران پنهنجا من پسند ماڻهو مقرر ڪري انهن کي پگهارون جاري ڪرڻ تي ڊي جي نديم شاهه خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب جي آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو. متاثر ملازمن ڊي جي آن فارم واٽر مئنيجمينٽ سيد نديم شاهه خلاف سخت نعريبازي ڪئي.ان موقعي تي ايڪشن

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

ڪڪڙ ۽ ڀرپاسي بدامني چوٽ
چڙهيل، ڳوٺاڻن کان
موٽرسائيڪل ۽ موبائل فون ڦر

ڪڪڙ (ن ع) ڪڪڙ ۽ آس پاس جي علائقن ۾ بدامني رڪجي نه سگهي ڏوهاري رڻ ٻاري ڇڏيو پوليس امن قائم ڪرڻ ۾ مڪمل ناڪام ٿي وئي شهري ۽ ڳوٺاڻا رستن ۽ گهرن ۾ غير محفوظ ٿرڙي جادو

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

جاتي جي نامياري شخصيت
وڏيرو محمد بخش سيال لاڏاڻو
ڪري ويو

جاتي (ن ع) جاتي تعلقي جي معروف شخصيت، شيرازي گروپ جي اهم اڳواڻ ۽ ٽائون ڪميٽي جاتي جي ڪائونسلر غلام مصطفيٰ سيال جو والد، وڏيرو محمد بخش سيال ڪجهه عرصي کان بيمار رهڻ بعد ڪراچي جي هڪ نجي اسپتال ۾ لاڏاڻو ڪري ويو مرحوم جي جنازي نماز آبائي

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

سرگوڌا: شاگردياڻيون پنڪ پنجاب راندين ۾ والي بال کيڏي رهيون آهن

دادو ضلعي ۾ فيڪ نيوز ۽ عطائي صحافين خلاف سخت ڪارروائي جو فيصلو

ڊي سي دادو، ايس ايس پي ۽ رجسٽرڊ پريس ڪلبن سان اين پي وي اي پاليسي تي اجلاس

اڻ رجسٽرڊ پريس ڪلبن کي بند ڪرائڻ، انتهاپسندي خلاف حڪمت عملي تيار ڪرڻ جو فيصلو

دادو/خيرپور ناٿن شاهه (نمائندن وڪار) دادو ضلعي انتظاميه فيڪ نيوز، قومي، راڄوڻي سياسي ۽ مذهبي انتشار پکيڙيندڙ عطائي صحافين ۽ اڻ رجسٽرڊ پريس ڪلبن خلاف سخت ڪارروائي جو فيصلو ڪري ورتو ڊي سي دادو سيد علي مرتضيٰ شاهه،ايس ايس پي دادو امير سعود مگسي، پروفيسر اظهر علي شاهه ۽ ٻين عملدارن ۽ رجسٽرڊ پريس ڪلبن دادو، کي اين شاهه پريس ڪلبس جي عهديدارن سان ۽ ٽائون ڪاميٽي سيدارون جي چيئرمين قمبر علي

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

ريفارم سپورٽ يونٽ
اسڪول ايجوڪيشن اينڊ لٽريسي ڊپارٽمينٽ، حڪومت سنڌ

ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

ريفارم سپورٽ يونٽ ASPIRE پروجيڪٽ ذريعي 60 اسڪولن ۾ اسٽريم ليبارٽريز جي قيام لاءِ پروڪيورمينٽ، جنهن ۾ هر پيڪيج ۾ سنڌ صوبي جي ٿرپارڪر، عمرڪوٽ، شهيد بينظير آباد، ۽ دادو ضلعن ۾ SE&LD اسڪولن لاءِ 15 ليبارٽريون قائم ڪيون وينديون.

بڊ ريفرنس نمبر: RSU-SE&LD/ASPIRE/STREAM/2025-26

سنڌ حڪومت کي "ايڪشنز ٽو اسٽرينٿن پرفارمنس فار انڪليوسو اينڊ ريسپانسو ايجوڪيشن (ASPIRE)" پروگرام لاءِ پاڪستان حڪومت ذريعي عالمي بينڪ کان گرانٽ ملي آهي. سنڌ حڪومت جي اسڪول ايجوڪيشن ۽ لٽريسي ڊپارٽمينٽ جي ريفارم سپورٽ يونٽ (اڳتي "دي پروڪيورنگ ايجنسي" سڏيو ويندو) هيٺ ڏنل لاٽ - وائز پيڪيجز جي پروڪيور جو ارادو رکي ٿي.

لاٽ-01: ضلعي دادو ۾ 15 اسٽريم ليبارٽريز جو قيام.
لاٽ-02: ضلعي شهيد بينظيرآباد ۾ 15 اسٽريم ليبارٽريز جو قيام.
لاٽ-03: ضلعي عمرڪوٽ ۾ 15 اسٽريم ليبارٽريز جو قيام.
لاٽ-04: ضلعي ٿرپارڪر ۾ 15 اسٽريم ليبارٽريز جو قيام.

اهو ڪيترن ئي بنيادن تي هر ضلعي ۾ 15 اسڪولن سان مخصوص گرانٽ تحت عمل ۾ آندو ويندو. ايف بي آر ۽ ٻين لاڳاپيل اختيارين سان رجسٽرڊ تجربيڪار ۽ معروف فرمون، جيڪي لاڳاپيل تجربو رکن ٿيون، ايس پي پي آر اي پورٽل، اي-پاڪ اڪيوزيشن اينڊ ڊسپوزل سسٽم (اي-پيڊس) ذريعي اليڪٽرانڪ آڇون/پروپوزل (هڪ مرحلي تي ٻه لفافي طريقيڪار رول 46 (2) آف سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز 2010 (اڄ تائين ترميم/اپڊيٽ ٿيل)) ذريعي ٽينڊر جمع ڪرائن. قابليت ۽ ٻين گهرجن جي مڪمل تفصيل واڪ دستاويزن ۾ ڏنل آهن.

اهل واڪ ڏيندڙ e-PADS (https://portalsindh.eprocure.gov.pk/#/) تان واڪ دستاويز ڊائون لوڊ ڪري سگهن ٿا. اي-پيڊس تي اليڪٽرانڪ طور تي آڇون جمع نه ڪرائيندڙن جون دستي آڇون قبول نه ڪيون وينديون.

سڀني خواهشمند واڪ ڏيندڙن کي **هر لاٽ لاءِ پاڪستاني رپين ۾ پي آرڊر/ڊيمانڊ ڊرافٽ جي صورت ۾ -/3000 پاڪستاني رپيا (ناقابل واپسي)** ٽينڊر فيس جمع ڪرائڻي پوندي ۽ ڪنهن به شيڊول بينڪ آف پاڪستان يا ڪنهن غير ملڪي بينڪ پاران **هر لاٽ لاءِ چيف پروگرام مئنيجر، ريفارم سپورٽ يونٽ جي حق ۾** پاڪستان ۾ شيڊول بينڪ پاران ڪارآمد طور تي ڪائونٽر گارنٽي ڏنل پي آرڊر/ڊيمانڊ ڊرافٽ/بينڪ گارنٽي جي صورت ۾ آڇيل رقم جي **2.0 سيڪڙو بِڊ سيڪيورٽي** جمع ڪرائڻي پوندي. ۽ بِڊ سيڪيورٽي جي ڪاپي اصل اي-اسٽامپ/ اسٽامپ سان گڏ جيئن واڪ دستاويزن ۾ گهربل هجي، چيف پروگرام مئنيجر، ريفارم سپورٽ يونٽ، بنگلو نمبر E-47، 48 هين اسٽريٽ، PECHS، بلاڪ –06، شاهراهه فيصل، ڪراچي جي آفيس ۾ **10 فيبروري 2026 تي منجهند 02:30 وڳي** تائين پهچائڻ گهرجي. ان کان دير نه ٿيڻ گهرجي. واڪ جو ڪارآمدي مدو آڇ جي ڪارآمدي مدي کان 90 ڏينهن هجڻ گهرجي. ٽيڪنيڪل آڇون، آڇن جي وصولي جي آخري تاريخ جي ساڳئي ڏينهن شام 03:00 وڳي کوليون وينديون.

واڪ دستاويز جاري ڪرن جو شيڊيول **23 جنوري 2026 کان 10 فيبروري 2026** تائين هوندو، جڏهن ته **10 فيبروري 2026 تي منجهند 02:30 وڳي** تائين واڪ جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ آهي. ٽيڪنيڪل آڇون **10 فيبروري 2026 تي شام 03:00 وڳي** ريفارم سپورٽ يونٽ (RSU) جي ڪميٽي روم، اسڪول ايجوڪيشن ۽ لٽريسي ڊپارٽمينٽ حڪومت سنڌ، بنگلو نمبر E-47، 48 هين اسٽريٽ، PECHS، بلاڪ –06، شاهراهه فيصل، ڪراچي ۾ کوليون وينديون.

پروڪيورنگ ايجنسي **SPPRA رولز 2010 (اڄ تائين ترميم ٿيل)** جي لاڳاپيل شقن جي تحت ڪنهن به يا سڀني آڇن کي رد ڪري سگهي ٿي ۽ **SPP رولز 2010 (اڄ تائين ترميم ٿيل) جي قاعدي –(i)25** مطابق لازمي طور تي واڪ يا تجويز جي قبوليت کان اڳ ڪنهن به وقت واڪ جي عمل کي منسوخ ڪري سگهي ٿي. جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ / کلڻ جي تاريخ تي ڪنهن به سرڪاري موڪل جي صورت ۾ يا اٽڙ حالتن جي ڪري، واڪ دستاويز اينڊڙ ڪم واري ڏينهن تي ساڳئي وقت ۽ هنڌ تي وصول ڪيا ۽ کوليا ويندا.

چيف پروگرام مئنيجر
ريفارم سپورٽ يونٽ (آر ايس يو) اسڪول ايجوڪيشن اينڊ لٽريسي ڊپارٽمينٽ
آفيس ايڊريس: بنگلو نمبر E-47، 48 هين اسٽريٽ، PECHS، بلاڪ –06، شاهراهه فيصل، ڪراچي فون: 021-34304441

INF(KRY)0219/26

I WORK FOR SINDH
www.iwork4sindh.com
A JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.